# مُفصل سنڌي لغت

## جلد ڇهون

(ڏ - ڊ - ڍ - ڌ - ر - ڙ ۽ ز)

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

# مُفصل سنڌي لغت

جلد ڇھون

(ڏ-ڊ-ڍ-ذ-ر-ڙ ۽ ز)

سرپرست اعليٰ

**ڊاڪٽر محمد علي مانجھي**


**ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ**

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

# مُفصل سنڌي لغت

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل جامع سنڌي لغات تي آڌاريل ڇاپو)

## جلد ڇهون
## (ڏ-ڊ-ڍ-ذ-ر-ڙ ۽ ز)

سرپرست اعليٰ

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ايڊيٽر

ضراب حيدر

نظرثاني

* پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا
* مدد علي سنڌي
* ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
* ڊاڪٽر شير مهراڻي

سب ايڊيٽر / ريسرچر

عبدالله 'ناصر' قاضي ۽ اياز علي شيخ

**سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو تحقيقي عملو**

* ضراب حيدر (انچارج ريسرچر)
* عبدالله 'ناصر' قاضي (ريسرچر)
* اياز علي شيخ (ريسرچر)
* راز محمد لغاري (ڪمپيوٽر آپريٽر)
* بلقيس لاشاري (ڪمپيوٽر آپريٽر)


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

# ارپنا

’مفصل سنڌي لغت‘ جو هي ڇهون جلد سنڌي ٻوليءَ جي محسن، ماهرِ لسانيات ۽ ڏاهي

**پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا**

۽ نامياري تعليمدان ۽ ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ جي اڳوڻي انچارج / لغت ساز

**پروفيسر سيد شير شاهه بخاريءَ**

کي ارپي رهيا آهيون.

هنن صاحبن جون مفصل سنڌي لغت جي اڳين جلدن ۾ اڻ ڳڻيون / تاريخي ڪوششون ۽ ڪاوشون آهن.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

چيئرمئن

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# ڇپائيندڙ پاران

مون کي بيحد خوشي محسوس ٿي رهي آهي، جو ’مفصل سنڌي لغت‘ جو جلد ڇهون پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج ۾ انهيءَ ٻوليءَ جي گرامر جو هئڻ لازمي آهي. سنڌي ٻولي بہ هڪ شاهوڪار ٻولي آهي، جنهن ۾ نت نوان لفظ ۽ اصطلاح اوهان کي هر هنڌ ڳالهائيندي، ٻڌندي ۽ لکندي نظر ايندا. بنيادي طور تي لغت سازي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو ئي ڪم ۽ ذميواري آهي، جنهن جي وسيلي ٻوليءَ ۾ وسعت اچي ٿي ۽ يقينا لفظن جو ذخيرو ٻولي جي ترقي ۽ واڌاري جو سبب بڻجي ٿو. هن کان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ تي جن عالمن ڪم ڪيو آهي، تن ۾ ڪيپٽن جارج اسٽيڪ، ڊپٽي ڪليڪٽر حيدرآباد، آخوند عبدالرحيم عباسي، جهمٽمل نارو مل وسناڻي، فادر. جي. شرٽ، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، پيرو مل مهر چند آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، مولوي علي محمد مهيري، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ ٻيا ڪيترائي معتبر نالا اچي وڃن ٿا. اوهين ڏسو تہ اسان جي انهن عالمن ڪيڏي نہ محنت سان ڪم ڪيو آهي. آخوند عبدالرحيم عباسي جي تيار ڪيل لغت ’جواهر لغات سنڌي اڪيچار‘ آهي. يادرهي 1886ع ۾ جهمٽمل نارو مل وسناڻي جي جوڙيل وٿيپٽي ڪوش، ميرزا صادق علي، فادر. جي. شرٽ ۽ اُڌارام ٿانورداس جي گڏيل طور تي ڇاپيل ’سنڌي انگريزي ڊڪشنري‘ يا ان کان اڳ حيدرآباد جي جفاڪش ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيپٽن جارج اسٽيڪ جي سال 1849ع ۾ ڇاپيل ’انگريزي سنڌي ڊڪشنري‘، وغيره ثابتي آهي، اسانجي عالمن جي محنت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عظمت جي!

يقيناً ’جامع سنڌي لغات‘ ڇاهڻ جي رٿا سال 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شروع ڪئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو نالو سر فهرست آهي. جنهن کي انهيءَ ڪم لاءِ سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر، ڊسمبر 1951ع ۾ سنڌي يونيورسٽي جي موجوده اولڊ ڪيمپس ۾ هڪ ڪمرو حوالي ڪيو هو. انهيءَ ڪم جي نگراني علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ڪئي هئي.

سال 2011ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري نئين سِر ’مفصل سنڌي لغت‘ تي ڪم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪرايو انهي ڪم جي سلسلي ۾ هن مهل تائين ’مفصل سنڌي لغت‘ جا ڪل 5 جلد شايع ٿي چڪا آهن. پر ان سلسلي ۾ ڇاڪاڻ تہ لغت اسڪيم لاءِ فنڊز ختم ٿي ويا. تہ سنڌ جي ثقافت واري وزير جناب سيد سردار علي شاهہ فوري طور ثقافت کاتي کي ’مفصل سنڌي لغت اسڪيم‘ جي سلسلي ۾

رٿا جوڙڻ جي هدايت ڪئي. انهيءَ ڪانپوءِ هاڻ هي ڇهون جلد ثقافت کاتي طرفان شايع ڪرايو پيو وڃي. انشاءَ الله تعاليٰ ’مفصل سنڌي لغت‘ جو هي ڇهون جلد حال ۽ مستقبل جي محققن ۽ لغت سازن لاءِ هڪ ڪارائتو تاريخي دستاويز ضرور ثابت ٿيندو.

ان کان سواءِ هن کان پوءِ ’مفصل سنڌي لغت‘ جو ستون جلد ’س‘ اکر تي مشتمل آهي. چاڪاڻ ته ’س‘ ۾ تمام گهڻيون داخلائون آهن. ان ڪري ’س‘ جو مڪمل هڪ ٿي جلد هوندو ۽ باقي رهيل 24 اکرن تي ڪم هلندو رهندو. رب ۾ اميد آهي ته ’مفصل سنڌي لغت‘ اسڪيم جلد پنهنجي تڪميل تائين پهچندي هن ڪم ۾ سنڌي ٻولي جي با اختيار اداري جو فعال ميمبر بورڊ آف گورنرز مسٽر مدد علي سنڌي، جنهن هن کان اڳ ’مفصل سنڌي لغت‘ جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ 4 جلد مڪمل ڪري ڏنا هئا. دلجوئي سان ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن لاءِ سندس واکاڻ ڪرڻ کان نٿو رهي سگهجي. مون کي اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو پنهنجي مقرر ڪيل راهه تي گامزن رهي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ اڳي کان اڳيرو رهندو.

03 جون 2021 ع

**غلام اڪبر لغاري**
**سيڪريٽري**
**ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ**

# اداري پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اهم ڪمن مان ’لغت نويسي‘ ﻫﻚ اهم ڪم آهي، جنهن ۾ ’سنڌي لغت‘ سان گڏوگڏ گهڻ موضوعاتي لغتن جي تياري ۽ اشاعت شامل آهي. ادارو پنهنجي قيام کان وٺي گهڻ موضوعاتي ٻوليون سنڌي – سنڌي لغت جي تياري ۽ اشاعت کي يقيني بڻائيندو رهيو آهي. هن سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي ’مفصل سنڌي لغت‘ جي ڇهين جلد کي پڌرو ڪندي اسان بيحد خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. جو هيءَ اهم ڪم منهنجي حصي ۾ آيو آهي.

حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان پهرين ڇپيل لغت، ڪئپٽن جارج اسٽيڪ جي ’انگريزي-سنڌي ڊڪشنري‘ آهي، جيڪا 1849ع ۾ پڌري ٿي. ان کانپوءِ ڪئپٽن اسٽيڪ ٺي ’سنڌي-انگريزي ڊڪشنري‘ تيار ڪئي، جيڪا سن 1855ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. هي ٻئي لغتون ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل تيار ڪيون ويون هيون. [اهي ٻئي لغتون موجوده عربي – سنڌي لپيءَ ۾ تبديل ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2011ع ۾ ڇاپيون ويون آهن.] انهن کان ڏسڻ کانپوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ لغتن تي ڪم ڪندڙ ديوناگري ڄاڻندڙ ماهرن انهن مان گهڻو لاڀ حاصل ڪيو ۽ چڱو ’لفظي خزانو‘ (Vocabulary) سامهون آيو. انهيءَ ساڳئي دور ۾ سنڌ جي هڪ عالم آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي تيار ڪيل لغت ’جواهر لغات سنڌي اڪيچار‘ جي قلمي نسخي مان ٻه گهڻو فائدو ورتو جيڪا ’سنڌي – فارسي لغت‘ هئي. [اها لغت بعد ۾ سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران 1993ع ۾ ڇپجي چڪي آهي.] 1886ع ۾ جهمٽمل نارومل وسناڻيءَ جي جوڙيل ’وٿيپتي ڪوش‘ ۾ سنسڪرت جي بنياد وارا لفظ ڏنا ويا. تنهن کانپوءِ 1879ع ۾ مرزا صادق عليءَ. فادر. جي. شرٽ ۽ اُڌارام ٿانورداس گڏجي هڪ ’سنڌي-انگريزي ڊڪشنري‘ جوڙي، جنهن ۾ هنن ’عربي-سنڌي لپي‘ ڪم آندي. جئين جئين تعليم عام ٿيندي وئي، انگريزيءَ جو واهپو وڌندو ويو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ جو عمل ٻه وڌيو. تيئن تيئن ’سنڌيءَ کان انگريزي‘ ۽ ’ انگريزي کان سنڌي‘ ڊڪشنرين جي ضرورت وڌندي وئي. 1907ع ۾ پيرو مل جي شاهه لطيف جي ٽن سُرن تي مشتمل ’غريب الغات‘ ڇپي. 1910ع ۽ 1933ع ۾ پرمانند ميوارام جون لغتون / ڊڪشنريون آيون. مرزا قليچ بيگ جون 1914ع ۾ ’لغات لطيفي‘ ۽ 1924ع ۾ ’لغات قديمي‘ آيون. اهڙي ريت سنڌ جي ناليواري عالم، اديب، شاعر ۽ ٻولي ماهر علي محمد مهيري سنڌي لغت جوڙڻ جو چڱو ڪم ڪيو.

1940ع ۾ 'سنڌي ساهيت مرڪز' سرڪاري بورڊ پاران لغت جي ڪميٽي جڙي. اڳتي هلي 'سنڌي ادبي بورڊ' 1951ع ۾ هڪ باقاعدي ٽن سالن جي رٿا 'جامع سنڌي لغات' نالي سان شروع ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ اهڙي آڇ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ڪئي وئي. ڊسمبر 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب پاران سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ 'ڊڪشنري آفيس' قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڏنو ويو جتي لغت جو خاڪو جوڙيو ويو ۽ جنوري 1952ع ۾ان آفيس ۾ باقاعدي ڪم جي شروعات ڪئي وئي. ايئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ هڪ اهڙي ٽيم جوڙي وئي. جنهن کي ڪم ورهائي ڏنو ويو. 1952ع کان 1958ع تائين مختلف مشڪلاتن باوجود 'جامع سنڌي لغات' جو پهريون جلد 1960ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ٻيا جلد 'سنڌي ادبي بورڊ' پاران ڇپجندا رهيا. انهن جو سمورو خرچ سنڌ سرڪار جي ڏنل فنڊن مان 'سنڌي ادبي بورڊ' پنهنجي ذمي کنيو. ان ڪري پهرئين ڇاپي تي اکر لکيا ويا: **'رسمي واهتمام: سنڌي ادبي بورڊ. زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ'** لغت نويسيءَ جو اهو تمام وڏو ڪم پهريون ڀيرو ٿيو. اهڙيءَ ريت 'جامع سنڌي لغات' جا پنج جلد 'سنڌي ادبي بورڊ' شايع ڪيا ۽ پوءِ وقت بہ وقت اُن جا ايڊيشن پڌرا ٿيندا رهيا.

سال 2011ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس محسوس ڪيو تہ ڪيترن ئي علمن، هنرن وغيره جا نوان نوان لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ اچي رهيا آهن. تنهنڪري هڪ نئين (واڌاري سان) لغت جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن موجب ٻين لغتن سان گڏ 20 جلدن تي مشتمل 'مفصل سنڌي لغت' جي رٿ منظور ڪرائي وئي. اهڙي ريت 'مفصل سنڌي لغت' جي هن رٿا جي سال 2012ع ۾ شروعات ڪئي وئي. اهڙيءَ طرح هن سلسلي جو پهريون جلد سيپٽمبر 2015ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اکر 'آ ۽ الف' جون اٽڪل 11000 هزار داخلائون شامل آهن. اهو جلد 530 صفحن تي مشتمل آهي. ان کانپوءِ 'مفصل سنڌي لغت' جو جلد ٻيو مئي 2016ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ 'ب ۽ ٻ' اکرن جون 8500 داخلائون شامل آهن. اهڙيءَ ريت 'مفصل سنڌي لغت' جو ٽيون جلد جنوري 2017ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ اکرن 'ڀ، ت، ٿ ۽ ٽ' تي ٻڌل 8000 اٺ هزار داخلائون ڏنل آهن. ساڳئي وقت 'مفصل سنڌي لغت' جو چوٿون جلد فيبروري 2018ع ۾ ڇپجي منظرعام تي آيو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي 'ٺ، ث، پ، ج، ڄ، جهہ ۽ ڃ' اکرن جون ڏهہ هزار داخلائون ڏنل آهن. هن لغت جو جلد پنجون 2019ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو 'چ، ڇ، ح، خ، د ۽ ڌ' اکرن تي ٻڌل 450 صفحن جو آهي ۽ هيءَ ڇهون جلد 'ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ ۽ ز' اکرن تي ٻڌل آهي. جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

اهڙيءَ ريت 'مفصل سنڌي لغت' جو ڪم پنهنجي تڪميل ڏانهن وکون وڌائي رهيو آهي. اميد تہ 'مفصل سنڌي لغت' جو هيءُ اهم ڪم پنهنجي تڪميل تائين پهچندو. هيءَ حقيقت آهي تہ 'مفصل سنڌي لغت' ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي 'جامع سنڌي لغات' تي ئي آڏاريل آهي.

’مفصل سنڌي لغت‘ جي ڇهرين رتا جي ڇپجڻ کان پوءِ رهيل ڪم لاءِ رٿا کي ٻيهر منظور ڪرايو ويو. رٿا کي ٻيهر منظور ڪرائڻ ۽ عملي طور لاڳو ڪرڻ ۾ ثقافت کاتي جي وزير محترم سيد سردار علي شاهه صاحب ۽ سيڪريٽري محترم غلام اڪبر لغاري صاحب جي سنڌي ٻوليءَ سان پيار ۽ ذاتي دلچسپيءَ جو ثبوت آهي، سندن هيءَ ڪوشش سدائين ياد ڪئي ويندي. ’مفصل سنڌي لغت‘ جي ايڊيٽنگ جو اهم ڪم مشهور عالم، لسانيات جو ماهر ۽ سنڌي ٻوليءَ جو محسن پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ڪندو رهيو. هن جلد جي ٻـ ايڊيٽنگ پاڻ ڪري، وڌيڪ ايڊيٽنگ لاءِ محترم سائين مدد علي صاحب ۽ محترم ڊاڪٽر شير مهراڻي جي حوالي ڪيائون. سائين مدد علي سنڌي سان گڏوگڏ آئون هن جلد جي سمورن ايڊيٽرن، ’ڊڪشنري بورڊ‘ جي ايڊيٽر ۽ ڪم ڪندڙ سمورن ڪارڪنن جي محنت کي ٻـ ساراهڻ ضروري سمجهان ٿو جن هن جلد ۾ دلچسپيءَ سان ڪم ڪيو. اميد تـ سنڌي ٻوليءَ جي لغت سازيءَ ۾ هيءَ لغت اهم اضافو ثابت ٿيندي. مانوارن محققن، عالمن ۽ سُڄاڻ شخصن کي گذارش آهي تـ جيڪڏهن ڪي اهم لفظ يا اصطلاح وغيره هن يا اڳين جلدن ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويا آهن تـ مهرباني ڪري اُهي اداري کي موڪليا وڃن تـ جيئن اهي ايندڙ ڇاپن ۾ شامل ڪري سگهجن.

04 مئي 2021
حيدرآباد

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
چيئرمئن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# رَنديا روڙيا جَن!

’لغت‘ ڇا آهي! ’لغت‘، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ڊڪشنري (Dictionary) چيو وڃي ٿو، ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظي خزاني کي محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ، لفظن جي معنائن، مفهومن، اُچارن ۽ وياڪرڻي (Grammatical) حيثيت کان سواءِ انهن جي تاريخي لاڳاپي ۽ ذاتن جي نشاندهي ڪرڻ جو هڪ اهم وسيلو هوندي آهي. اهو هڪ قسم جو حوالاجاتي ڪم آهي. جنهن ۾ لفظ ۽ اصطلاح الف - ب وار ترتيب سان رکيا ويندا آهن.

سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي صوبائي وزير قابلِ احترام جناب سيد سردار علي شاهه صاحب، مانواري سائين غلام اڪبر لغاري صاحب (سيڪريٽري سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو)، ناميارِي اديب ۽ ليکڪ محترم مدد علي سنڌي صاحب ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سربراهه مانواري ڊاڪٽر محمد علي مانجهي صاحب جن جي ڪوشش سان ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ پاران منظور ڪرايل رٿا، ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ پاران تيار ڪيل ’مفصل سنڌي لغت‘ جو هي ڇهون ڀاڱو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي اکرن (ڏ،ڍ،ڊ،ذ، ر، ڙ ۽ ز) جي لڳ ڀڳ ست هزار داخلائن تي مشتمل آهي، مڪمل ڪري، اشاعت هيٺ آندو ويو ۽ هن وقت اوهان سڄاڻ ذهن جي مالڪن جي هٿن ۾ آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري ٿو سمجهان ته اسين هي ڇهون جلد تيار ڪري، ڪافي وقت اڳ ئي منظرعام تي آڻي چڪا هجون ها، پر اڳين جلدن جي ڀيٽ ۾ هن جلد جي تياريءَ ۾ اوچتو ڪيترين ئي اهڙين رنڊڪون ۽ دشوارين پيش آيون، جيڪي سيني جي آڏو عالم آشڪار آهن. ڇاڪاڻ جو گذريل سال يعني 2020ع جي مارچ مهيني ۾ جڏهن ’مفصل سنڌي لغت‘ جو هي جلد تياريءَ جي مرحلن ۾ هو. هن جلد جو مسودو به مانوارن ايڊيٽر صاحبان پاران ايڊٽ ٿي، واڌارن، سڌارن ۽ سنڌن مفيد مشورن سان گڏ اسان تائين موصول ٿي چڪو هو ۽ اسين مسودي کي سنڌن ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪري رهيا هئاسين ته بين الاقوامي سطح تي ڦهلجندڙ ڪرونا وائرس سبب ملڪگير لاڪ ڊائون لاڳو ڪيو ويو جنهن ڪري 18 مارچ 2020ع کان 8 جون 2020ع تائين پوري ملڪ جي سرڪاري دفترن کي مڪمل طور تي تالا لڳي ويا، نتيجي ۾ ٻين ڪيترن ئي ڪمن ۽ منصوبن سان گڏ اسان جو هي پورهيو پڻ متاثر ٿي ويو. پر آءٌ جس ڏيان ٿو ’ڊڪشنري بورڊ‘ جي محنتي ڪارڪنن کي، جيڪي لاڪ ڊائون وارو عرصو ڪيترين ئي لغتون ۽ ماخذ لائبريريءَ مان جاري ڪرائي، پاڻ سان گڏ گهر کڻي ويا، هن ڇهين جلد تي ڪم ڪندا رهيا ۽ وري جڏهن سرڪاري دفتر کلي ويا، تڏهن مون کي اهو ڏسي اچرج سان گڏ بيحد خوشي پڻ ٿي. جو اسان جي ڪارڪنن پاران ڪيل ڪم جي نتيجي ۾ اول تيار ڪيل مسودي جي ڀيٽ ۾ جلد جي ضخامت ۾ ڪافي اضافو ٿي چڪو هو.

جون 2020ع ۾ ڪل وقتي لاڪ ڊائون بعد دفترن جي کلڻ وچڻ ڪانپوءِ بہ هن موذي مرض جي احتياطي اُپائن پٽاندر سرڪار پاران جزوي لاڪ ڊائون (Small lockdown) سان گڏ ايس. او. پيز تحت 50 سيڪڙو يا اُن کان بہ گهٽ ملازمن جي حاضريءَ يا اهڙن ٻين مسئلن سبب ظاهر آهي تہ ڪم جي رفتار بہ يقيناً متاثر ٿي هوندي. بهرحال اڄ سڀ مرحلا طئي ڪري، هي ڇهون جلد اوهان تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون.

’مفصل سنڌي لغت‘ جو ڇهون جلد پيش ڪندي، دل چاهي ٿي تہ اُنهن سمورن سنڌي عالمن کي خراج تحسين پيش ڪجي، جن عرب دور کانپوءِ سنڌي الف - ب تيار ڪري، صدين کان وٺي سنڌي ٻوليءَ کي نہ رڳو تعليم جو ذريعو بڻايو پر اُن مادري ٻوليءَ جي دامن ۾ علم، ادب، ڏاهپ ۽ ساڃاھ جو وسيع ذخيرو ڇڏيو آهي. هتي اُنهن عالمن جو احسان وسارڻ بہ تاريخ سان زيادتي ۽ بدديانتي ٿيندي، جن انگريز دور ۾ مروج سنڌي الفابيٽ کي جدت سان تشڪيل ڏئي، اُن ڳالھ کي ممڪن بڻايو تہ سنڌي علم ۽ ادب جي اشاعت، قديم سنڌي ماخذن کان وٺي، هن لغت تائين ڪاميابيءَ سان سفر ڪيو آهي.

اسين دل جي اٿاھ گهراين سان خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا سنڌي ٻوليءَ جي محسن، ماهر لسانيات ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن کي، جنهن جي پوري عمر ۾ سنڌي لسانيات لاءِ ڪيل بي انت خدمتن سان گڏ ’مفصل سنڌي لغت‘ جي پهرين جلد کان وٺي، هن ڇهين جلد جي ايڊيٽنگ، واڌارن ۽ سڌارن جو تاريخي ڪم پڻ شامل آهي. پاڻ هن جلد جو مسودو ايڊٽ ڪري، واپس ڪرڻ وقت محترم مدد علي سنڌي صاحب جن کي اهو بہ چيو هئائون تہ: ”منهنجي نظر گهٽجي وڃڻ ڪري، هاڻ آءٌ ايڊيٽنگ وغيره جو ڪم نہ ٿو ڪري سگهان، اُن ڪري هن جلد کان پوءِ اڳتي ايڊيٽنگ نہ ڪري سگهندس!“ اسان کي بيحد افسوس آهي، جو سنڌس ايڊيٽنگ سان سنواريل هي جلد، ڇپجي منظرِعام تي اچڻ کان اڳ ئي ڊاڪٽر صاحب اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو.

آءٌ سمجهان ٿو تہ ’سنڌي ساهت جي صلاحڪار بورڊ‘ ۽ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ آڏو ’سنڌي - سنڌي لغت‘ جو جيڪو نقشو سائين جي. ايم. سيد، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ اڳتي هلي علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي تصورن موجب رهيو اسان ان ڏس ۾ سيني عالمن جو گس وٺي، حتي الامڪان پيش رفت ڪئي آهي. اسين دل جي حضور سان سلام پيش ڪريون ٿا. ڪئپٽن جارج اسٽڪ، جهمٽمل ناروملِ وسناڻيءَ، مرزا قليچ بيگ، اي. ٽي شاهاڻي صاحب، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب، آخوند عبدالرحيم عباسي، شري سترام داس ’سائل‘ ۽ ٻين اهڙن مڙني عالمن ۽ سنڌن محنتن کي، جن سنڌي لغت جهڙي تحقيق طلب ڪم تي پنهنجو رت ست ڏئي نور نچويو.

’مفصل سنڌي لغت‘ جي پهرين جلد کان چوٿين جلد تائين ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ جي انچارج جي حيثيت ۾ پروفيسر سيد شير شاھ بخاري صاحب جي ڪرم جي نگاھ اسان تي رهي ۽ آڪٽوبر

2018ع ۾ عمر رسيدگيءَ سبب سندس چارج ڇڏڻ کان پوءِ ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ جون سندس ٿي ذميواريون مون کي سونپيون ويون. آءٌ اهو اعتراف ڪندي فخر محسوس ڪري رهيو آهيان تہ اڄ آءٌ يا مون سان گڏ ڪم ڪندڙ مانوارا ڪارڪن جيڪڏهن لغت سازيءَ جي هنر کان واقف آهن تہ اهو سڀ ڪجهہ سائين شير شاهہ صاحب جي محنتن جو نتيجو آهي. جيڪو تازو ئي 12 مئي 2021ع تي اسان کان هميشہ لاءِ ڌار ٿي، دارالبقا طرف راهي ٿي ويو آهي. اسان کي يقين آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل سڀني عالمن جا روح اسان جي هن ڪوشش تي ضرور سرها ٿيا هوندا.

آءٌ بيحد شڪرگذار آهيان محترم ڊاڪٽر محمد علي مانجهي صاحب، محترم مدد علي سنڌي صاحب، محترم ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب ۽ محترم ڊاڪٽر شير مهراڻي جن جو جن پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ وقت ڪڍي، نظرثاني ڪري، پنهنجي قيمتي ۽ مفيد مشورن ۽ هدايتن سان هن لغت کي سينگاريو ۽ سنواريو.

آخر ۾ آءٌ جس ڏيان ٿو پنهنجي پانهن ٻيلين ۽ ’ڊڪشنري بورڊ‘ جي تحقيقي عملي اياز علي شيخ (ريسرچر)، راز محمد لغاري (ڪمپيوٽر آپريٽر) ۽ بلقيس لاشاري (ڪمپيوٽر آپريٽر) کي، جن جي محنتن سان هي جلد تيار ٿي اوهان جي هٿن تائين پهتو ۽ خصوصي شاباس ڏيان ٿو ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ جي محنتي ڪارڪن عبدالله ’ناصر‘ قاضي (ريسرچر) کي، جنهن هڪ پيروف نہ، پر ڪيترا پيرا مسودي کي ڏٺو ۽ ضرورت آهر هڪ هڪ اکر تي اعرابن لڳائڻ سان گڏ وسرڳ آوسرڳ واري مسئلي تي خبرداري ۽ باريڪ بينيءَ سان نظر وڌي.

مون کي اهو يقين آهي تہ دور حاضر توڙي مستقبل جي عالمن، محققن ۽ سنڌي لسانيات جي ماهرن وٽ اسان جو هي پيار جو پورهيو ضرور مان لهندو.

4 جون 2021

**ضراب حيدر**
ايڊيٽر

# لغت جي پڙهندڙن لاءِ رهنمائي

مفصل سنڌي لغت ۾ ’الف – ب‘ جي پٺيءَ جا اکر، ’جامع سنڌي لغات‘ واري ترتيب سان هن ريت رکيا ويا آهن.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ | ٺ |
| ث | پ | ج | ڄ | جھ | ڃ | چ | ڇ |
| ح | خ | د | ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ |
| ر | ڙ | ز | س | ش | ص | ض | ط |
| ظ | ع | غ | ف | ڦ | ق | ڪ | ک |
| گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | م | ن | ڻ |
| و | ه | ء | ي | | | | |

- پهرئين جلد ۾ عربي، اردو ۽ سنڌي لغت جي اصول موجب ابتدا ۾ ’آ‘ رکيو ويو ۽ ان کان پوءِ ’ا‘ (الف) سان شروع ٿيندڙ لفظ ڏنا ويا.

- هر بنيادي لفظ لاءِ (●) نشاني ڏني وئي، لفظن جي وياڪرڻي جوڙجڪ ’جامع سنڌي لغات‘ کان وڌيڪ واضح ۽ جامع رکي وئي آهي. بنيادي لفظ کان پوءِ اُن مان نڪرندڙ/ٺهندڙ لفظن کي (ـــ) نشانيءَ سان رکيو ويو آهي.

ـ لفظن جي وياڪرڻي صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ ريت ’لفظي مخفف‘ ڏنا ويا آهن:

## وياڪرڻي مخفف

اسم تصغير (ا – تصغير)، اسم حاليه (ا – حاليه)، اسم خاص (ا – خاص)، اسم عام (ا – عام)، اسم فاعل (اـ فاعل)، اسم مصدر (ا – مص)، اسم مفعول (ا – مفعول)، حالت جري (ح – ج)، حالت فاعلي (ح – ف)، حالت مفعولي (ح – م)، حرف جر (ح – جر)، حرف جملو (ح – جملو)، حرف ندا (ح – ندا)، صفت (صفت)، فعل (فعل)، فعل لازمي (فعل لازمي)، فعل متعدي (فعل متعدي)، فعل متعدي بالواسط (فعل متعدي بالواسط)، فعل مجهول (فعل مجهول)، مذڪر (مذ)، مؤنث (مث)، واحد (و)، جمع (ج).

- ’مفصل سنڌي لغت‘ ۾ مختلف ٻولين ۽ لهجن جون نشانيون هيٺينءَ ريت ظاهر ڪيون ويون آهن.

اترادي لهجو (ات)، اپڀرنس (اپ)، انگريزي (انگ)، براهوي/بروهڪي (بر)، بلوچي (ب)، ترڪي (تر)، ٿري (ٿ)، پراڪرت (پرا)، پشتو (پش)، پنجابي (پنج)، جتڪي لهجو (جت)، جپاني (جپ)، چيني (چ)، روسي/رشين (رش)، سرائيڪي (سرا)، سنڌي (س)، سنسڪرت (سن)، عربي (ع)، فارسي (ف)، قديم سنڌي (ق ـ س)، ڪڇي (ڪ)، ڪوهستاني لهجو (ڪوه)، گجراتي (گ)، لاڙي (س.ل)، لاسي (لس)، مارواڙي (ما)، هندڪو (ه)، هندي (هند)، يوناني (يو).

• **ڏاجُ ج ڏاجَ:** [ا - مذ] عورتَ ڪُنوارِ کي شادِيءَ وَقتِ مائٽَنِ کان ڏِنَلُ سامانُ. ڏاجو، ڏيجُ، ڏيڻُ

* وِرثو، خاندانِي رِوايَتَ
* حِصو، ڀاڱو
* قِسمَتَ، نَصِيبُ، مُقدَرَ
* ڪَنهِن جو نِجُ يا ذاتِي ڪَمالُ، خُوبِي
* [سن: دايہ، دا = ڏِيَڻُ]

—**ڏاجُ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] نياڻِيءَ کي شادِيءَ ۾ والدين پاران مَلِيَلُ سامانُ ڏيَڻُ

—**ڏاجَ ۾ مِلَڻُ:** [اصطلاح] ڏاجَ طورِ ڪا شيءِ مِلَڻُ، وِرثي طورِ مِلَڻُ

* پِنهنجِي ذاتِي يا نِجِي شيءِ هُئَڻُ

—**ڏاجو ج ڏاجا:** [ا - مذ] ڪُنوارِ کي گهوٽيئَنِ توڙي ڪُنواريئَنِ طرفان مِلِيَلُ سامانُ. ڏاجُ، ڏيڻُ

—**ڏاجيلو ج ڏاجيلا:** [صفت] ڏاجَ ۾ مِلِيَلُ ڪابہ شيءِ، حِصي ۾ ڏِنَلُ، وِرِثَ ۾ آيَلُ، شادِيءَ ۾ ڏِنَلُ ڏاجُ

• **ڏاجَهہ ج ڏاجُهون:** [ا - مث] ساڙُ، جَلُ، پَچُ، ڪامُ، پَڄَرُ

* حَسَدُ، چاوَتَ، بِيائِي، بَدخُواهِي، بُغضُ، ڪِينو، وِيرُ، دُشمَنِي، ايرڪا
* [سن: دهہ - ساڙڻُ]
* عَڪسُ، خُصُومَتَ
* رَنجُ، ڏُکُ، ڏُنجُهہ، تَڪلِيفَ، اَهَنجُ، اِيذاءُ، مُصِيبَتَ
* وِيلو، بانِئَتَ، ڏالَتَ
* لوڀَ، لالَچ، طَمَعُ، هَبَڇَ، حِرصُ
* موهہ، هائو هائو، ڏاجهو

—**ڏاجهو ج ڏاجها:** [ا - مذ] ڏاجَهہ

• **ڏاجهوڙو ج ڏاجهوڙا:** [ا - مذ] پَهرِئين دَفعي وارو حَمَلُ، پَهرِيَون پيٽَ

* [س/ٿ]

• **ڏاچِلا:** [ا - مذ: جَمَعَ ۾ ڪَمِ اِيندڙُ] سُڪَلُ چِيڙُ، گِترا، چِرِيُون

* [س/ٿ]

• **ڏاچو ج ڏاچا:** [ا - مذ] اُٺُ

* [س/ات]
* وَڏِي آوازَ سان ڳالهاءِ
* [س/ل]
* [صفت - مذ] قَداوَرُ، ڏِگهو
* بَهادُرُ

• **ڏاچِي ج ڏاچِيُون:** [ا - مث] اُٺَ جِي مادِي، اُٺِڻِ، اُٺِڻِي، توڏِي

'ڏاچِي هُئِي ڏَهَ، تہ توڏِي هُئِي تيرنهَن' (چوڻي)

—**ڏاچِيءَ جِي ڏيڪارَ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] ڪَڪَ جي فَصَلَ جو پَچِي ڳاڙهو رَنگُ ڏيکارَڻُ

* [س/ات]

• **ڏاڌِ ج ڏاڌِيُون:** [ا - مث] ساڙُ، جَلَ ، ڪامُ، پَڄَرُ

* [سن: دهہ = ساڙڻُ]
* چَمِڙِيءَ جِي هِڪَ بِيمارِي، ڏَدِ، مُنهَن تي ڪارا داغَ
* داغُ، ڏَبُ، دابَ دابَ، چانءِ

• **ڏاڏَرِ ج ڏاڏَرُون:** [ا - مث] تاڏَڙِ، دَڙڪو، تابُ، رُعبُ، سَڪِّو دَڙڪو، گِدَڙَ ڀَپڪِي، اَجائِي ڦون ڦان

—**ڏاڏَرِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڏُلهو دَڙڪو ڏِيَڻُ، تابُ ڪَرَڻُ، هاها ڪَرَڻُ، هيبَ مَٿي ڪَرَڻُ، گِدَڙَ ڀَپڪِي ڏِيَڻُ، تاڏَڙِ ڏيکارَڻُ

• **ڏاڏو ج ڏاڏا:** [ا - مذ] هِڪَ رِشتي جو نالو، پِيءُ جو پِيءُ

* پِيءُ جو چاچو
* وَڏِيءَ عُمرِ وارو، پوڙهو، ڪُراڙو، پِير سَنُ
* [سن: تاتِ = پالِيندڙ؛ هِند: دادا = وَڏِيءَ عمر وارو]
* شِيدِيِن جو هِڪُ رَسمِي خِطابُ

—**ڏاڏا اُستادُ ج ڏاڏا اُستادَ:** [ا - مذ] اُستادَ جو اُستادُ، سَمُورَنِ اُستادَنِ جو اُستادُ، وَڏو اُستادُ (راڳِيندڙنِ ۽ مَڱڻهارَنِ جي اِصطِلاحَ ۾)

—**ڏاڏاڻا:** [ا - مذ] پِيءُ جا مائٽَ، ڏاڏي جا مائٽَ، ڏاڏي جِي آکَهہ، ڏاڏي جا رِشتيدارَ

'جا ڏِنيم ڏاڏاڻِنِ، سا لاهِيندي لَڄَ مَران' (شاهہ/مارئي)

— **ڏاڙهہ ڏيڻُ:** [اصطلاح] اِيذاءَ رسائڻُ. چڪُ هڻڻُ. ڪاٽڻُ

* ڪاوڙ ۾ ڳالهائڻُ. اَڏنگو ڳالهائڻُ

— **ڏاڙهڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڪاٽڻُ. چڪُ پائڻُ (ڪتي يا ڪنهن ٻئي وَحشي جانوَر وَغيره جو)

* پونڪڻُ. زوڙڻُ

* ڦٽڻُ. زخمُ رسائڻُ

* وڙهڻُ

* تِکو ڳالهائڻُ. ٻچڙو ڳالهائڻُ. چڙٻون ڏيڻُ

* [مص] ڏاڙهڻُ

* [امر] ڏاڙهِہ

* [مضارع] ڏاڙهيان (ج) ڏاڙهيون. ڏاڙهين (ج) ڏاڙهيو. ڏاڙهي (ج) ڏاڙهين

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] ڏاڙهي ٿو (ج) ڏاڙهين ٿا

* [حال مث] ڏاڙهي ٿي (ج) ڏاڙهين ٿيون

* [ماضي] ڏاڙهيو (ج) ڏاڙهيا

* [مستقبل] ڏاڙهيندو (ج) ڏاڙهيندا

* [مستقبل مث] ڏاڙهيندي (ج) ڏاڙهينديون

* [اسم مفعول] ڏاڙهيل

• **ڏاڙهہ ج ڏاڙهہ:** [ا - مذ] وَڏي ڏاڙهي

* [سن: دنشترڪا = ڏاڙهي]

— **ڏاڙهَرُ ج ڏاڙهَرَ:** [ا - مذ/صفت] وَڏيءَ ڏاڙهيءَ وارو

• **ڏاڙهُون ج ڏاڙهُون:** [ا - مذ] ميوي جو هڪُ قِسمُ. اَنارُ

* [سن: داڙم. پرا: دالِم = ڏاڙهُون]

* سوپاري

* آتش بازيءَ جو هڪُ قِسمُ

* تارونءَ ۽ چوٽيءَ جي وِچَ وارا وار يا چوٽيءَ جي اڳَ وارا وار

* ٻرت جو هڪُ قِسمُ

* [س/ٽ]

— **ڏاڙهُون ڇڏائڻُ:** [اصطلاح] تارونءَ مٿان وارَ ڇڏائڻُ يا رکائڻُ

• **ڏاڙهي ج ڏاڙهيُون:** [ا - مث] سُونهارِي. ريش. ٻلاري

* [سن: دنشترڪا = ڏاڙهي]

* ناريل جي کوپي تي وارن جو بيٺل مُچو

* ٻڪرَ جي ڪاڏيءَ هيٺان ڊگهن وارن جو مُچو

— **ڏاڙهي ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻُ:** [اصطلاح] پنهنجي عزت ٻئي جي حَوالي ڪرڻُ

* پرائي ڀروسي تي رهڻُ. ٻئي جو مُحتاج ٿيڻُ

* ڪمُ ڪنهن نا اَهلَ جي حَوالي ڪرڻُ (پاڻ ۾ هِمَت نہ سمجهندي)، پنهنجي اَختياري ٻئي کي سُونپڻُ. پنهنجي ذِميداري ڪنهن ناتجربيڪارَ جي حَوالي ڪرڻُ

— **ڏاڙهيءَ تي هٿُ رکڻُ:** [اصطلاح] سَچو قولُ ڪرڻُ. پَڪو اَنجامُ ڪرڻُ. سَچو واعِدو ڪرڻُ. دِل سان اِقرار ڪرڻُ. مَردانِي زبانُ ڪرڻُ. مُڙساڻو اِقرار ڪرڻُ

— **ڏاڙهي ٽوڪڻُ:** [اصطلاح] بنا مَطلب جي پنڌُ ڪرڻُ. بي فائدو هَلڻُ. دَردَر تي وَڃڻُ. گهڻا دفعا حاضريءَ ۾ وَڃڻُ. هَر هَر اَچڻُ

* [س/ات]

— **ڏاڙهيءَ پٽ:** [محاورو] جهيڙو فَسادُ. هنگامو

— **ڏاڙهي پٽائڻُ:** [اصطلاح] هٿَ سان بي عِزتي ڪرائڻُ. خبر هڻڻُ باوَجُودِ خواري ڪرائڻُ

— **ڏاڙهيءَ پٽ ڪرڻُ:** [اصطلاح] جهيڙو ڪرڻُ. فسادُ ڪرڻُ. پاڻ ۾ هٿين پوڻُ. جانيُونا پائڻُ. بي عِزتي ڪرڻُ

— **ڏاڙهي پٽڻُ:** [اصطلاح] جهيڙو ڪرڻُ. فَسادُ ڪرڻُ. ڦَڏو ڪرڻُ. سامُهون ٿيڻُ. وڙهڻُ. بي عِزتي ڪرڻُ

— **ڏاڙهي پٽي تِري ڪرڻُ:** [اصطلاح] سَمُوري ڏاڙهي کوهڻُ. سخت بي عِزتي ڪرڻُ

— **ڏاڙهي پيٽ ۾ هُئڻُ:** [اصطلاح] ننڍيءَ عُمر ۾ سياڻو ۽ داناءُ هُئڻُ

— **ڏاڙهيءَ جو ٻچو:** [ا - مذ] ڇَپ جي هيٺان جاوِلُ وارَ

* ٻڏِ. ٻڏي

• **ڏُجارِي ج ڏُجارِيُ:** [صفت] ڏُکيو، اهَنجو، ڏجهارِي

* [ظرف] تَڪلِيفَ ۾

* [س/ٿ]

• **ڏُجارَ ج ڏُجارُون:** [ا - مث] خَرابُ زَمِينَ، اُجڙيَل زَمِينَ (جَنهِن تي پوکَ وَغيره نہ ٿِي سَگهي)

* بَوائِتو هَنڌُ

* [س/ل]

• **ڏِجَڻُ:** [مصدر 'ڏِيَڻُ' جو فعل مَجهُول] ڏِيَڻَ ۾ اَچَڻُ، ڏِنو وَڃَڻُ، ڏِيئي ڇَڏِجَڻُ، ڏِيَڻُ

* [ڏِنو ڏِيو ڏِنَل]

—**ڏِجَڻُ:** [صفت] ڏِنو، ڏِنَل

• **ڏُجَڻُ ج ڏُجَڻَ:** [صفت] ويري، دُشمَنُ

* [سن: درجن = خراب ماڻهو]

• **ڏُجَڻُ ج ڏُجَڻَ:** [صفت] خَرابُ ماڻهُو، جهيڙو پيدا ڪَندَڙ، جهگِڙو جاڳائِيندَڙ، ڏُقيڙُ وِجهندَڙ، چيڪايوُر، نِفاقِي، بَغاوَتِي، دُشمِنُ، ويري

* نِياڳو، ڪَمبَختُ، ڏُجَڻُ

* [سن: در - خراب + جن = ڄڻُ، ڄڻيل ماڻهو]

'سَڄَڻُ ڏُجَڻُ' نہ ٿئي، جي رَسي سَوَ سوَ وارُ' (شاهہ ڪريم)

* [ضد: سَڄَڻُ ج سَڄَڻَ]

• **ڏَجَهہ ج ڏَجُهون:** [ا - مث] قَرضُ، لَهَڻو

—**ڏَجَهہ لَهَڻُ:** [اصطلاح] قَرضُ اَدا ٿِيَڻُ، قَرضُ لَهَڻُ

—**ڏَجُهہ ج ڏَجَهہ:** [ا - مذ] پَچُ، ساڙُ، سوزُ، جَلُ، ڪامُ، سَڙَڻَ جي حالَتَ

* [پرا: ڊجهڻ: بهن، سن: دهن: دهہ = ساڙڻ]

* ڏُکُ، دَردُ، غَمُ، جاڙُ

'هِڪُ سَڪُ نہ ساريم سَرتيُون، ٻيو ڏُکيَس ڏيرَن ڏَجهہ' (شاهہ)

—**ڏَجهارو ج ڏَجهارا:** [صفت - مذ] ڏُکوئَل، ڏُکارو، کُهيَل، مُصِيبَت زَده، رَنجيدو

* [مث: ڏَجهي ج ڏَجهيُون]

—**ڏَجهڻُ:** [مص - فعل لازمي] سَڙَڻُ، ڪامَڻُ، پَچَڻُ، جَلَڻُ

* ساڙي ۾ سَڙَڻُ، حَسَدَ ۾ بَرَڻُ، اِيرکا ۾ بَرَڻُ، رِيس ڪَرَڻُ، تِيسو ڪَرَڻُ، پوسرڻُ، پَچَرَڻُ، اِيرکجڻُ، رِيسجَڻُ

* تَڪلِيفَ ۾ اَچَڻُ، ڏُکَ ڏِسَڻُ، رَنج ٿِيَڻُ، پِيڙهجَڻُ، سَتائجَڻُ، ڏُکوئجَڻُ

* تَنگَ ٿِيَڻُ، بيزار ٿِيَڻُ، خَفي ٿِيَڻُ، هِرَڪَڻُ، ڪِرڪَڻُ، ڪِڙَڻُ، ڪونچائجَڻُ

* رَڳِڙجَڻُ، ڳِهجَڻُ، ڳَسَڻُ، ڪاڄَڻُ، چيٿِ پَوَڻُ

* [ڏَجهيس ڏَجهيا، ڏَجهي، ڏَجهيُون، ڏَجهندس ڏَجهندا، ڏَجهندي، ڏَجهنديُون، ڏَجهيَل]

—**ڏَجهو ج ڏَجها:** [ا - مذ] ڏُکُ، دَردُ، رَنجُ، عَذابُ، تَڪلِيفَ

'جَتَ ڏيرَ ڏيئي وِيا، مُئيءَ کي ڏَجهو' (بيڪس)

—**ڏَجهو ڏِسَڻُ:** [اصطلاح] تَڪلِيفَ ڏِسَڻُ، ڏُکَن ۾ گُذارَڻُ

—**ڏَجهو ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] دِل کي ساڙَڻُ، دِل کي گهاءُ ڪَرَڻُ، صَدمُو رَسائِڻُ، ڏُکُ ڏِيَڻُ، تَڪلِيفَ ڏِيَڻُ، آزارَڻُ، سَتائِڻُ، سُورَ ڏِيَڻُ، ڪَڌَ ڪَرَڻُ، اِيذائِڻُ، تَنگِ ڪَرَڻُ

'چولو ڏِئين ڏُکَن جا ڏَجها بيگناهَ کي' (عطا مُحَمَد 'حامِي')

* چُونڊِڙي پائِڻُ، چَمونٽو وِجهڻُ، چَپُوٽ ڏِيَڻُ

• **ڏُچو ج ڏُچا:** [ا - مذ] ڏُکارُ، اَٿاٿِ، اَڻَ هُوندِ، فِقدانُ

* [س/ات]

• **ڏَچَ ج ڏَچُون:** [ا - مث] هَبَچَ، گهڻو کائِڻُ، حِرصَ سان کائِڻَ جي حالَتَ

* [س/ٿ]

—**ڏَچَڻُ:** [مص - فعل متعدي] تَڪِڙو تَڪِڙو کائِڻُ، هَبَچَ ڪَري کائِڻُ

* [س/ٿ]

* [مص] ڏَچَڻُ

* [امر] ڏَچ

* [ڏَچيو ڏَچيندو ڏَچيَلُ]

—**ڏَچي پِيَرَڻُ:** [اصطلاح] ڏُوکي بَندِ ڪَرَڻُ، ڏُوکِڻُ، ڏَٽِڻُ، قُسِڻُ، گُهوجِڻُ

—**ڏَچي کائِڻُ:** [اصطلاح] هَبَچَ ڪَري کائِڻُ

• **ڏَچَرَ:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **ڏَچَرُ ج ڏَچَرَ:** [صفت] خَرابُ هَلَتِ وارو، اَڏِنگِي هَلَتِ وارو، بي اَرڪانو، بَدِلَچِڻو، بَدِاَفعالُ، بَدِتَمِيزُ

* [س/ل]

* [سن: در - خراب + چر+ هلڻ]

* مَسخِرو، چَرچائِي

— **ڏِسِٽو ٿَنڀو ج ڏِسِٽا ٿَنڀا:** [ا - مذ] نشانيءَ لاءِ کوڙيل پٿر. (انگ: Milestone)

— **ڏِسِٽُو وائِسِٽُو ج ڏِسِٽا وائِسِٽا:** [صفت - مذ] هر روز ملڻ وارو. چڱيءَ طرح واقف ڪار. سڃاتل. ڳاهل مائل

* [ڏِسِٽِي وائِسِٽِي ج ڏِسِٽِيون وائِسِٽِيون]

— **ڏِسِٽُو وائِسِٽُو هُئَڻُ:** [اصطلاح] سڃاتل هئڻ. فضيلت وارو هئڻ. شناس وارو هجڻ

— **ڏِسِٽهارُ:** [ا - ذات] الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو

* [صفت] ڏِسندڙ. پِسندڙ. بصير

'ڏِس تون ڏِسِٽهار هِيءَ جا منهن مَري پئي' (شيخ اياز)

— **ڏِسِٽِي ج ڏِسِٽِيون:** [ا - مث] ڏسڻ جو ڪم. نظر. تڪ. جاچ

* صورت. شڪل

— **ڏِسِي رَهَڻُ:** [اصطلاح] انتقام وٺڻ. بدلو يا عيوض وٺڻ (ڌمڪيءَ وارا لفظ)

• **ڏِسِٽِي ج ڏِسِٽِيون:** [ا - مث] هٿ جي آڱرين مان آڱوٺي جي پرسان پهريون نمبر آڱر. شهادت واري آڱر. شاهد آڱر. پٽوڙي آڱر

* فهرست. لسٽ. ڪتاب جي شروع يا آخر آيل فهرست (جنهن مان آسانيءَ سان گهربل مواد ڳولهي سگهجي). (انگ: Index)

• **ڏُسو ج ڏُسا:** [ا - مذ] ڏُک. اهنج. تڪليف. ڏنجهو

* [س/ات]

— **ڏُسا ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] ڏُک ڏيڻ. اهنج ڏيڻ

• **ڏُسِيلُ ج ڏُسِيل:** [صفت] گريل. ميرو ٿيل. خراب ٿيل. ڪنو ٿيل (خاص ڪري ڪاڌن، سبزين يا ميون وغيره لاءِ ڪتب اچي)

* [س/ل]

'اٽون ڏُسيل گدرو ڪونه کائيندس' (جملو)

• **ڏُشٽُ ج ڏُشٽَ:** [ا - مذ/صفت] خراب. ڪنو. بڇڙو. برو. مدو. پاپي. پاپائتو. بد. بدو. بدڪار

* خبيث. لچو. حرڪتي

* ويل. نيريل. چٽ. ساقط. پرشٽ

* [سن: دشت = پاپي]

— **ڏُشٽائِي ج ڏُشٽائِيون:** [ا - مث] بڇڙائي. برائي. مدائي. بدي. بدڪاري. پاپ. گناهه. ڏوهه. شرارت. لچائي. حرڪت

* ڏِنگائي. ڏاڍائي. زوري. زورآوري

• **ڏَڦَ ج ڏَڦُون:** [ا - مث] ننڍي ڏڪ. ڊوڙ

* [س/ٿ]

• **ڏُڦُ ج ڏُڦَ:** [ا - مذ] ڪورين جو هڪ اوزار (اوني يا ريشمي ڪپڙو اڻڻ ۾ ڪم اچي)

* [س/ات]

• **ڏُڦاٽِي ج ڏُڦاٽِيون:** [ا - مث] ٻن جاين تان ڦاٽندڙ. ٻندوق

* [س/ڪاڇو]

• **ڏَڦَڙُ ج ڏَڦَڙَ:** [صفت] ڊگهو. لانبو. ڊگهين ٽنگن وارو. جانگهڙ

* [س/ات]

• **ڏَڦِٽِي ج ڏَڦِٽِيون:** [ا - مث] لوهه جي ڏڦي. ٿڦي. وراٽي. وڙٽي. چيٽ

• **ڏَڦو ج ڏَڦا:** [ا - مذ] لوهه جو چهنبيارو هٿيار. ڀالي جو هڪ قسم. نيزو. ٻڇي. سانگ. برڇي

* هٿيار جو هڪ قسم. مرون مارڻ جو هڪ هٿيار

— **ڏَڦِڙيو ج ڏَڦِڙيا:** [صفت - مذ] ڏڦو هڻندڙ. ڏڦائي. ڪاري

— **ڏَڦِي ج ڏَڦِيون:** [ا - مث] ننڍو ڏڦو. نيزو. ڀالو

— **ڏَڦيرُ ج ڏَڦيرَ:** [صفت] ڏڦو هڻندڙ. ڏڦِڙيو. شڪاري

• **ڏَڦورُ ج ڏَڦورَ:** [صفت] بيوقوف. بي عقل. ناسمجهه

* [س/ٿ]

• **ڏَڦيٽ ج ڏَڦيٽُون:** [ا - مث] زمين کوٽڻ جي ڪاني

* [س/ات]

• **ڏَڦيرَ:** [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو

• **ڏَڦيرُ ج ڏَڦيرَ:** [صفت] جهاڙو وارو. ٻهاري دار

* حرام خور. مردار خور

* بدافعالو. بي ڍنگو

• **ڏُڦيرُ/ڏُڦيڙُ:** [ا - مذ] جهيڙو. جهڳڙو. فساد. ٽنٽو. رڳڙو. معاملو. تڪرار. گوڙ. ڪِتراڳ. جهٽو. مانڌاڻ. وروڌ. ڦوٽ. ڦيٽاڙو

* رفض. تفاوت. تفرقو. ڦير . فرق

* جدائي

* اختلاف. اڻ بڻت. بغاوت

* وِگوڙ. لچائي. ڏنگائي

* پريشاني. حيراني

—**ڏَندِين ڏاندُ هُئَڻُ:** [اصطلاح] پَنهنجيءَ مَرَسيءَ وارو هئَڻ، سَڀِني جي پَڄَڻَ لائق هئَڻ، هِمَتَ وارو هئَڻ

* پَنهنجيءَ مَرضيءَ وارو هئَڻ

—**ڏَندِيو ج ڏَندِيا:** [صفت - مذ] ڏَندَنِ وارو

* [مث: ڏَندِي ج ڏَندِيون]

• **ڏَندارُ ج ڏَندارَ:** [ا - مذ] ڪاٺ جو ڏَندَنِ سان هِڪ اوزارُ (جَنهِن سان ڪِن ڪَچرو ميڙجي)، ڏاندارُ، بِياني

• **ڏَنداوِيڙِي ج ڏَنداوِيڙِيُون:** [ا - مث] ڪاٺَ چيرڻي

• **ڏَندَڪَٿا ج ڏَندَڪَٿائُون:** [ا - مث] بي بُنياد ڳالهه، خَيالِي قِصو، بَناوَتِي ڳالهه، مَن گهڙَتِ ڳالهه، قِياس آرائِي، ڪوڙو قِصو، ٽوٽڪو، پَرائِي ڳالهه، وارتا، حِڪايَتَ، آکاڻِي، ڪَهاڻِي، رِوايَتَ

• **ڏَندَڻُ ج ڏَندَڻَ:** [ا - مذ] ڏَندَنِ صاف ڪَرَڻَ لاءِ وَڻَ (نِم، ٻيرَ، ڪَنڊي يا ٻئي ڪَنهن وَڻَ) جي ٽارِي يا سڪَل ڪاٺِي، مِسواڪ، ٻرياتِي، ٻرياتِيو

* ڏَندَنِ صاف ڪَرَڻَ وارو بُرشُ، (انگ: Tooth Brush)

* ڏَندَڻَ پَوَڻَ جِي هِڪ بِيمارِي، بيهوشِي، غشِي

—**ڏَندَڻَ پَچَڻُ:** [اصطلاح] ڏَندَڻَ پَئَل (بيهوش ٿيَل) جو واٽَ کولِڻ، سَرجِيتُ ڪَرَڻُ، هوشَ ۾ آڻِڻ، پَچيَلَ ڏَندَ کولِڻ

—**ڏَندَڻَ پَوَڻُ:** [اصطلاح] ڏَندَنِ جو پاڻَ ۾ مِڙَڻُ، ڏَندَنِ جو پَچَڻُ، ڏَندَ پيڙجِي وَڃَڻ، بيهوشُ ٿيَڻ، ڏَڪِرجَڻ

—**ڏَندِڄَڻُ:** [مصدر 'ڏَندڻ' مان فعل مجهول] بيهوشُ ٿيَڻَ جي حالَتَ ۾ ٻِنهي جاڙِيُون پاڻَ ۾ پَچِي وَڃَڻ

* [ڏَندِڄيو، ڏَندِڄبو، ڏَندِڄيَلَ]

—**ڏَندَڻَ ڪَڍَڻُ:** [اصطلاح] پيڙيَلَ واتَ کي اُپٽَڻ يا کولِڻ، بيهوشُ ٿيَلَ ماڻهوءَ جون جاڙِيُون کولِڻ، ڏَندَڻَ پَچَڻ، پَچيَلَ ڏَندَ کولَڻ

• **ڏَندِڙِي ج ڏَندِڙِيُون:** [ا - مث] مَڇِيءَ جو هِڪَ قِسم

• **ڏَندو:** [ا - خاص] هِڪَ ريلوي اِسٽيشَن ۽ شَهَر جو نالو

• **ڏَندو ج ڏَندا:** [ا - مذ] (ڪَنهن مَشِينِ جي چَڪري، ڦڻِيءَ، ڏاندارِيءَ، ڪارائِيءَ وَغيره جي) ڦَنِيءَ جي هِڪَ ڦاڪَ

* نارَ يا هَرلِي جي چَڪَرَ جو آرو

* جونئُنِ ڪَڍَڻَ لاءِ ڦَڻِيءَ ۾ ٺَهَيَل ڏاڱو

* [س/ات]

* ڪِنارَ، وَٽِ

* مَٿانهِين زَمِينَ

* [س/ات]

—**ڏَندائِڻُ:** [مصدر 'ڏَندَڻُ' جو فعل متعدي بالواسطہ] ڪَنهن اوزارَ (جهِڙوڪ: ڏاٽي يا ڪارائِيءَ وَغيرَه) جي ڏَندَنِ کي سِرانَ تي تيز ڪَرائِڻ، ٺَپائِڻ، ٺَپرائِڻ، تِکو ڪَرائِڻ

* [ڏَنديو ڏَنديندو ڏَنديَلُ]

—**ڏَندَڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڪَنهن ڏَندَنِ واري اوزارَ (جهِڙوڪ: ڦَڻِي ڏاٽي يا ڏاندارِيءَ وَغيره) جا ڏَندا ڪَڍَڻَ، تِکو ڪَرَڻُ

* [مص] ڏَندَڻُ

* [امر] ڏَندِ

* [مضارع] ڏَندِيان (ج) ڏَندِيون، ڏَندِين (ج) ڏَندِيو، ڏَندي (ج) ڏَندِين

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] ڏَندي ٿو (ج) ڏَندِين ٿا

* [حال مث] ڏَندي ٿي (ج) ڏَندِين ٿيون

* [ماضي] ڏَندِيو (ج) ڏَندِيا

* [ماضي مث] ڏَندِي (ج) ڏَندِيون

* [مستقبل] ڏَندِيندو (ج) ڏَندِيندا

* [مستقبل مث] ڏَندِيندِي (ج) ڏَندِيندِيون

* [اسم مفعول] ڏَندِيَلُ

—**ڏَندِيو ج ڏَندِيا:** [ا - مذ] ڦَڻِي، ڦَڻوٽو، ڪَنگهو، ڪَنگِي

• **ڏَندِي ج ڏَندِيُون:** [ا - مث] وارَنِ مان ٺَهيَل، چانهِين ۽ جونئُنِ ڪَڍَڻَ لاءِ ڦَڻِيءَ جي ڏَندَنِ ۾ ڏِنَل ڏاڱو

* ڪِنارِي، وَٽِ، آندِي، ڏَندِ

* [سن: دنت = ڏَند]

* ٺَرُون قِتَل گاهه، جوياڪو

* [س/ات]

—**ڏورِٺا ڏِيڻُ:** [اصطلاح] مَدَدَ ڪَرَڻُ. ڏکَ سکَ ۾ ڀائيوار ٿيَڻُ
* ٻانهَ کي ٻَڌَلُ رَکَڻُ
* وِکون وِجَهڻ
* زورُ ڏِيَڻُ

—**ڏورِٺي تي ڪِرَڻُ:** [اصطلاح] پاسو وَٺَڻ. رِباءُ رَکَڻ
* [س/ات]

—**ڏورِٺي تي هَلَڻُ:** [اصطلاح] رايو رَکَڻ. مَرضِيءَ موجِب هَلَڻ

—**ڏورِٺي ڇوڙُ ج ڏورِٺي ڇوڙَ:** [صفت] ڏورِٺو ڇوڙَڻَ وارو يا ڇوڙيندڙُ. ڀاڃارِيءَ جا ڪِلا ڪَڍَندڙُ
* خَتَم ڪَندڙُ. ڪَم بَندِ ڪَندڙُ
* آجو. واندو
* پَنهِنجي مَرضِيءَ موجِب هَلَندڙُ

—**ڏورِٺي ڇوڙُ اَچَڻُ:** [اصطلاح] سِڌو اَچَڻ. بِنا روڪَ ٽوڪَ اَچَڻ. بي حِجابَ اَچَڻ
* [س/ات]

• **ڏورو ج ڏورا:** [ا - مذ] سٽَ جو وَٽيَلُ ٿلهيرڙو ڌاڳو. ڌورِ. ڏورِي. ٿلهو سٽُ
* سَڳو. سَنهِي نوڙِي (جيڪا لَغڙَ اُڏائِڻَ وَغيرہ ۾ ڪَمِ اچي)
* [سن: دور. ڊور = ڏور]
* زَرِيءَ يا مقيش وارِي پَٽِي. پانَڪَ. پامَڪَ. ڏورِي. مينڌِي. چڙو. سَڳِي
* اِنسانِي عضوو. ٻانهَن جو مشڪَ وارو مَٿيون حِصو. ڏونرو. (انگ: Mucle)
* اِبَجَ جو اُٿون حِصو. سوٽُ
* ٻَٿُون. ڳوٿري. ٿيلهِي
* گِيتَ جو هِڪَ قِسم. لوڪ اَدبَ جي هِڪَ صِنفَ
* [س/ٿ]
* ڏُکُ. فِڪر. ڳَڻتِي. وِماس
* زورُ. ظلم. زَبَردَستِي. ڌاڌائِي

—**ڏورو وَهائِڻُ:** [اصطلاح] هِمَتَ سان ڪَم ڪَرَڻُ. جوانمَردِيءَ سان تَڪِڙو ڪَم ڪَرَڻُ
* ٻَرتَ ٻَرڻُ
* [س/ٿ]

—**ڏوري تي هَٿُ هَڻَڻُ:** [اصطلاح] ٻچڙائِي ڪَرَڻُ. لاهي پاهي ٻيهَڻ
* تيارِ ٿِي ٻيهَڻ. وِڙهَڻ لاءِ آماده ٿِيَڻُ

• **ڏورَهو ج ڏورَها:** [ا - مذ] اَهنجُ. مشڪِل. تَڪلِيفَ
* ساهَ جي مُونجهه
* ڏُکِيو موٽُ
* [س/ٿ]

• **ڏورِي ج ڏوريُون:** [ا - مث] سَنهي سٽَ جي وَٽيَلُ رَسِي. سَڳو ڌورِ. سَنهِي رَسِي. ڏورو
* [سن: دور. ڊور = ڏور]
* پاڻِي ڪَڍَڻَ لاءِ رَسِي
* ڪانَ کي ڇِڪَڻَ وَقتِ لِيڪَ ڪَڍَڻَ لاءِ ڪَمِ اِيندڙُ نوڙِي
* راڄڪي ڪَمَ ۾ اوسارِيءَ جي سِڌائِيءَ لاءِ ڪَم اِيندڙُ نوڙِي
* چارِيءَ وارِي ڪَپڙِي جي ڇيڙَن تي سِبيَلُ ڌاڳو
* چارَ ڪَڙهي ناهِڻَ ۾ اِستعمالِ ٿِيندڙُ رَسِي
* ڪَپڙَن سڪائِڻَ لاءِ ٻَڌَلُ رَسِي. رَسَ
* نَٽَ جي جَهلِڻَ لاءِ ڪاري سٽَ يا پَٽَ جو پَٽو. پَٽِي
* ڪَپڙِي جي ڪِنارَ تي زَرِيءَ جو لَڳَلُ پَٽو. پَٽِي. پانَڪَ. پامَڪَ
* چوٽِي. سَڳِي. مينڌِي
* واڳَ. اَختِيارِي

—**ڏوري ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] اَختِيارِي ڏِيَڻ. حڪومَتَ ڏِيَڻ. واڳَ ڏِيَڻ

—**ڏورِيءَ ۾ ٻَڌُ هُئَڻُ:** [اصطلاح] محبتَ ۾ مبتِلا هئَڻ. عِشقَ جي دامَ ۾ گرِفتار هئَڻ. قربَ ۾ قابو هئَڻ. پريتِ ۾ پيوَند هئَڻ

—**ڏورِيءَ ۾ ٻَڌَلُ رَهَڻُ:** [اصطلاح] چَٺي ۾ هئَڻ. حڪمَ هيٺ هئَڻ. فَرمانَ ۾ هئَڻ

• **ڏوريو ج ڏوريا:** [ا - مذ] ڪَپڙي جو هِڪ قِسم. سَنهڙيَن ڏوريَن وارو سَنهو ڪَپڙو. ڌاريدارُ مَلمَلِ. لِيڪَن وارِي مَلمَل. پَٽاپَٽِي مَلمَل. رَنگِين شَبنما
* [سن: دور = ڏوري]
* ڏانڊي پَکِيءَ جو هِڪ قِسم (ڇهنبَ ڪارِي ۽ ويڪِري، ٽنگون وَڏيون ۽ ڪاريون)
* نوڙِي. رَسِي. ڏورو
* [س/ٿ]

• **ڏاڪو ج ڏاڪا:** [صفت] ڏَهَن ايڪَن جو جوڙُ، ڏَهَن جو مَجموعو

٭ ڏَهَن جي لِڳِ ڀَڳِ، اَٽڪل ڏَهَ، ڏَهَ ڪن، ڏَهَن کان هِڪَ ٻَن تائين ڪا شيءِ

٭ [سن: دشن = ڏَهہ]

٭ هِڪَ قِسمَ جي خاص عِبادَتَ (جَنهِن ۾ رَمضان شريف جي آخِري ڏَهَن ڏِينهَن ۾ دنيا کي تياڳي، مَسجِدِ جي هِڪَ ڪُنڊَ ۾ رهِي، صِرف الله پاڪَ جي عِبادَتَ ۽ ذِڪرِ اَذڪارُ ڪَيو ويندو آهي)، اَعتِڪافُ

٭ قَضِيي (موتَ) کانپوءِ ڏهون ڏِينهَن ۽ اُنَ تي ڪِريا ڪَرمُ

—**ڏاڪي ۾ ويهَڻُ:** [اصطلاح] اَعتِڪافَ ۾ ويهَڻُ

• **ڏاڳ:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

٭ [س/ات]

• **ڏُهاڳُ ج ڏُهاڳَ:** [ا - مذ] بَدبَختي، نِڀاڳائي، ڪَم نَصيبي، اَڀاڳُ، زَحمَتَ

٭ [سن: دُرڀاڳيہ = خراب + ڀاڳيہ = ڀاڳ]

٭ وِڇوڙو، جدائي، فِراقُ، ڦوڙائو

٭ ڏُکَ، مُصِيبَتَ، تَڪلِيفَ

٭ مڙسَ جو وِڇوڙو، ڪنهن زالَ کي طَلاقَ مِلَڻَ واري حالَتَ يا مڙسَ جي مَرِي وَڃَڻَ جي حالَتَ، رَنوڙ پڻي، رَناپو، رَنپڻُ، طَلاقَ

٭ مڙسَ جو زالَ تي رَنج يا ناراضپو يا اَٽوٽَتِ

'ڏُمِريو ڏُهاڳُ، سِکهو ڏِٺي سهاڳِيين' (شاهہ/ليلا چنيسر)

٭ [ضد: سهاڳُ ج سهاڳَ]

—**ڏُهاڳِجَڻُ:** [مص - فعل مجهول] ڏُهاڳُ ڏِسَڻُ، رَنڙ ٿِيَڻُ، بيواهہ ٿِيَڻُ

٭ [ڏُهاڳِيو ڏُهاڳِبو ڏُهاڳِيل]

—**ڏُهاڳُ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] رَنڙ ڪَرَڻُ، اَڪيلو ڪَرَڻُ، ڇَڏَڻُ

٭ ڏُکُ ڏِيَڻُ

—**ڏُهاڳُ ڏورُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] سهاڳَ سِرَڻُ، نِڀاڳُ هَليو وَڃَڻُ، مِهَر وارو مڙسُ مِلَڻُ

٭ گهرَ جو سُکُ نَصِيبُ ٿِيَڻُ، عيش و آرامُ حاصِل ٿِيَڻُ

—**ڏُهاڳڻِ ج ڏُهاڳڻِيُون:** [صفت - مث] مڙسَ مَرِي وَيَلِ عورَتَ، مڙسَ جي ڌِڪارِيَلِ عورَتَ، بيواهہ، رَنڙ، رَنڊَڙ، وِڌوا، ڏِنيل، ڏَني، ڦلاوَنتي

٭ نِڀاڳِي، ڪَمبَخت

—**ڏُهاڳِي ج ڏُهاڳِي:** [صفت] ڏُهاڳَ وارو، ڏُهاڳَ هيٺِ آيَلُ، جدا ڪَيَلُ، ڌِڪارِيَلُ، ٽَڙيَلُ

٭ حَرفِي، عِتابِي، مَيارِي

• **ڏَهان:** [ظرف] ڏانهَن، ڏي، اُنَ طَرفَ ڏي، ايڏانهَن، ايڏانهِين، ڏَهون

• **ڏَهاڻِي:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **ڏِهاڻِي:** [ظرف] ڏِهاڙي، روزانِي

'ڏِهاڻِي ڏِنُر ڪيتِرا، جِنِين مارِيو موڪ' (شاهہ/گهاتو)

• **ڏُهائِڻُ:** [مصدر 'ڏُهَڻُ' مان فعل متعدي بالواسطہ] ڏُهَڻَ جو ڪَم ٻِئي کان ڪَرائِڻُ

٭ [سن: دہ = ڏُهڻ]

٭ [ڏهايو ڏُهائِيندو ڏُهايَلُ]

—**ڏُهائُو ج ڏُهائا:** [ا - مذ] کِير ڏُهَڻَ جو ٿانءُ، ڪاٺَ جو ٿانءُ (جَنهِن ۾ ڏاچِيءَ جو کِير ڏهِبو آهي)، ساڙهو، گهاگهرِ

٭ ڏوبِ، ڏُهائِي، ڏوڏَ

٭ [س/ل]

٭ [صفت] ڏُهَندَڙ، ڏوهو

'ڪي ڏُهائي ۾ ڏوهَ، ڪي ساڙهي سانگيڙي' (چوڻي)

—**ڏُهائِي ج ڏُهائِيُون:** [ا - مث] ڏوڏَ، ڏوبِ

٭ کِير ڏُهَڻَ جو ٿانءُ

٭ کِير ڏُهَڻَ جي اُجرَتَ

—**ڏُهائِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] کِير ڏُهَڻُ، ڏوبُ ڪَرَڻُ

• **ڏُهائُو ج ڏُهائُو:** [صفت] ڏُکِيو، ڏهليو، ڏوليو

٭ [ضد: سهائو]

• **ڏَهائِي ج ڏَهائِيُون:** [ا - مث] ڏَهون حِصو، ڏَهانس، عِلمِ رِياضِيءَ موجِبِ ڪَنهِن بہ عَدَدَ جي ڏَهِين پَتي

٭ [سن: دشن = ڏَهہ]

—**ڏَهائِيءَ جي نِشاني:** [ا - مث] ڊيسِيمَل، (انگ:Decimal)

● ڏَهُن: [ظرف] ڏانهن، طرف، ڏي

—ڏَهَنگُن: [ظرف] ڏانهن، ڏَهُن، طَرفِ

● ڏَهنائِي ج ڏَهنائِيُون: [ا - مث] ڳالهه ۾ ڪَنهن کي اَشارتَ ڳالهه جي ڏِيَڻ واري حالَتَ، اِشارو اَچ، اُهڃاڻ، ڏَس، نِشاني، اهنائِي، ڇتاءُ

※ اِطلاع، ڄاڻ، خَبَر سنڌ

※ ڏوراپو، طعنو

—ڏَهنائِي ڏِيَڻُ: [اصطلاح] ڏَس ڏِيَڻ، نِشاني ڏِيَڻ، اُهڃاڻ ڏِيَڻ

※ ڏوراپو ڏِيَڻ، طَعنو ڏِيَڻ

—ڏَهنائِيون ڏِيَڻُ: [اصطلاح] وِڻَ ڏِيَڻ، طَعنو هَڻَڻ، مِهڻا ڏِيَڻ

● ڏَهَڻُ: [مص - فعل لازمي] ساڙي ۾ سَڙَڻُ، سَڙَڻُ، جَلَڻ، پَچَڻ، پَچَڙڻُ، ڏجهڻ

※ [سن: دهه = ساڙڻ]

'ڏاڍِي ذاتِ جَتَنِ جِي، ويٺي ڏيلُ ڏهِي' (شاهه)

'اوباري عَميقَ جو ڏُکڙِءَ ڏِيلُ ڏهِي' (خان زئي)

※ ڏُکَڻ، ڪَنبَڻ

※ ڊِڄَڻ، خوفُ ڪَرَڻُ

※ [ڏهِيو، ڏَهَندو ڏهيَلُ]

—ڏَهِي ڇڏِڻُ: [اصطلاح] بَرباد ڪَرَڻُ، تَباهه ڪَرَڻُ، نابودَ ڪَرَڻُ، ناس ڪَرَڻُ

● ڏَهَڻُ: [مص - فعل متعدي] ڏُکوئِڻ، رَنجائِڻ، پيڙَڻُ، آزارڻُ، اِيذاءُ رَسائِڻ، اِيذائِڻ، ويڌَنِ ڪَرَڻُ، سَتائِڻ، ڇيڇلائِڻ، عذاب رَسائِڻ

※ خَفي ڪَرَڻُ، چِڙَ ڏِيارَڻُ، چوڙَڻُ، خارَ ڏِيَڻ

※ رانڊِ ڪَندي بال کي جَهلِڻ، روڪِڻ، جَهلِڻ، گَسائِڻ

※ ڦَرِڻُ، ڪَسِڻ، وَڻَڻ

※ نَڳي ڪَرَڻُ

※ [س/ات]

※ [مص] ڏَهَڻ

※ [امر] ڏَهه

※ [ڏهيو، ڏَهَندو ڏهيَلُ]

● ڏَهَڻُ ج ڏَهَڻَ: [ا - مذ] وَڻَ جو ٽارُ، ڏارُ

※ [س/ات]

● ڏَهَڻُ: [مص - فعل متعدي] ڪِير ڏِيندڙ جانورَ مان ڪِير ڏَهَڻ يا ڪَڍَڻُ، ڪِير ڏَهَڻ، ڏوبُ ڪَرَڻُ، ڏهائِي ڪَرَڻُ

※ نِچوئِڻ، سِچوئِڻ، نِپوڙَڻُ، چوڪِڻ

※ [سن: ده = ڏَهَڻ؛ پرا: دهڻ، دوهڻ؛ سن: دوهن]

※ ميڙَڻُ

※ [س/ات]

※ ڪَمَر ۾ وَهائِڻ

※ [مجازاً] ڦُرِڻُ، آهِستي آهِستي ڦُرِڻُ، ڦُري سِجو ڪَرَڻُ، صَفا خالِي ڪَرَڻُ

※ [مص] ڏَهَڻ

※ [امر] ڏَهه

※ [مضارع] ڏهان (ج) ڏهئون، ڏهِين (ج) ڏهو، ڏهي (ج) ڏهِين

※ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

※ [حال] ڏهِي ٿو (ج) ڏهِين ٿا

※ [حال مث] ڏهِي ٿي (ج) ڏهِين ٿيون

※ [ماضي] ڏهيو/ڏڌو (ج) ڏهيا/ڏڌا

※ [ماضي مث] ڏهِي/ڏڌي (ج) ڏهيون/ڏڌيون

※ [مستقبل] ڏهَندو (ج) ڏهَندا

※ [مستقبل مث] ڏهَندِي (ج) ڏهَندِيون

※ [اسم مفعول] ڏهيَلُ/ڏڌَلُ

—ڏَهَڻو ج ڏَهَڻا: [ا - مذ] کير ڏَهَڻ جو ٿانءُ

—ڏَهِي ڇڏِڻُ: [اصطلاح] خالِي ڪَرَڻُ، سَکائي ڇَڏَڻُ

※ ٺَلهو ڪَرَڻُ، سِجو ڪَرَڻُ، ڪَنگالُ ڪَرَڻُ، ڦُري ڇَڏَڻُ

※ ناس ڪَرَڻُ، چَٽُ ڪَرَڻُ، وِيرانُ ڪَرَڻُ، بَرباد ڪَرَڻُ، اُجاڙي يا اُجَڙَڪَري ڇَڏَڻُ

• **ڏُئيڙُ ج ڏُئيڙَ:** [ا - مذ] پکيءَ جو هڪ قسمُ (اڇي رنگ، ڊگهين ٽنگن ۽ ڇهنبَ سان گاھ ۾ مڇي کائيندڙ)
* [س/ات]

• **ڏي:** [ظرف] ڏانهن، ڏهون، طرف
'تون ئي منهنجو ٻنڌ، تون ئي تو مون ڏي اچين' (شيخ اياز)

• **ڏي:** [مصدر 'ڏيڻ' جو امر] حوالي ڪر، هيڏي ڪر، سپرد ڪر
* [سن: دا = ڏيڻ]

—**ڏيارڻُ:** [مصدر 'ڏيڻ' مان فعل متعدي بالواسطہ] ڏيڻَ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ، وٺي ڏيڻ، ٻئي جي معرفت وٺي ڏيڻ
* ٻي کان ڪاھ شيءِ ٻئي جي هٿان ڏيڻ موڪلي ڏيڻ
* [سن: دا = ڏيڻ]
* [ڏياريو ڏياريندو ڏياريل]

—**ڏياري مُنجڻُ:** [اصطلاح] ڏياري موڪلڻ، روانو ڪرڻ (ڪا شيءِ ڪنهن ڏانهن)

—**ڏياري موڪلڻُ:** [اصطلاح] روانو ڪرڻ، موڪلڻ، اُڪلائڻ، روانگي ڪرڻ

—**ڏي ڏي ڪرڻُ:** [اصطلاح] گهرندو رهڻ، طلب ڪرڻ

—**ڏِينمِ:** [مصدر 'ڏيڻ' جو امر] مون کي ڏي، منهنجي حوالي ڪر، منهنجي سپرد ڪر
'ڏِينمِ! اِهو تنبورو مون کي، ڪيسين سهڻدين شاهه' (شيخ اياز)

—**ڏيڻُ:** [مص - فعل متعدي] حوالي ڪرڻ، سونپڻ، ڇڏڻ، رکڻ (ڪا شيءِ ٻئي وٽ)
* عطا ڪرڻ، بخشڻ (دانُ)، خيرات ڪرڻ، اِمداد ڪرڻ، پيش ڪرڻ، نذر ڪرڻ
* أدا ڪرڻ، چڪائڻ
* صدقي ڪرڻ، قربان ڪرڻ (جيئن: مالُ ڏيڻ، جانِ ڏيڻ)
'ڏيڻ سِر قرض، 'سچو' سنڌَ سٽ ۾' (سچل)
* ٻڌائڻ، سڻائڻ (جيئن: ٻولُ ڏيڻ، لولي ڏيڻ وغيرہ)
'لوليون ڏئي تو لاءِ، آيل آدِ جڳادِ جي' (شيخ اياز)
* [سن: ددن > دا = ڏيڻ، ف: دادن = ڏيڻ]
* [مص] ڏيڻ
* [امر] ڏي
* [ڏني ڏيندو ڏنل]

—**ڏيڻُو ج ڏِيڻا:** [ا - مذ] قرضُ، اَدائي، لهڻو
* [صفت - مذ] ڏيڻ جوڳو، ڏيڻَ جهڙو، فروخت ڪرڻ جي لائق

—**ڏيڻُ وٺڻُ:** [ا - مذ] ڏيتي ليتي، ڏنو ورتو، راهه رسم
* [اصطلاح] قرضُ وغيرہ ڳڻڻ
* أدا ڪرڻ، حسابُ ڪتابُ لاهڻ

—**ڏيڻو ڪرڻُ:** [اصطلاح] ڏيڻَ لاءِ رضامندي ڏيکارڻ، وڪامڻ جو اِرادو ظاهر ڪرڻ، وڪري لاءِ هائوڪار ڪرڻ

—**ڏيڻيدارُ ج ڏيڻيدارَ:** [صفت] ڏيڻات، قرضي

—**ڏيڻي وٺڻي ج ڏيڻيون وٺڻيون:** [ا - مث] ڏيڻَ وٺڻَ جي حالتَ، قرضُ، اوڌر، قرضُ ٻڪو، ڏيتي ليتي، وهنوار

—**ڏي وٺُ ج ڏي وٺون:** [ا - مث] ڏيڻَ وٺڻَ واري حالتَ، ڏيتي ليتي، عيوضو، حسابُ ڪتابُ، مَٽاسَٽا، وهنوار، ليکو چوکو، واپار
* مُعاملو

—**ڏي وٺُ ڪرڻُ:** [اصطلاح] ڏيڻ وٺڻ، وهنوار ڪرڻ، واپار ڪرڻ
* هڪَ ٻئي کي سَڱُ ڏيڻ، مٽي مائٽي ڪرڻ، سَڱَ جي بدلي ۾ سَڱُ ڏيڻ

—**ڏيئي ٻُجهائڻُ:** [اصطلاح] بحث ۾ لاجوابُ ڪرڻ

—**ڏيئي وٺي ٻيهڻُ:** [اصطلاح] زورُ لڳائي ٿڪجڻ، سَخت ڪوشش ۾ ناڪامُ ٿيڻ، هِمَتَ هارڻ
* ڪَڪِ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ
* وَسيلا ختم ٿيڻ

—**ڏيئي وٺي ويهڻُ:** [اصطلاح] آسرو لاهي ڇڏڻ
* بي آبرو ٿيڻ
* خالي ٿي وڃڻ
* دِل واري يا قيمتي شيءِ گم ڪرڻ
* سَخت بيمار ٿيڻ

• **ڏِيا:** [ا - خاص] هڪَ ذاتِ جو نالو
* [س/ات]

—**ڏينهَن پُورا ٿيڻ:** [اصطلاح] عمر گذرڻ، حياتي خَتم ٿيڻ
* گارنٽي خَتم ٿيڻ (ڪنهن ڪَل وَغيره جي)

—**ڏينهَن پُورا ڪَرڻ:** [اصطلاح] وَقت گذرڻ، وَقت ڪاٽڻ
* حياتي جيئن تيئن پوري ڪَرڻ

—**ڏينهَن پوڻ:** [اصطلاح] عَرصو لَڳڻ، وَقت پوڻ

—**ڏينهَن جا تارا ڏيکارڻ:** [اصطلاح] سَخت سَزا ڏيڻ، اهڙيءَ طرح سَختي ڪَرڻ جو اَکين اَڳيان تِرورا اچي وڃن، مَلامتَ ڪَرڻ، ڦيهَ ڪَڍڻ، مار ڪَڍڻ، خوب سيڪتِ ڏيڻ، سَخت مصيبَتون ڏيڻ، عقوبَتون ڪَرڻ، زبردَستي ڪَرڻ
* عَجَبُ ڏيکارڻ

—**ڏينهَن جا تارا ڏسڻ:** [اصطلاح] حواس باختہ ٿيڻ

—**ڏينهَن جو ڏيئو ٻارڻ:** [اصطلاح] ڏيوالو ڪَڍڻ، ڪوڙ ڪَڍڻ، ٻاڻ کي ڪنَلُ ظاهِر ڪَرڻ، ناداري ڏيکارڻ

—**ڏينهَن چِٽا ڪَرڻ:** [اصطلاح] تِٿِ ٻَڌڻ، ڏينهَن صاف يا ظاهر ڪَرڻ، ڏينهَن ٻَڌڻ، ڪنهن موقعي لاءِ تاريخ مقرر ڪَرڻ

—**ڏينهَن چڙهڻ:** [اصطلاح] سِج ڪافي مٿي چڙهڻ، ٻيپهري ٿيڻ
* عورتَ کي حَمَل رهجي وڃڻ

—**ڏينهَن چڙهئي:** [ظرف] سِجَ اُڀرئي کان دير سان، صبحَ جو دير سان، سِج مَٿي اَچڻ کانپوءِ

—**ڏينهَن ڏکِڻ:** [اصطلاح] مصيبَتَ جي ڏينهَن کي ٽارڻ، ڏکيو وَقت گذارڻ

—**ڏينهُن ڏونرو ج ڏينهَن ڏونرا:** [ا - مذ] چِٽو يا صافُ ڏينهُن، صَفا صبح

—**ڏينهَن ڏٺي:** [ظرف] ڏينهَن جو، سِجُ ٻيٺي
* [صفت] ظاهِر ظُهُور، پَڌري پَٽ، ڪليو ڪلايو، عام مَشهُور

—**ڏينهَن ڏسڻ:** [اصطلاح] وارو ڏسڻ، زمانو ڏسڻ، دَوُر ڏسڻ
* اِنتظار ڪَرڻ

—**ڏينهَن ڏنگو ٿيڻ:** [اصطلاح] بَدبَختي اَچڻ، قِسمَتَ جو ساٿ نہ ڏيڻ
'جا جا ڏنگا ڏيڻ منهنجو ڏينهُن ڏنگو مَ ٿئي' (شاهہ)

—**ڏينهَن ڏهاڙو ج ڏينهَن ڏهاڙا:** [ا - مذ] ڪوبہ ڏينهَن، وَڏو ڏينهَن، ڏڻ، ڏهاڙو

—**ڏينهَن ڏيڻ:** [اصطلاح] حياتي عَطا ڪَرڻ، زندگي بَخشڻ (هي اِصطلاح فقط الله پاڪ جي ذاتِ سان مشروط آهي، جيئن: 'الله ڏينهن ڏيڻيا')

—**ڏينهُن ڏيڻ:** [اصطلاح] اَنجام ڪَرڻ، واعِدو ڪَرڻ، قولُ ڪَرڻ
* شاديءَ وَغيره جي تِٿِ ڏيڻ

—**ڏينهَن راتِ جو فَرقُ:** [ا - مذ] تَمام گهڻو تَفاوتُ، زِياده فَرق
'هِنَن ٻنهي ڀائرن جي اِخلاقن ۾ ڏينهَن راتِ جو فرق آهي' (جملو)

—**ڏينهَن راتِ جو فَرقُ هُئڻ:** [اصطلاح] وَڏو تَفاوتُ هئڻ، گهڻي ڦيرڦار هئڻ

—**ڏينهَن راتِ هِڪُ ڪَرڻ:** [اصطلاح] هَر ڪا مُمڪِن ڪوشِش ڪَرڻ
* سَخت مَحنَتَ ڪَرڻ، ڪَمَ کي جنبي وڃڻ

—**ڏينهَن سان هُجڻ:** [اصطلاح] پيٽَ سان هجڻ (ڪنهن عورتَ جو)

—**ڏينهُن شِينهُن هُئڻ:** [اصطلاح] ڏينهَن ڏٺي جو سَڀُ ڪجهُ ٿي سَگهڻ

—**ڏينهَن ڦِرڻ:** [اصطلاح] سٺا ڏينهَن اَچڻ، ڀاڱُ وَرڻ، نَصيبُ کلڻ، سَڀاڳُ اَچڻ، خوشحاليءَ جو وَقت اَچڻ

—**ڏينهُن ڦِرڻ:** [اصطلاح] شامَ ٿيڻ، ٻيپهريءَ بَعدِ ٽيپهريءَ جو وَقتُ اَچڻ، سِجَ لَٿي جو وَقت ويجهو هجڻ
'ڏينهُن ڦري وَيو آهي ۽ صبح کان ٻجلي اَڃا ناهي آئي' (جملو)
* موسَمَ جو بَدلجڻ، اونهاري مان سِيارو يا سِياري مان اونهارو ٿيڻ

—**ڏينهَن لَٿي:** [ظرف] ڏينهَن لَهڻ واري وَقتِ، سِجَ لَٿي، سانجهيءَ مَهَل، راتِ جو
'آيو آهين ڏينهَن لَٿي، مَڏ ٻي ٽڙندي ٽانهوندو' (شيخ اياز)

• **ڊزائِن ج ڊزائِنُون:** [ا - مث] نقشو، خاڪو، انجنيئر جو تيار ڪيل نقشو، نمونو
* بيهڪ، اڏاوت
* ڊرائنگ جي مضمونن مان هڪ مضمون جو نالو
* ارادو، تجويز، سٿاءُ، رٿ
'مان هن طرح پروگرام ڊزائن ڪريان ٿو' (جملو)
* [انگ: Design]

• **ڊَس ج ڊَسُون:** [ا - مث] مٽيءَ جو غُبار، ڌوڙ، دز، رڄي
* [س/ ات]
* بَد دُعا، پٽ، پاراتو، اولاڻيو
* [س/ڪوهه]

• **ڊُس ج ڊُسُون:** [ا - مث] داسڙ زمين، وارياسي زمين، ڊسڙ، ڌوڙ واري زمين، بسڙ
* [س/ل]
* پيچ، داهه، ڦيناڙو، نابودي
* [س/ل]

—**ڊُسڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڊاهڻ، ڦناڻ، نابود ڪرڻ
* [مص] ڊُسَڻُ
* [امر] ڊُس
* [ڊُسيو، ڊُسيندو، ڊُسيَلُ]

• **ڊسائيڊ:** [مص] طئي ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ
* [انگ: Decide]

—**ڊسائيڊ ڪرڻ:** [اصطلاح] فيصلو ڪرڻ، طئي ڪرڻ

• **ڊَسٽ:** [ا - مث] مٽي، رڄي، دزي
* ٻورو، چُورو
* [انگ: Dust]

—**ڊَسٽ بِن:** [ا - مث] ڪچري دانُ، رديءَ جي ٽوڪري
* [انگ: Dustbin]

—**ڊَسٽَرُ ج ڊَسٽَرَ:** [ا - مذ] مٽي صاف ڪرڻ وارو ڪپڙو، صافو
* بورڊ صاف ڪرڻ جو ڪپڙو
* [انگ: Duster]

—**ڊَسٽ ڪَوَرُ ج ڊَسٽ ڪَوَرَ:** [ا - مذ] ڪتاب تي ڏَڪَلُ پوش (جيڪو ڪتاب کي دز وغيره کان محفوظ رکندو آهي ۽ جنهن تي ڪتاب جو نالو ۽ ٻيا تفصيل درج هوندا آهن)
* [انگ: Dust cover]

• **ڊسٽربنس:** [ا - مث] رُڪاوٽ، رنڊڪ، خلل اندازي، خلل
* پريشاني
* [انگ: Disturbance]

• **ڊسٽريبيوٽ:** [مص] ورهائڻ، ونڊڻ، تقسيم ڪرڻ
* [انگ: Distribute]

—**ڊسٽريبيوٽر:** [صفت] ورهائيندڙ، ونڊيندڙ، تقسيم ڪندڙ، ورهائڻ وارو، ورڇ ڪرڻ وارو (ڪاروباري اصطلاح)
* وَڻجُ واپارُ ڪرڻ وارو، واپاري، ريزڪي واپار ڪرڻ وارو
* [انگ: Distributor]

—**ڊسٽريبيوشن:** [ا - مث] تقسيم، ورڇ، ورهاست، ورهاڱو
* [انگ: Distribution]

• **ڊسٽرڪٽ:** [ا - مذ] ضلعو
* [انگ: District]

—**ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر:** [ا - مذ] پوري ضلعي جو تعليمي نظام سنڀاليندڙ اعليٰ عملدار، ڊي. اي. او
* [انگ: District Education Officer]

—**ڊسٽرڪٽ جج:** [ا - مذ] ضلعي جو وڏو جج، ضلعي جو منصف اعليٰ
* [انگ: District Judge]

—**ڊسٽرڪٽ جيل:** [ا - مذ] ضلعي جو وڏو جيل، ضلعي جو جيل خانو
* [انگ: District Jail]

—**ڊسٽرڪٽ ڪورٽ:** [ا - مث] ضلعي جي وڏي عدالت، ضلعي ڪچهري
* [انگ: District Court]

—**ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ:** [ا - مذ] ضلعي سطح تي ڪيسن جو فيصلو ڪندڙ منصف
* [انگ: District Magistrate]

—**ڊَڪَ ڊاهِڻُ:** [اصطلاح] ٻَناڪُون هَڻَڻُ
* خَرابَ ڳالهيُون ڪَرَڻُ
* اَفواهَ اُڏارَڻُ
* [س/ات]

• **ڊَڪُ ج ڊَڪَ:** [ا - مذ] وَڏِي مَڇِي ڦاسائِڻَ جو هِڪَ رَڇُ
* [س/ل]

• **ڊِڪَ ج ڊِڪُون:** [ا - مث] رَنبَ، رَڙَ (ماهيي مال جِي) ڪِنجهه، چِنگهه، ڪَرڪَ
* ڊِڪَ. ڪَڪِ ڪَرَڻَ جي حالَتَ
* [س/ل]

• **ڊُڪَ ج ڊُڪُون:** [ا - مث] ڊُڪَڻَ جي حالَتَ. ڊوڙَ، ڀاڄ، ڀڄَ، ٽاپي
* سَٽَ. لُوهَ
* [سن: ٻوڪر]

—**ڊُڪائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڀڄائڻ. ڊوڙائڻ. تکو هلائڻ. سَٽَ ڪَٽائڻ. ڊوڙ پائڻ. ٽاپي ڪَٽائڻ
* [ڪنايہ] اِشاري تي هَلائِڻ. پَنهِنجي تابع ڪَرَڻُ
* [مص] ڊُڪائِڻ
* [امر] ڊُڪاءِ
* [مضارع] ڊُڪايان (ج) ڊُڪايُون. ڊُڪائين (ج) ڊُڪايو. ڊُڪائي (ج) ڊُڪائِين
* [زمان حال ناهِڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] ڊُڪائي ٿو (ج) ڊُڪائِين ٿا
* [حال مث] ڊُڪائي ٿِي (ج) ڊُڪائِين ٿِيُون
* [ماضي] ڊُڪايو (ج) ڊُڪايا
* [ماضي مث] ڊُڪائِي (ج) ڊُڪايُون
* [مستقبل] ڊُڪائِيندو (ج) ڊُڪائِيندا
* [مستقبل مث] ڊُڪائِيندي (ج) ڊُڪائِينديُون
* [اسم مفعول] ڊُڪايَلُ

—**ڊُڪَ ڊوڙَ ج ڊُڪُون ڊوڙُون:** [ا - مث] ڀَڄَ ڊُڪَ، ڀَڄ ڀَڄان
* وَٺَ پَڪَڙَ، وَٺَ وَٺان، نَفسانَفسِي
* ڪوشش. جدوجهد. سَعيو

—**ڊُڪَ ڊوڙَ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڀَڄَ ڊُڪَ ڪَرَڻُ، ڀَڄُ ڀَڄان ڪَرَڻُ
* ڪوشش ڪَرَڻُ. سَعيو ڪَرَڻُ
* رِٿِيَل ڪمَ کي اُڪلائِڻَ لاءِ ڪوشِشُون ڪَرَڻُ

—**ڊُڪَڻُ:** [مص - فعل لازمي] تَمام تِکو هَلَڻُ. ڊوڙ پائِڻُ. ڊوڙَڻُ. ٽاپي ڪَٽَڻُ
* [ڊُڪِيو، ڊُڪِيا، ڊُڪِي، ڊُڪِيُون، ڊُڪَندو ڊُڪَندا، ڊُڪَندِي، ڊُڪَندِيُون، ڊُڪِيَلُ]

—**ڊُڪِڻُو ج ڊُڪِڻا:** [صفت - مذ] ڊُڪَندڙ، ڊوڙَندڙ، ڀڄَندڙ
* تِکو. تيز. چوهو. جَلد. تَکڙو. ڊوڪو. ٻوڪِڻو. چُوٽ. جانگهو. وڪڙيو. تيزرو. هَلڻو پَلو. چاندو. جَل ڦُناڪو
* [مث: ڊُڪِڻي ج ڊُڪِڻيُون]

• **ڊِڪٽيشَن ج ڊِڪٽيشَنُون:** [ا - مث] اَمر. هِدايَتَ
* ڏِکو
* لِکائِڻَ جو عَمَلُ. لِکائِڻَ جي مَشِقَ (اِسڪُولي شاگِردَنِ لاءِ)، صُورتخَطِي
* [انگ: Dictation]

• **ڊِڪِري ج ڊِڪِريُون:** [ا - مث] ڪورٽَ جو حُڪمُ. عدالَتَ جو فرمانُ. ديواني ڪورٽ جو قرضدار جي ملڪِيَت تي ضَبطِگِيءَ جو حُڪمُ. ڊِگري، ضَبطِي
* [انگ: Decree]

• **ڊِڪِريز:** [مص] گهٽِ ڪَرَڻُ. گهٽائِڻُ. ڪَٽائِڻُ
* [انگ: Decrease]

• **ڊِڪشَن:** [ا - مذ] طرزِ تَحرير. لَبَ وَ لَهجو. اَندازِ بَيان. اَسلُوبَ. لِکَڻَ يا بَيانُ ڪَرَڻَ لاءِ لَفظَن جو اِنتِخابَ
* [انگ: Diction]

• **ڊِڪشِنري ج ڊِڪشِنريُون:** [ا - مث] لفظَن جي مَعنائَن جو ڪِتابُ. لُغت. لُغاتِ. ڪوش. فَرهَنگ
* [انگ: Dictionary]

• **ڏوهُہ ج ڏوهَہ:** [ا - مذ] اُتر طَرَفُ هڪَ تاري جو نالو، تارو
※ [صفت] هڪَ هَنڌِ بيٺَلُ، غير مُتَحرڪُ، نِسچَلُ، اَچَلُ، استِرُ، ثانئيڪو، ماڳائِتو، هَنڌائِتو، ثانئتو، قائمُ

• **ڏوهِڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڏوهِي وِجَهڻُ، قَسَمُ وِجهي مَنَعُ ڪَرَڻُ، واسِطو ڏِئي جَهلِڻُ
※ [هند: دهائِي]
'تُون ڪرئيين، تُون ڏوهِيين، ڏِئِين تُون ڏُهاڳُ' (شاهہ/لِيلا چَنيسَر)
※ [مص] ڏوهِڻُ
※ [امر] ڏوهِہ
※ [ڏوهِيو، ڏوهِيندو، ڏوهِيَلُ]

—**ڏوهِي ج ڏوهِيُون:** [ا - مث] قَسَمُ، سُنهَن، سوڳَنڌُ، واسِطو، ساکَ
※ [هند: دهائِي]
'ڏوهِي اَئِيان ڏوهَہ، مَتان ڪا مُون سِين ڪَري' (شاهہ/حُسيني)
※ قَسَمُ پَيَلُ، جَهل، روڪَ
※ گَندَ جو ڍيرُ، ڪَچري گَڏُ ٿيَڻَ جي جاءِ، ڏوئِي

—**ڏوهِي وِجَهڻُ:** [اصطلاح] قَسَمُ ڏِيَڻُ، سُنهَن وِجَهڻُ، سوڳَنڌُ وِجَهڻُ، واسِطو ڏِيَڻُ

• **ڏوهو ج ڏوها:** [ا - مذ] مِينهَن جي موسَمَ ۾ تيز تِڙڪو
※ [سن: دروه]
※ بَرساتِ جا آثارَ، آگَمُ، جُهڙُ
※ [س/ڪوهہ]
※ دَڙو، ڍِڳَ، ڏوئِي
※ [س/ل/ٿ]

• **ڏوبارُ:** [ا - مذ] وَڻَ جو ٿُلهو ٿُڙُ
※ [س/ٿ]

• **ڏِويژَنِ ج ڏِويزَنُون:** [ا - مث] عِلائِقو، حِصو، ڀاڱو
※ مُلڪَ يا صُوبي جو ڀاڱو، ٻہ يا ٽِن کان وَڌِيڪَ ضِلعَن تي مُشتَمِل اِنتِظامِي يُونٽُ (جيئن: سِنڌُ ۾ ڇَهہ ڊِويزَنُون ڪَراچِي، حيدَرآباد، سَکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ نوابشاهہ آهن)
※ اِمتِحانِي نَتِيجي ۾ اُميدوارَ جي نَمبرن جي لِحاظ کان وِرهاسَتَ
※ [انگ: Division]

• **ڏَهَہ ج ڏَهُون:** [ا - مث] ٿيلهو، ڏِڪو
※ [سن: دمب - ڏِڪو]
※ هَلان، ڪاهَ
※ ڏَڳِيءَ جي کِيرَ ڏُهَڻَ وَقتِ لَتَ، مَتي جو ٺَڪَرُ، ڏِيهَہ، ڏِهَہ، ٿُونو
※ [س/ات]
※ ٻارَن کي ٿِيندڙ دَستَن جِي بِيمارِي، دَستَ
※ [س/ات]

—**ڏَهَہ نہ جَهلَڻُ:** [اصطلاح] ڏَڪَ نہ جَهلَڻُ، ٿيلهو بہ نہ سَهَڻُ، ڏَبَ نہ جَهلَڻُ

• **ڏِهَہ ج ڏِهُون:** [ا - مث] جُلهَہ، ڪاهَ، حَملو، هَلان
※ سِڱَنِ سان هِنيَلُ ڏَڪُ، ٺَڪَرُ، ٿُونو، ڏَڪُ، ٿيلهو، اُکَلُ
※ [سن: ڏمب = ٿيلهو]

—**ڏِهُون ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] ڪاهُون ڪَرَڻُ، سَٽُون ڏِيَڻُ، زورُ ڏِيَڻُ
※ سِڱَنِ سان اُڇَلُون ڏِيَڻُ

• **ڏِهُہ ج ڏِهَہ:** [ا - مذ] ڍِڳُ، ڍيرُ، اَنبارُ، نوٽَرُ
※ [س/ات]

• **ڏِها:** [ا - خاص] اُتَرَ سِنڌُ ۾ هِڪَ قَبِيلي يا ذاتِ جو نالو

• **ڏَهِہ چُورِ:** [ظرف] آمهُون سامهُون پاڻَ ۾ ڳَنڍِجي وَڃَڻَ جي حالَتَ
※ گَڏِجي
※ جانِيُوتِجي، هَٿين پَئِجي
※ [س/ڪوهہ]

• **ڏَهَرَ:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو
※ [س/ات]

• **ڏَهڪَلُ ج ڏَهڪَلَ:** [ا - مذ] مِينهَن جو ڪُجُهہ وَسِڪارو
※ [س/ل]

• **ڏَهِلَڻُ:** [مص - فعل متعدي] کَسِڻُ، ڦُرِڻُ، ڀَڃڻُ، ڇِنَڻُ
※ [س/ات]
※ [مص] ڏَهلَڻُ
※ [امر] ڏَهِلِ
※ [ڏَهلِيو، ڏَهلِندو، ڏَهلِيَلُ]

• **ڊِي ايڪٽيويٽ:** [صفت] غير فعال. جامدُ
※ بيڪار. نڪمو. منجمند
※ غير سرگرم
※ [انگ: Deactivate]

• **ڊِيبَ ج ڊِيبُون:** [ا - مث] ٻنن ۾ هنيل ڏاڍي مُڪَ. ڊِبَ
※ [س/ل]

• **ڊِيبَڪَ ج ڊِيبَڪُون:** [ا - مث] مدارين يا بازيگرن جي ننڍڙي ڀڪوار. ڍولڙي. ڊبڪي
※ [سن: ڊِنڊِمِ]

— **ڊِيبِڪِي ج ڊِيبِڪِيُون:** [ا - مث] ڊيبَڪَ

• **ڊِيبو ج ڊِيبا:** [ا - مذ] سارين ڏرڻ جي جَندَ جو ڪِلَرَ مان نڪيل هيٺيون پڙ. ڊيبو
※ [س/ل]

• **ڊِيٿِ:** [ا - مث] موت. وفات. اَجَلُ. فوتگي
※ [انگ: Death]

— **ڊِيٿِ سرٽيفڪيٽ:** [ا - مذ] موت جو سرٽيفڪيٽ
(جيڪو سرڪار پاران جاري ڪيو ويندو آهي)
※ [انگ: Death certificate]

— **ڊِيٿِ وارنٽُ ج ڊِيٿِ وارنٽَ:** [ا - مذ] موت جو حُڪمنامو. قاسيءَ جو حُڪمنامو. موت جو پروانو
※ [انگ: Death warrant]

• **ڊيٽِ ج ڊيٽُون:** [ا - مث] تاريخ. تِٿِ. مورخه
※ [انگ: Date]

• **ڊيٽا:** [ا - مث] انگ اکر. بُنيادي حاڻ
※ مَوادُ
※ [انگ: Data]

— **ڊيٽا بيس:** [ا - مث] بُنيادي انگ اکر
※ [انگ: Deta base]

• **ڊيٽو ج ڊيٽا:** [صفت - مذ] ڊيندو. ٻندرو. ڊِمٽي
※ [س/ات]

• **ڊِيٺُ ج ڊِيٺَ:** [صفت] بَهادُر. هِمَت ڀريو. دِليرُ. بي ڊپو. بي ڀؤ. ڇاتيءَ وارو. بيباڪ. نِڊَرُ. بي پرواهه
※ هوڏي. ضدي
※ [سن: درشت = هوڏي]
※ شوخ
※ گستاخ. بي اَدَبُ. نرلجو. بي ساڳاهو
※ مَنَر. اَنَرُ. نِنَرُ

— **ڊِيٺائي ج ڊِيٺائيون:** [ا - مث] بي اَدبي. شوخي. گستاخي
※ نِنرائي. ڪَڏُ
※ بَهادُري. دِليري

• **ڊِيپ:** [صفت] اُونهو. گهرو. عَميقُ
※ [انگ: Deep]

— **ڊِيپ سِي:** [ا - مذ] اُونهو سمنڊ. گهرو سمنڊ. بحرِ عَميق
※ [انگ: Deeepsea]

— **ڊِيپ فِرائي:** [صفت] گهڻي تيل يا سٽيءَ ۾ تريل کاڌو
※ [انگ: Deepfry]

• **ڊيپ فريزر ج ڊيپ فريزر:** [ا - مذ] فرج جو اُهو حصو جتي کاڌي پيتي جون شيون ٿڌيون رهن ۽ ڄمي وڃن. ريفريجريٽر
※ [انگ: Deepfreezer]

• **ڊِيپُو ج ڊِيپُو:** [ا - مذ] واپار جو هَنڌُ. دُڪانُ. پاندو. گودام. ڪوٺي
※ [انگ: Depot]

— **ڊِيپُو لَڳِي وَڃَڻُ:** [اصطلاح] عام جام ٿِيَڻُ (جنس يا وکرَ). گهڻي انداز ۾ ٿيڻُ
'هَر هَنڌِ مالَ جا ڊِيپُو لڳي ويا آهن' (جملو)
※ سَڪار ٿِيَڻُ

• **ڊيڄارَڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڊَپَ ڏيارڻُ. خوف ڏيارڻُ. ڌڪائڻُ. ڏرائڻُ
※ ڌاهڻُ. ڌڪائڻُ. ڪنبائڻُ
※ دڙڪو ڏيڻُ. دڙڪي ڏيڻُ. هيسائڻُ. دٻائڻُ
※ [سن: در = ڊِڄڻ]
※ [مص] ڊيڄارَڻُ
※ [امر] ڊيڄار

— **ڍَرائي ج ڍَرائيون:** [ا - مث] ڍِلائي، ڍِل، ڍَر، ڍِراڻ، ٿڌائي، مانائي، هِلڪڙائي، آهستگي
* ڪاهلي، سُستي، غفلت
* دير، اويرائي، چرڪ
* ڪمزوري، ضعيفائي
* گرگلائي، موڪرائي

— **ڍَر ٻڌڻ:** [اصطلاح] ڍرين تندن کي ڍلهڙو ٻڌڻ (جيئن اٽڻ ۾ ٻُڌي اندر ۾ ڇڪجن ۽ ڪپڙو خراب نہ ٿئي/ڪورين جو اصطلاح)

— **ڍَرتاڻ ج ڍَرتاڻون:** [ا - مث] هيٺائين، جهمر، نوڙ
* سلامتيءَ واري لاهي
* [س/ات/ل]

— **ڍَر ڏيڻ:** [اصطلاح] ڍِل ڏيڻ، آزادي ڏيڻ، ڇوٽ ڇڏڻ، ڪجهہ وقت مهلت ڏيڻ، زور نہ ڀرڻ
* ڍلو ڇڏڻ، ڍارڻ، ڍرو ڪرڻ
* سُستي ڪرڻ، غافلائي ڪرڻ
* ٿڌو مانو ٿيڻ
* تڙ ڀيڙ نہ ڪرڻ، ٻي اُونو ٿي ويهڻ

— **ڍَر ڍَرڻ:** [اصطلاح] نذرانو ملڻ، بخشش عطا ٿيڻ، خدائي رحمت جو وسڻ، مفت ۾ ملڻ
* [س/ات]

— **ڍِرڙائي ج ڍِرڙائيون:** [ا - مث] ڍلڙائي، ڍلائي، ڍلهڙائي
* گهر، گهلائي، دير اوير

— **ڍِرڙو ج ڍِرڙا:** [صفت - مذ؛ صفت 'ڍرو' جو اسم تصغير] ڍلڙو، ڍلهڙو
* سُست، ڪاهل
* [مث: ڍِرڙي ج ڍِرڙيون]

— **ڍَر ڪڍڻ:** [اصطلاح] اٽاوت ۾ جهول وارين تندون برابر انداز ۾ ڪرڻ (ڪورين جو اصطلاح)

— **ڍَرڻ:** [مص - فعل لازمي] ڍرو ٿيڻ، ڍرڪڻ، ڍَر اچڻ
* هيٺ لهڻ، هيٺ اچڻ، اُترڻ، لڙڻ، لهڻ، لهي وڃڻ
* گهٽجڻ، هلڪو ٿيڻ
* اندر ٻڇي وڃڻ، گهڙي وڃڻ، لنگهڻ، پيهي وڃڻ، منجهہ ٿيڻ
* [س/ل]

* وهڻ، نمڻ، اوتجڻ (کا پاڻياٺ وغيره ٿانءَ مان)
* اُپرو ٿيڻ، ڪمزور ٿيڻ
* ڪرڻ، ڊهڻ
* [ڍريو، ڍريا، ڍري، ڍريون، ڍرندو ڍرندا، ڍرندي، ڍرنديون، ڍريل]

— **ڍَرڻ:** [مص - فعل متعدي] ڍرو ڪرڻ، آهستي ڪرڻ، ڍرائڻ، گهٽ ڪرڻ، گهٽائڻ، هلڪو ڪرڻ
* ڪنهن کي پيار ڪرڻ، قرب ڪرڻ، محبت ڪرڻ
* عزت ڪرڻ، مانُ ڏيڻ
* لوڏڻ، ڌوڏڻ، ڌوڻڻ
* ڍر ڏيڻ، ڍارڻ
* جهپائڻ
* ڍرو ڪرڻ، ڇوڙڻ
* ڪولڻ
* ترسڻ، دابو ڪرڻ
* [مص] ڍرڻ
* [امر] ڍر
* [مضارع] ڍريان (ج) ڍريون، ڍرين (ج) ڍريو، ڍري (ج) ڍرين
* [زمان حال ناهج لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] ڍري ٿو (ج) ڍرين ٿا
* [حال مث] ڍري ٿي (ج) ڍرين ٿيون
* [ماضي] ڍريو (ج) ڍريا
* [ماضي مث] ڍري (ج) ڍريون
* [مستقبل] ڍريندو (ج) ڍريندا
* [مستقبل مث] ڍريندي (ج) ڍرينديون
* [اسم مفعول] ڍريل

— **ڍِرو ج ڍِرا:** [صفت - مذ] ٿڌو، مانو، نرم
* ڍلو، ڍرڙو، ڍرائتو، آهستي، هلڪو، ڍار سان، نرميءَ سان، هوريان، ڌيري، ڌيمي
* گهٽ، ٿورڙو، قليل، ٿوري مقدار ۾
* ڍلهڙو، ڍلهو، گهرگهلو
* خلاصو، ڇنلو، ويڪرو، (ڪپڙو وغيره)
* غافل، سُست، ڪاهل، ٽوٽي، آرسي، آلسي، بيڪار

• **ذَروج ذَرا:** [ا - مذ] لغوي مَعنيٰ ۾ ماڪوڙي

* مادي جو نِهايَت ننڍڙو ٽڪرُ، ريزو، تمامُ ٿورو حِصو، ٿورو ذِرڙو، هَوَ رَتِي، جُزو، پَرماڻو، اَڻو، تِرُ، لِکَ

* اُهي ذرا جيڪي اُسَ ۾ ڏرَ رانگرِ ڏِسبا آهِن، جَن جي سَوين (100 هين) پتي

* [صفت - مذ] ٿورو، گهٽ، ننڍو، لانو، لاناڙو، چونڊ، قلِيلُ، ڪُجهہ، جُزوي

* [مجازاً] ناچيزُ، حَقِيرُ

'ذَري کي آفتابَ مقابِل ڪَري ڇڏِيئِهُ' (عَطا مُحَمّد 'حامِي')

— **ذَروپُرزوج ذَرا پُرزا:** [ا - مذ] ٿورو گهڻو

* سَڀُ ڪُجهہ، رَهِيَلُ سَهِيَلُ، هَر چِيزُ

* ڪَنهِن شيءِ جا ننڍا ننڍا پُرزا يا اوزارَ (جهڙوڪ: پيچَ نَٽَ وَغيرَه)

— **ذَروذَروج ذَرا ذَرا:** [ا - مذ] ٿورو ٿورو، ڪُجهہ ڪُجهہ

— **ذَروذَروبُڌائِڻُ:** [اصطلاح] تَفصِيلَ سان ٻُڌائِڻُ، هَر شيءِ ٻُڌائِڻُ

— **ذَره نَوازِي:** [ا - مث] ناچِيزَ کي اَهمِيَتَ ڏِيَڻُ، خَسِيسَ کي مانُ ڏِيَڻُ

— **ذَره نَوازِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ناچِيزَ کي چِيزَ بَنائِڻُ، نااَهَلَ کي اَهَلَ بَنائِڻُ

— **ذَري ذَري:** [ظَرف] ٿوري ٿوري، هَر هَر، لَحظي بہ لَحظي، وَقفي وَقفي بَعدِ، جَلدِي جَلدِي، وِري وِري، گهڙِيءَ گهڙِيءَ، مِنٽَ مِنٽَ ۾

— **ذَري گهٽِ:** [ظَرف] ذَري جيتري فَرَق سان، ٿوري فَرَق سان، مَعمُولِي تَفاوَتَ سان

— **ذَري مان ذَروڏِيَڻُ:** [اصطلاح] ٿوري مان بہ وَندي وِرهائِڻُ

• **ذُروج ذُرا:** [ا - مذ] پَکيءَ جو هِڪُ قِسمُ، هِڪُ شِڪارِي پَکي

• **ذَره:** [ظَرف] بِلڪُل، هَرگز، بِنهہ

'توکي ذره بہ پَرواهہ ناهي' (جملو)

• **ذُرِيَتَ ج ذُرِيَتُون:** [ا - مث] ماڻهوءَ يا جِنَ جو نَسلُ، پونئَرَ، اولادِ، سنتان، ٻارَ ٻَچا

* پُجَندي، طاقَتَ، پَهُچَ، وَسِيعَتَ

* [ع]

• **ذَرِيعو ج ذَرِيعا:** [ا - مذ] وَسِيلو، واسِطو، مَعرِفَتَ، ذَوارانِ، طُفيلِ، بَدولَتَ، باعِثُ، ڪارَڻُ، سَبَبُ

* اُپاءُ، رَستو

* هُوندِ، پُڄَندِي

* جَمِيعَتَ، وُسعَتَ

* [ع: ذَرِيعہ]

— **ذَرِيعو پيدا ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] وَسِيلو پيدا ڪَرَڻُ، سَبَبُ ڪَڍَڻُ

• **ذِقَ ج ذِقُون:** [ا - مث] ڪَلِي، ذَبِي (جَنهِن ۾ ڪِيمَ هُجي)

* [س/ات]

• **ذَقَنُ:** [ا - مث] مُنهَن جو هِڪُ حِصو، ڪاڏِي، ڄاڙِي

* [ع]

• **ذَڪا:** [ا - مث] ذِهنُ، فَهمُ، طَبِيعَتَ جي تيزي، دانائِي هوشيارِي

* [ع]

— **ذَڪاوَتَ ج ذَڪاوَتُون:** [ا - مث] ذِهانَتَ، هوشِيارِي، دانائِي

• **ذَڪَرُ ج ذَڪَرَ:** [ا - مذ] مَخصُوصَ عُضوو (مَرداني)، آلَت، لِنگَ، ٽِپُڙُ

* [ع]

• **ذِڪرُ ج ذِڪرَ:** [ا - مذ] يادِگِيري، يادِ، سارَ، سَمَڪَ، سَنيارَ، سارُوڻِي، هُرَ

* بَيانُ، تاتِ، تَذڪَرو، گُفتَگُو، ڳالهِہ، چَرچو، پَچارَ، ڳالهِہ ٻولهِہ

* ثَنا، صِفَتِ، تَعرِيفَ، واکاڻِ

'ذِڪرُ جَنهِن جِيءَ ذاتِ جو هَر ذَرِدَ جو دَرمانُ آههِ'
(عَطا مُحَمّد 'حامِي')

* وارِتا، وائِي، چو وَٽِ، چوپَچو، چوٻول، سُڻِيدي

* قُرآن شَرِيفَ جو دور، يادِ خُدا

* عِبادَتَ ۾ اِسمِ اَعظَم جو وِردُ ڪَرَڻُ، تَسبِيحَ پَڙهَڻُ

* [ع: ذِڪر - هُنَ يادِ ڪيو]

— **ذِڪرُ آڇَڻُ:** [اصطلاح] ڪَنهِن شيءِ بابَتِ ڪا ڳالهِہ ٿِيَڻُ، تَذڪِرو ٿِيَڻُ

— **ذِڪرُ آذڪارُ:** [ا - مذ] ڳالهِہ ٻولهِہ، خَبَرَ چارَ، گُفتَگُو

• **راجپُوتَ:** [ا - خاص] هِندُن جي هِڪَ قَبيلي جو نالو

※ پَنجابَ جي هِڪَ مُسلمان قَبيلي جو نالو

• **راجپُوتانا:** [ا - خاص] هِندُوستانَ جي هِڪَ رِياسَتَ جو نالو (جَنهن ۾ راجپُوتَن جُون ڪيتِريُون ئي ننڍيُون وَڏيُون رِياسَتُون اَچِي وَڃَن ٿيُون)

※ حيدَرآبادِ سِندَ جي هِڪَ مَشهُورَ اِسپتالَ جو نالو

• **راجِحُ:** [صفت] بَهتَر، غالِبُ، فائِق

※ [ع]

• **راجِستانُ:** [ا - مذ] هِندُوستانَ جي هِڪَ رِياسَتَ جو نالو (جَنهن ۾ راجپُوتَن جُون ڪيتِريُون ئي ذاتيُون آباد آهِن)

• **راجِسِي ج راجِسِي:** [صفت] `راجرس` وِلايَتي ڪارخاني جو ٺاهِيَلُ چاقو (جيڪو تمام اُچو ۽ مِعياري سَمجهيو ويندو آهي)

※ [انگ: Rogers]

• **راجِسِينَ پوٽا:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو (اَڪثَر ٺَرپارڪَرِ ۽ حيدَرآباد ضِلعَن رَهَن)

• **راجِعُ:** [صفت] رُجُوعَ ڪَندَڙُ

※ پيش ٿِيندَڙُ. اَڳِيان حاضِر ٿِيندَڙُ

• **راجِڪَرا:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو (اَڪثَر ڪَراچِي ۽ حيدَرآبادِ ۾ رَهَن)

• **راجنيلِي:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو (اَڪثَر جيڪَب آبادِ ضِلعي ۾ رَهَن)

• **راج هَنسُ:** [ا - مذ] آبي پَکيءَ جو هِڪُ قِسمُ (اِجو هَنج پَکي جَنهن جُون ٽنگون ۽ چُهنبَ ڳاڙهِي ٿِئي)

• **راڄُ ج راڄَ:** [ا - مذ] رَعيَتَ، رعايا، عام ماڻهُو، پرجا، قومَ، آبادي

※ بادشاهي، صاحِبِي، حُڪُومَتَ

※ مُلڪُ، علائقو

※ [سن: راجن، پرا: راج]

※ [ا - خاص] پارٽي ريلَ گاڏيءَ جو نالو

※ [ڪنايہ] جاڃي، شاديءَ ۾ شَريڪ ٿِيندَڙُ ماڻهُو

— **راڄاڻُ ج راڄاڻَ:** [ا - مذ] راڄيو، راڄا

`تو جو پانيو پانهنجو سو ريساڻو راڄاڻُ` (شاهہ)

— **راڄاڻو ج راڄاڻا:** [صفت - مذ] راڄوڻو، راڄَ جو

※ [مث: راڄاڻي ج راڄاڻيُون]

— **راڄائِتو ج راڄائِتا:** [صفت - مذ] راڄَ وارو، راڄائِي، راڄائي، شاهِي

※ [مث: راڄائِتِي ج راڄائِتِيُون]

— **راڄُ پاڳُ:** [ا - مذ] حُڪُومَتَ، سَلطَنَتَ، بادشاهي، راڄُ

— **راڄُ ٽِنگَ:** [ا - مذ] حُڪُومَتَ جي بَربادِي، بادِشاهيءَ جو خاتِمو

— **راڄدارِي:** [ا - مث] رَعيَتي راڄُ، جَمهُوريَتَ، راڄُوتي، راڄنيتي

※ [سن: راجن + ف: دار > داشتن = رکڻ]

— **راڄڌانِي:** [ا - مث] گاديءَ جو هَنڌُ، تَخت گاهَ، دارالحُڪُومَتَ

— **راڄَ ڏَڻِي:** [صفت - مذ] پُوري راڄَ کي سَنڀالِيندَڙُ، راڄا، حاڪِمُ، بادِشاهُ

— **راڄَ ڊوهو ج راڄَ ڊوها:** [صفت] حُڪُومَتَ جو دُشمَنُ، غَدارُ، باغِي

※ [سن: راجن + دروهہ]

— **راڄَ ڊوهِي ج راڄَ ڊوهِي:** [صفت] غَدارُ، باغِي، حُڪُومَتَ جو دُشمَنُ، عَوامَ جو دُشمَنُ

— **راڄَ راڻِي ج راڄَ راڻِيُون:** [ا - مث] مَلڪہ، پَٽَ راڻِي

— **راڄَ راهُو ج راڄَ راهُو:** [صفت] راڄَ سان رَهائِيندَڙُ، صُلح پَسَند

`ڏِينديءَ لکَ لَطِيفُ چَئي، راڄَ راهُوءَ جي رَسَ` (شاهہ/بلاول)

— **راڄ سَڀا ج راڄ سَڀائُون:** [ا - مث] شاهِي دَربار، شاهِي مَجلِس، دَربار، ڪَچهَري

— **راڄُ ڪاڄُ ج راڄَ ڪاڄَ:** [ا - مذ] شاهِي مُعامِلاتِ، سَرڪاري مُعاملات

※ پَنچائِتي فيصلو، راڄوڻو فيصلو

— **راڄُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] حُڪُومَتَ ڪَرَڻُ، صاحِبِي ڪَرَڻُ، بادِشاهي ڪَرَڻُ، حُڪمُ هَلائِڻُ

※ هرڪا شيءِ هَٿَ وَسِ هُئَڻُ

※ عيش ڪَرَڻُ، آسودو رَهَڻُ، سُکيو رَهَڻُ

— **راڄڪو:** [صفت] راڄَ جو، حُڪُومَتَ جو، راڄُوتو، پَنچائِتي

—**راڄِلُ ج راڄِلَ:** [صفت] راڄَ ۾ رَهندَڙُ. عام ماڻهو. راڄَ جو هِڪُ فَردُ

—**راڄُ مِڙڻُ:** [اصطلاح] خَلقَ گڏُ ٿيَڻُ

—**راڄُ مهاڄَنُ:** [ا - مذ] مُسلمانَن ۽ هِندُن جي گَڏيَل جماعَتَ

—**راڄنيتِ:** [ا - مث] مُلڪِي قانُونُ

—**راڄنيتِي:** [ا - مث] مُلڪِي قانُونُ. حُڪُومَتَ جو آئِينُ. مُلڪِي جوڙجَڪَ

—**راڄَ واڙو ج راڄَ واڙا:** [ا - مذ] هِڪَ ئي راڄا جي هٿَ هيٺِ مُلڪُ. ڳوٺُ يا شَهَر

* راڄُ. قومُ. عَوامُ

—**راڄوٽو ج راڄوٽا:** [صفت - مذ] راڄائي. راڄا جو. راڄا سان مَنسُوبُ

* راڄَ جو. راڄَ وارو. راڄَ سان مَنسُوبُ. نياتِ جو. پَنچائتي

* قومِي

* خانگِي

* [مث: راڄوٽي ج راڄوٽيُون]

—**راڄوٽِي:** [ا - مث] راڄَ جو. نياتِي. پَنچائتي. راڄوٽو. بِرادراڻو. بِرادريءَ جو

* راڄوٽِي هَلَتِ

* پَنچائتي فيصِلو

—**راڄِي:** [صفت] راڄَ جو. راڄوٽو. راڄوٽِي

* [ا - خاص] عورَتَ جو نالو

—**راڄيو ج راڄِيا:** [ا - مذ] راڄا. حاڪِمُ

'مُورُ نہ ٿِيندِءِ راڄِيا، سورَنِ سُرندي مَنُ' (شيخ اياز)

• **راڄپَر:** [ا - خاص] مُسلمانَن جي هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **راڄَڙ:** [ا - خاص] مُسلمانَن جي هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **راڄسِينَ پوٽا:** [ا - خاص] هِڪَ قَبيلي جو نالو (وَلِي راڄسِينَ جو اولاد)

• **راڄَهِلِي:** [ا - مث] اَنَ جو هِڪُ قِسمُ

• **راڄواهَہ:** [ا - خاص] ٽالپورَن جي دورَ ۾ کَهڻَن ئي واهن جو نالو

• **راچَڻُ:** [مص - فعل متعدي] راڃَڻُ. مڃَڻُ. قَبولَڻُ. اِعتراف ڪَرَڻُ. باسَڻُ

* [س/ٿ]

* [مص] راچَڻُ

* [امر] راچ

* [راچيو راچَندو راچِيَلُ]

• **راچَڻُ:** [مص - فعل متعدي] خوشِ ٿيَڻُ. مَحَبَتَ مان رچَڻُ

* [سن: رَچ = خوشِي]

* [مص] راچَڻُ

* [امر] راچ

* [راچيو راچَندو راچِيَلُ]

• **راچِڙِ ج راچِڙيُون:** [ا - مث] بيڙي. ڏونڊِي

• **راچِي ج راچِي:** [صفت] اَسباب وارو

* [س/ات]

• **راحَ:** [ا - مث] هَٿَ جُون ترِيُون

* شَرابُ

* خوشِي. سَرهائِي

* [ع]

• **راحَتَ ج راحَتُون:** [ا - مث] فَرحَتَ. سُکُ. چينُ. اِطمينانُ

* خوشِي. سَرهائِي

* [ع: روح]

'ٻَهرِيُون تان راحَتَ، پوِيُون تان پوءِ رَهِيو' (سچل)

—**راحَتَ اَفزا:** [صفت] سُکُ وَڌائِڻَ وارو

* [ع + ف: راحَت (ع) + اَفزا (ف) = وَڌائِيندڙ]

—**راحَتُ القُلُوبُ:** [صفت] دِلِيُن کي سُکُونُ ڏِيڻَ وارو. دِلِيُن کي خوشِ ڪَرڻَ وارو

* [ڪنايہ] صلوات جو وِردُ

* [ع: راحت + قلوب = دِلِيُون]

—**راحَتَ بَخش:** [صفت] سُکُ پَهچائِڻَ وارو

—**راحَتَ بَخشَڻُ:** [اصطلاح] آرامُ پَهچائِڻُ. سُکُ ڏِيَڻُ

— **راڙِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] رَڙيون ڪَرَڻ، روئَڻ، روڄ راڙو ڪَرَڻ

— **راڙَڻُ:** [مص - فعل متعدي] روئارڻُ

* تَڪلِيفَ ڏيَڻ، ڏُنجهه ڏيَڻُ

'راڙي رَتُ ڪِياس، هِنَ ڪَڏا ئوري ڪَرَهي' (شاهه/ڪنڀات)

* [مص] راڙَڻُ

* [امر] راڙِ

* [راڙيو، راڙِيندو، راڙِيَلُ]

• **راڙو ج راڙا:** [ا - مذ] جنگِ، ويڙهه، لَڙائي

* [هند: راڙ = جنگ]

'عَلِيءَ پٽَ اميرَ ڪَندا راڙو رَڪَ سِين' (شاهه/ڪيڏارو)

* روڄ، رودَنُ

'روئَڻُ ۽ راڙو مون نِماڻيءَ نِجهري' (شاهه/حسيني)

* [صفت] رَڙيون ڪَندڙ، دانهُون ڪَندڙ، دانهوڙي

* هَلُ ڪَندڙ، شور ڪَندڙُ (اَلو يا ڪَلُ)

— **راڙو ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] روڄ ڪَرَڻ، ماتم مَچائِڻ

• **رازُ ج رازَ:** [ا - مذ] لِڪَل ڳالِهه ڳُجهُه، ڀيدُ، اِسرارُ، لِڪَ، مَنجُهه

* [ف: راز = ڳُجهه]

— **رازدارُ ج رازدارُ:** [صفت] رازُ وارو، رازُ کان واقِفُ، هَم رازُ. حالُ مَحَرَمُ، حالُ ياٿي، دوستُ، هَمدَردُ

* [ف: راز + دار، داشتن = رَکَڻ]

— **رازداري:** [ا - مذ] رازُ جو لِڪَ، پَرديداري

— **رازدانُ ج رازِدانَ:** [صفت] رازدارُ، ڀيدي، دِلي دوستُ، هَمرازُ

* [ف: راز + دان دانستن = ڄاڻَڻ]

'چَنڊُ هَر وَقتِ هَمسَفر آهي، راتِ هَر وَقتِ رازِدان آهي' (شيخ اياز)

— **رازُ فاشِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڳُجهه ظاهِر ڪَرَڻُ، لِڪَل ڳالِهه ظاهِر ڪَرَڻ، رازُ کولَڻُ

— **رازَ مَحَرَم ج رازَ مَحَرَم:** [صفت] رازدارُ، رازِدانُ، حالُ ياٿي

— **رازُ نيازُ/رازُ و نيازُ:** [ا - مذ] مَحَبَتَ جُون ڳُجهيون ڳالِهيون، ڳُجهي رِهاڻِ

* [ف]

— **رازَ نيازَ جُون ڳالهيُون:** [محاورو] پيار ۽ قُربَ جُون ڳالِهيون

• **رازِقُ:** [ا - ذات] اَللهُ تَعالىٰ جو هِڪ صِفاتي نالو

'والِي واحِدُ وَحدَه، رازِقُ رَبُ رَحِيمُ' (شاهه/ڪلياڻ)

* رِزق رَسائِيندڙُ، روزِي رَسائِڻ وارو، پالَڻهارُ

* [ع]

• **رازو ج رازا:** [ا - مذ] رازڪو ڪَم ڪَندڙ، جايون ناهِيندڙ، مَعِمارُ، اوساري ڪَندڙ، اوستو

— **رازڪو ج رازڪا:** [صفت] رازي جو (ڪَمُ يا اوزارُ)

• **راسُ/راسِ:** [صفت] دُرستُ، بَرابَر، صَحِيح، مُوافِقُ، سازگارُ

* [ف: راست = برابر]

'تَين سَندِي ڳالهَڙي، رازِقَ آندِي راس' (شاهه)

* پورو، مُڪمل، تيارُ

* خوش، چاقُ، چَڱو ڀَلو

'تُرتُ ٻَڌائُون ٻَيِڙيون، روزُ ڪَيائُون راس' (شاهه/يمن ڪلياڻ)

— **راسِ آچَڻُ:** [اصطلاح] صَحِيح هجَڻُ، مُوافِقُ هئَڻُ

'راسِ آئي نہ هِڪِڙي گهڙي تو سِوا، ڪِيئَن ڪَٽبي سَڄي زِندگِي تو سِوا' (سَرڪَش سِنڌي)

— **راسِ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] مُڪَمَل ٿِيَڻُ، پورو ٿِيَڻُ، تيارُ ٿِيَڻُ، سَرَانجام ٿِيَڻُ

'اَسان جو گهر ئَمِي راسِ ٿِيو آهي' (جملو)

'راسِ بُلبُل کان نہ ٿيو ڪو آشيانو باغ ۾' (عَطا محمد 'حامِي')

— **راسِ پاسِ:** [صفت] هَم صَلاح، راضِي

* نَهِيَلُ، مُڪَمَل

— **راسِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] پورو ڪَرَڻُ، مُڪَمَل ڪَرَڻُ (ڪَمُ)، تيبيرَڻ، پچائِڻَ

— **راسِ هُجَڻُ:** [اصطلاح] مُوافِقُ هجَڻُ

* خوش هجَڻُ، راضِي هجَڻُ

* مُڪَمَل هُجَڻُ

● **راسِ ج راسِيُون:** [ا - مث] چوٽي، بلندي، اوج
* مٿو
* چيڙو، پچاڙي
* موڙي، پونجي، گڏ ڪري رکيل مال، ملڪيت، ميراث
* علمِ رياضيءَ موجب مُوڙ ۽ وياج جي گڏيل رقم
* هڪ گِرهَ جو نالو (جيڪو هر هڪ برج ۾ ٽيرهن مهينا رهي ٿو)
* علمِ نجومَ موجب تارن جي هڪ خاص شڪل، نکٽ، برج
* خشڪيءَ جو ڇهنبيارو حصو، جيڪو پاڻيءَ ۾ هجي (جاگرافيءَ جي اِصطلاح ۾)
* رستو، راهه
* [ف]
* گهوڙي جي واڳ
* وهٽ جي مٿي ۾ ٻڌل رسي
* اُها رسي، جنهن سان ناڙيءَ کي هَر سان ٻڌجي
* [س/ٺ]
* روشنيءَ جي اُها ليڪ، جيڪا سج اُڀرڻ وقت آسمان ۾ ڏسجي
* پاچاريءَ کي ٻڌڻ جي رسي
* [س/ل]

—**راسُ الجَدِي:** [ا - مث] جدي گهيري جو اُهو نُڪتو، جتي سج پهچڻ سان سيارو شروع ٿئي ٿو، ڏکڻائين
—**راس چَڪرُ:** [ا - مذ] سج جو مدار، اُهو دائرو، جنهن تي ٻارهن برج آهن، طريقُ الشمس، سُورج منڊل
—**راس ڌاري:** [ا - مذ] ڪرشن مهراج جي گوپين جو کيل ڪندڙ
—**راسُ السَرطانِ:** [ا - مث] سرطان گهيري جي اُها جاءِ، جتي سج پهچڻ سان گرمي شروع ٿئي، اُترائين
—**راسُ المالِ:** [ا - مذ] تجارت جو سرمايو، واپار جي موڙي
* ملڪي قرض
—**راس ليلا:** [ا - مث] ڪرشن مهراج جي گوپين سان رچايل راڳ ۽ ناچ جي محفل

—**راس منڊلُ:** [ا - مذ] راس چڪر، ٻرجن جو ميڙ
—**راس و ذنب:** [ا - مذ] اُهي ٻه تارا، جن سبب چنڊ گرهڻ ۽ سج گرهڻ ٿيندو آهي، راهو ۽ ڪيت
● **راسِ:** [ا - مث] لوڪ ناچ جو هڪ قِسم، راسوڙو
* [س/ٺ]
—**راسِ وِجهڻُ:** [اصطلاح] جُهمر هڻڻ، ناچ ڪرڻ
* خوشيون ڪرڻ، شادمانا ڪرڻ
'سرتيون راس وجهي ڪيچي آيا ڪيچ مان' (شيخ اياز)
● **راساڙو:** [ا - مذ] اجائي بڪواس، ديڳهه، جهاجهه
● **راسائُو ج راسائُو:** [صفت] رسائو
● **راست:** [صفت] ساڄو، سِڌو، سنمُون
* درست، صحيح، برابر
* سچو، صادِق
* پورو، ٺيڪ
* مُوافِق، سازگار
* [ا - مذ] سچ، حق
* [ف]
—**راست بازُ:** [صفت] سچو، سچ چوندڙ، صادِق، ايماندار، دِيانتدار، بي رياءَ
* [ف: راست + باز > باختن = کيڏڻ]
—**راست بازي:** [ا - مث] سچائي، صداقت، ايمانداري، بي ريائي، ديانتداري
—**راست بِينُ:** [صفت] حقيقت شناس، بي رياءَ، اَمِينُ
* [ف: راست + بين > ديدن = ڏسڻ]
—**راست بِيني:** [صفت] حقيقت شناسي، بي ريائي، صداقت
—**راست راست:** [ظرف] ٺيڪ ٺيڪ، سچ سچ، صاف صاف
—**راست سُخن:** [صفت] سچار، سچو، ايماندار، بي رياءَ
* [ف: راست + سخن = گفتگو]
—**راست شهادَت:** [ا - مث] سچي گواهي، حقيقتن تي مبني بيان
—**راست طبيعَت:** [صفت] نيڪ، پرهيزگار، نيڪوڪار

— **راضِي بَرَضا:** [صفت] رَضاءِ الاهيءَ کي مَڃيندڙ. خدا جي حُڪمَ کي تَسلِيم ڪَندڙ

— **راضِي ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] رَضامَندِ ٿِيَڻُ. خوشِ ٿِيَڻُ. سَرهو ٿِيَڻُ

※ ضِدَ تان لَهَڻُ. پَرچِي وَڃَڻُ. ڪِينو ڇَڏَڻُ

— **راضِيپو:** [ا - مذ] رَضامَندِي. خوشِي. مَرضِي. آمادگِي. قَبولِيَتَ. مَڃتا. راضِپو

— **راضِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] خوشِ ڪَرَڻُ

※ رَضامَندِ ڪَرَڻُ. آماده ڪَرَڻُ. مَڃائِڻ. قَبولُ ڪَرائِڻُ

※ ضِدَ تان لاهِڻُ. پَرچائِڻُ. ڪِينو خَتمِ ڪَرائِڻُ

— **راضِي نامو ج راضِي ناما:** [ا - مذ] پاڻَ ڪَيَلُ فيصلو. رَضانامو. ناھَہ. پَرچاءُ. صُلحَ نامو. اِقرار نامو. قَبولِيَتَ

• **راعِي:** [ا - مذ] ڌَنارُ. ڌَراڙُ

※ رَعِيَتَ کي سَنڀالِيندَڙُ. بادشاھُ

※ [ع]

• **راغِبُ:** [ا - مذ] رَغبَتَ ڏيارِيندَڙُ. چاھُ ڏيارِيندَڙُ. لاڙو رَکندَڙُ. مائِل

※ خواهِشمَندُ. پُر اُميدُ

※ [ع: رَغبَ = مائِل ڪندڙ]

— **راغِبُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] مائِل ڪَرَڻُ. مُتَوَجهِ ڪَرَڻُ. رَغبَتَ ڏيارَڻُ

• **رافِعُ:** [ا - ذات] اَللّٰه تَعالىٰ جو هِڪُ صِفاتِي نالو

※ [صفت] بُلَندِ ڪَندَڙُ. مَٿانهُون ڪَندَڙُ. کَڻَندَڙُ

※ [ا - خاص] مُسَلمان مَردَ جو نالو

※ [ع]

• **راڦ:** [ا - مث] مينهن جو پَتڙو ڇيڻو

• **راڦُ ج راڦَ:** [ا - مذ] راڦو. گَپَ. چِڪَ. گارو

• **راڦو ج راڦا:** [ا - مذ] گَپَ. گارو. پَتڙو گارو. رابڙو

※ مينهن جو پَتڙو ڇيڻو

• **راقِمُ ج راقِمَ:** [ا - مذ] لِکَندَڙُ. ڪاتِبُ. تَحرِيرَ ڪَندَڙُ. مُصَنِف

※ [ع]

— **راقِمُ الحُرُوفُ:** [ا - مذ] اَکَرَ لِکَندَڙُ. خَطَ لِکَندَڙُ

※ مَضمون نَويسَ

※ [ع]

• **راڪ:** [ا - مذ] ننڍو جَبَلُ. پَهاڙِي. ٽَڪِري

※ [انگ: Rock]

• **راڪاسُ ج راڪاسَ:** [ا - مذ] تَمام وَڏي قَدبُتَ ۽ تَمام گهڻيءَ طاقتَ وارو هِڪ خيالي ڪِردارُ (جيڪو هميشه آکاڻين ۾ آهيا). ڀوتُ

※ ظالِمُ. وَحشِي

※ خَبِيثُ. پَلِيتُ

※ [سن: راڪس]

— **راڪاسُ گهِمِي وَڃَڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن ماڻهو ڏسَڻَ ۾ نہ اَچَڻُ (شَهَرَ وَغيره ۾). ڪا پَهَرَ نہ هَجَڻُ. سُڃَ ٿِي وَڃَڻُ. حِراسَ ڦَهِلجِي وَڃَڻُ

— **راڪاسِي ج راڪاسِيُ:** [صفت] راڪاسَ جو. راڪاسَ وارو

— **راڪسِي ج راڪسِيُ:** [صفت] راڪاسَ جو ديوَ جو. راڪاسِي

• **راڪِبُ:** [ا - مذ] سُوارُ. سَوارِي ڪَندَڙُ

※ [ع: رَڪِبَ = سوارُ ٿيو]

• **راڪِعُ:** [صفت] رُڪُوعَ ڪَرَڻُ وارو. نمازِي. عِبادَتَ ڪَرَڻُ وارو

※ [ع: رَڪَعَ - رُڪُوعُ ڪَرَڻُ وارو]

• **راڪيٽُ ج راڪيٽَ:** [ا - مذ] خَلائي جَهازُ

※ بارُودَ جي زورَ تي پَري تائِين مار ڪَندَڙُ ميزائِيلُ

※ [انگ: Rocket]

• **راکَ ج راکُون:** [ا - مث] خاڪَ. ڌُوڙِ. مِٽِي

※ [هند]

• **راکو ج راکا:** [صفت] رَکوالُ. رَکپالُ. مُحافِظُ. پَهَريدارُ. چوڪِيدارُ. واهِي. بَچائِيندَڙُ

※ [رکڻ > راکو]

• **راکِي ج راکِيُون:** [ا - مث] اُهو رَنگين ڌاڳو يا ڳانو، جيڪو هِندُو ڌَرمَ ۾ ڀينرون پَنهنجَن ڀائرن کي ڪَرائِيءَ ۾ ٻَڌَنديُون آهِن (جيڪا رَسمَ ڀاءُ جي حِفاظَتَ لاءِ دُعا جي عَلامَتَ طور ليکي ويندي آهي). ڌاڳو. ڳانو (جيڪو هِندُو ڌَرمَ ۾ ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي ڪَرائِيءَ ۾ ٻَڌَندي آهي تہ جيئن هُو اَهاڳَ يا بُرائِيءَ کان بَچِي ۽ سَندَسِ ڪَلياڻُ ٿِئي). مُرادَ جو سَڳو

— **راڳڻُ:** [مص - فعل متعدي] راڳو ڏيڻُ، لنبڻُ، ليپڻُ. گاري جو ليپو ڏيڻُ

* [مص] راڳڻُ
* [امر] راڳ
* [راڳيو راڳيندو راڳيَلُ]

• **راڳهڻُ:** [ا - مذ] رِيهَه، دانهَن

* [س/ات]

• **راڳڻُ ج راڳڻَ:** [ا - مذ] شِينهَن جو هِڪُ قِسمُ

• **راڳو ج راڳا:** [ا - مذ] رازڪي يا واڍڪي ڪَمَ جو اوزارُ

* ڏاڳو. ڏورو (جيڪو رَنگَ مان ٻوڙي، پٽ يا ڪاٺَ تي سنوَتِ لاءِ ليڪُن ڪَڍَڻ جي ڪَمِ اچي)
* لِيڪو (رَنگَ جو)، رَنگَ ۾ پُسيَلَ ڏورِ سان ڪاٺَ تي نِڪتَلُ لِيڪو (ڪاٺ چيرڻ لاءِ)، داغ
* [هند: رانگا]
* ڪُتي جو هِڪُ قِسم (ميرانجهوڙِ اکيُن ۽ سِليٽي ڏيکاوِ وارو)
* شِينهَن جو هِڪُ قِسم، ٻيلائي شِينهَن (جَنهِن جي بدَنَ تي ڳاڙهي رَنگَ جهڙا پٽا ٿين)

'ٻُر ۾ ٻلائُون ٻهجڙيُون، راڳا ڪَنِ رهاڙ' (حَتَلُ)

* جاٻلو وڻُ جو هِڪُ قِسم (جَنهِن جو ميوو ڳاڙهو ٿئي)
* [صفت] رَڱيندڙُ، رَنگ سازُ

— **راڳا ڪَرڻُ:** [اصطلاح] لِيڪا وجهڻُ، رَڱي ڇڏڻُ (گهڻي برساتِ ۾ وڻن تي ڳاڙها ليڪا پئجي ويندا آهن)

* قَهَرُ ڪَرڻُ، ظُلمُ ڪَرڻُ، ويلُ وهائِڻ، قُرلتَ ڪَرڻُ

— **راڳڻُ:** [مص - فعل متعدي] رَنگَ ۾ پُسيَلَ ڏورِ سان (ڪاٺ وغيره کي چيرڻ لاءِ) نِشانُ ڪَرڻُ، رَنگَ سان لِيڪا ڪَڍَڻُ

* [مص] راڳڻُ
* [امر] راڳ
* [راڳيو راڳيندو راڳيَلُ]

— **راڳي ڇڏڻُ:** [اصطلاح] رَڱي ڇڏڻُ، ڳاڙهو ڪري ڇڏڻُ

* لِيڪا ڪَڍَڻُ
* دَعا ڏئي ڇڏڻُ، اڏي ڇڏڻُ، ڍائي ڇڏڻُ
* خَرابُ ڪَرڻُ

• **رالُ:** [ا - مذ] هِڪَ قِسمَ جو پَسارڪو وَکر. ڪوئر جو هِڪَ قِسمُ (جيڪو تانڊي تي رَکي، ڏوپ واسَ ڏيڻ جي ڪَمِ اچي). ڏُوپ، رِبالُ

• **رامُ:** [ا - خاص] پَروردِگار، پَرميشوَرُ، ايشوَرُ (هِندُو ڌَرمَ موجبُ)

* آڳاٽي زَماني ۾ 'اَيوڌيا' جي راجا 'دَسرَٿَ' جو وَڏو پٽُ 'شري رامچَندرَ' (جيڪو پنهنجيءَ زال 'سيتا' سان گڏ چوڏهَن وَرهيه بَنواس وَيو ۽ 'راوڻ' کي ماريائين . هِندُو کيس بَطور 'اوتارُ' پُوڄيندا آهِن. هِندُن جي عقيدي موجبُ 'رامُ' 'وِشنوءَ' جو سَتُون روپُ آهي)
* ٿَر ۾ رَهندڙ راجپوتَن جي هِڪَ ذاتِ جو نالو
* هِندُو مَردَ جو نالو
* [صفت] وَڻندڙُ، سُهائيندڙُ، موهيندڙُ

— **رامانَندي:** [ا - مذ] هِندُو فَقيرَن جو هِڪُ گُروهُ

— **رامُ پَڄڻُ:** [ا - مذ] 'رامَ' جي تَعريفَ ۾ چَيَلُ گيتُ

— **رامُچَندَرُ:** [ا - خاص] قَديم هِندوستانَ جي راجا 'دَسرَٿَ' جي وَڏي پٽَ 'رامَ' جو پُورو نالو (جَنهِن کي هِندو 'اوتارُ' ڪَري مَڃيندا آهِن)

— **رام رام:** [ا - مذ] هِندُن جو سَلامُ

— **رام رام تي هَلَڻُ:** [اصطلاح] گُذِجي مانُ ڏيڻُ

— **رام رام ڪَرڻُ:** [اصطلاح] هِندُن پاران سَلامُ ڪَرڻُ

* رامَ کي يادِ ڪَرڻُ، رامَ جو نانءُ جَپَڻُ
* [مجازاً] ٻِئي جي مَسئِلَنِ ۾ نه پَوڻُ، پنهنجي واٽَ سان هَلَڻُ

— **رامُ ريجهائِڻُ:** [اصطلاح] 'رامَ' کي راضي ڪَرڻُ

— **رام سَتِ:** [ا - مذ] هِندُن جو سَلامُ، رام رام

— **رام سَتِ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] هِندُن جو سَلامُ ڪَرڻُ، رام رام ڪَرڻُ

— **رامَ ڪَٿائي:** [ا - خاص] شري رامچَندرَ جي ڪَٿائي، رامائڻ

* [ا - مث] وَڏي آکاڻي، ڏُکهو قِصو

— **رامَ ڪَٿائي ٻُڌائڻُ:** [اصطلاح] پنهنجي باري ۾ ڪا ڏُکهي ڳالهه ٻُڌائڻ

—**راهہ رَسمَ**: [ا - مث] رَسمَ رَواجُ، هَلِي چَلِي، رِيتِ رَسَمَ
* دُعا سَلام
* [ف: راهہ + رسم]

—**راهِہ رَسُولُ**: [ظرف] نَبِي پاڪَ جي نالي، رَسُولَ پاڪَ جي صَدقي
'تَحقِيقاً توحِيدَ، آهي راهَ رَسُولَ جي' (سچل)

—**راهِہ راسِتِ**: [ا - مث] سِڌو رَستو، سَنئِين واٽ، صِراطِ مُستَقِيم

—**راهَرُو**: [صفت] مُسافِر، راهِي، پانڌي، راهَگِير، واٽهڙُو
* [ف: راهہ + رو > رفتن = هلڻ]
'ڪجهہ راهَرو نِڪرِي وَيا، هَر ڪارِوان بِيٺي چِڙي' (شيخ اَياز)

—**راهَہ رِيتِ**: [ا - مث] رَسمَ رِواجُ، هَلِي چَلِي
* [ف: راهہ + ريت = نمونو]

—**راهَزَنُ ج راهَزَنَ**: [صفت] رَستي تي ڦُرِ ڪَندَڙُ، ڦورُو، ڌاڙيلُ
* [ف: راهہ + زن > زدن = هڻڻ]

—**راهَزَنِي**: [ا - مث] رِستي تان ڦُرِ، ڦُرلُٽَ

—**راهَہ ڪَڍَڻُ**: [اصطلاح] رَستو ڳولي ڪَڍَڻُ، تَدبِير ڪَرَڻُ

—**راهَگُذَرُ**: [ا - مذ] لَنگهہ، رَستو، واٽ
* [ف: راهہ + گذر > گذشتن = لنگهڻ]

—**راهَہ گُناهَہ**: [ظرف] هَروِبَرو، خَواهہ مَخواهہ، دادِي نہ ايستادِي، نہ ڏِيٺي نہ وَئِٽي، بِنا سَبَبَ جي
* بي گُناهِہ

—**راهَگِيرُ**: [صفت] واٽهڙُو، مُسافِر
* [ف: راهہ + گير > گرفتن = وٺڻ]

—**راهَہ لائِڻُ**: [اصطلاح] دَڳِ لائِڻُ، رَستو ٻُڌائِڻُ، رَهنمائِي ڪَرَڻُ

—**راهَمارُ ج راهَمارَ**: [صفت] ڦورُو، رَهَزَنُ

—**راهَمارِي**: [ا - مث] ڦُرِ، رَهَزَنِي

—**راهَہ مُسافِرُ**: [صفت] واٽَ وِيندَڙُ، واٽهڙُو، مُسافِر، راهَگِير
* [ف: راهہ + ع: مسافر]
'راهَ مُسافِرَ سَڀُ ڪي ڪونہ ڏِٺوسِين هِتِ ڏِيهِي'

—**راهَہ مِلَڻُ**: [اصطلاح] رَستو مِلَڻُ، گَس مِلَڻُ، واٽَ هَٿِ اَچَڻُ

—**راهَہ ۾**: [ظرف] طُفيلَ ۾، صَدقي ۾، واسِطي ۾ (جِيئن: اَللهَ جي راهَ ۾)

—**راهَہ ۾ رَسَڻُ**: [اصطلاح] اوکِيءَ ۾ مَدَدَ ڪَرَڻُ، هَمراهُ ٿِيَڻُ، مَدَدَ ڪَرَڻُ

—**راهِہ نِجاتِ**: [ا - مث] بَخشِشِ جو رَستو، ڇوٽڪاري جو ذَرِيعو
* [ف: راهہ + ع: نجات]

—**راهَنُما**: [صفت] رَستو ڏيکارِيندَڙُ، رَهبَرُ، رَهنما، اَڳواڻُ، مُرشِدُ
* [ف: راهہ + نما > نمودن = ڏيکارڻ]

—**راهَنُمائِي**: [ا - مث] رَهنُمائِي، رَهبَرِي، سُونهَپ، اَڳواڻِي
* [ڪنايہ] سيکارَڻَ جو عَمَلُ، اُستادِي

—**راهِوارُ**: [ا - مذ] گهوڙي جو هِڪُ قِسمُ، تازِي گهوڙو، جَنگِي گهوڙو
* [ف]

—**راهِوارِي**: [ا - مث] گهوڙي جو هِڪُ پَنڌَ

—**راهَہ وَٺَڻُ**: [اصطلاح] گَس وَٺَڻُ، رَستو وَٺَڻُ
* رَوانو ٿِيَڻُ

—**راهَوُن رَدِ**: [صفت] سَڀِني پاسَنِ کان نااُميد، جِنان ڪِٿان تَڙِيلُ
* نِڪمو، نِياڳو

—**راهَوُن رَدِ ٿِيَڻُ**: [اصطلاح] هَرِ طرفَ کان نا اُميد ٿِيَڻُ

—**راهَوُن رَدِ ڪَرَڻُ**: [اصطلاح] سَڀِ واهُون بَندِ ڪَرَڻُ، هَر طَرفَ کان نا اُميد ڪَرَڻُ

—**راهَہ وِيندو ج راهَہ وِيندا**: [صفت] واٽَ وِيندَڙُ، مُسافِر، واٽهڙُو
* بي گُناهُہ، بي ڏوهِي

—**راهَہ وِيندو ڦاسَڻُ**: [اصطلاح] بي گُناهُ ڦاسَڻُ، بي ڏوهِي ڦاسَڻُ

—**راهَہ وِيندي**: [ظرف] گُهمَندي ڦِرَندي
* ناحَقُ
* بي ڏوهِي
* نہ ڏِيٺي نہ وَئِٽي، خُواهَ مَخواهَ، بي سَبَبِ

—**راهِي ج راهِي**: [صفت] واٽهڙُو، واٽَ وِيندَڙُ، مُسافِر

—**راهِي ٿِيَڻُ**: [اصطلاح] رَوانو ٿِيَڻُ، پَنڌِ پَوَڻُ، اُسهَڻُ، وَڃَڻُ

• **راھ:** [ا - مث] ڳاھيَلَ اَنَ جو ڍِڳُ **(جيڪو اَڃا ڳري ۾ ٻَيَلَ ھُجي ۽ ٻَتي ٽِيلَ نہ ھُجي).** صافُ ٽِيلَ اَنَ. ڳري ۾ ٻَيَلُ اَنَ

٭ پوکَ. آبادِي

—**راھ تان ڪکَ لاھڻُ:** [اصطلاح] راز ظاھر ڪَرڻُ. ڳجھہ کولڻُ. پَردو لاھڻُ

• **راھِبُ ج راھِبَ:** [صفت] دُنيا کي تَرڪ ڪَري گوشہ نَشِينُ ٿي اَللہ پاڪَ جي عِبادَتَ ۾ مَشغُولُ رَھَندَڙ. گوشہ نَشِين. تارِڪُ الدنيا. زاھِدُ

٭ ديوَلُ (عِيسائِيُنِ جي عِبادَت گاھَ) ۾ ويھي عِبادَتَ ڪَندَڙ (جَنھِن پنھنجي سَجي عمرِ ديوَلَ جي خِدمَتَ ۾ وَقف ڪَري ڇَڏي ھُجي)

٭ [ع]

• **راھَڙ:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو

٭ [ا - مث] پَرتَ جو ھِڪُ قِسمُ

• **راھَڙ ج راھَڙُون:** [ا - مث] وَڏي رَڙ. دانھَن. ڪُوڪَ

٭ [س/ات]

• **راھَڪُ ج راھَڪَ:** [صفت] راھي ڪَندَڙ. پوکَ ڪَندَڙ. ھاري. ڪِرمي. آبادگار

٭ [سن: راڌ = راھڻ، پوکڻ؛ س/ات]

—**راھَڪِي ج راھَڪِيُون:** [ا - مث] پوکَ جو ڌَنڌو. ڪِرمَتَ. ھاريو. آبادِي. کيتي

—**راھَڪِي ڪَرڻُ:** [اصطلاح] پوکَ ڪَرڻُ. ٻِني ٻارو ڪَرڻُ. آبادِي ڪَرڻُ. ھاريو ڪَرڻُ

٭ [س/ات]

• **راھما:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو (اڪثر ضلعي ٿرپارڪر ۾)

• **راھمُون:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو (اڪثر ضلعي ٿرپارڪر ۾)

• **راھنُ ج راھِنَ:** [صفت] وِياجَ تي پَئسا ڏِيندَڙ. وِياجي. وِياجَ خور. ڪا مُقَرر رَقَمَ وِياجَ طور وَٺَڻَ جي شرط تي اوڌَر طور رَقَمَ ڏِيندَڙ. گِروي رَکَندَڙ

٭ وِياجَ تي پَئسا وَٺندَڙ. وِياجَ ڀَرِيندَڙ. وِياجَ ڏِيندَڙ. مَقرُوضُ

٭ [ع: رھن = گِروي رکڻ]

• **راھِڻُ:** [مص - فعل متعدي] رَھائِڻُ. نِباھِڻُ. وَفا ڪَرَڻُ

٭ تَرسائِڻُ. ٽِڪائِڻُ

٭ پِنتي ڇَڏڻُ

٭ پوکڻُ. پوکَ ڪَرڻُ

٭ [مص] راھڻُ

٭ [امر] راھ

٭ [راھيو راھيندو راھيَلُ]

• **راھُو:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو

• **راھُو:** [ا - مذ] ھِندو فَلسَفي موجبُ اُھو ديوتا. جيڪو سِجَ ۽ چَنڊَ کي جَھلي گِرھَڻِ ڪَرائي (ھِندُن جو اِھو عَقيدو آھي تہ اُھو ديوتا سِجَ يا چَنڊ کي جَڏھِن ڳِھي ٿو تَڏھِن گِرھَڻِ لَڳي ٿو)

٭ [پرا: راھ، سن: راھ]

٭ ھِڪَ نِکَٽَ جو نالو. ذُنبَ

٭ [ع]

٭ ھِڪَ تاري جو نالو

• **راھُو ج راھا:** [صفت] رَھاڪُو. رَھواسِي. رَھَندَڙ. مُقِيم

'نہ ڏِسجي راھَ رائي ۾، ھُتاھُو روحَ جا راھا' (احمد ملاح)

• **راھُو ج راھُو:** [صفت] رَھائِيءَ وارو. ھَلَنديءَ ڀَڄَنديءَ وارو. سَڀَ ڪَنھِن سان رَس رِھاڻِ سان ھَلَندَڙ

٭ راڄَ سان رَھائِيندَڙ. چَڱو مُڙسَ

٭ رَھاڪُو رَھَندَڙ. رَھواسي

٭ سَخي. داتا. ڏاتيار

'راھُوءَ جي رِھاڻِ ۾، نہ ڪو ڏَپُ نہ ڀاءُ' (شاھ/بلاول)

• **راھواڻي:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو

٭ [س/ات]

• **راھُوجا:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو

• **راھُوڪِڙا:** [ا - خاص] ھِڪَ ذاتِ جو نالو

٭ [س/ل]

• **راھُوڪِي:** [ا - خاص] ھِڪَ ريلوي اِسٽيشَنِ جو نالو

• **راھومَ:** [ا - خاص] بگٽي بَلوچَنِ جي ھِڪَ پاڙي جو نالو

• **راهُونڊُ**: [ا - خاص] هالا شَهَرَ کان اَٽڪَل ڏيڍ ڪِلوميٽر اوڀَر طَرفِ هِڪ تَڪِيو (جِتي مَخدُوم اَمِينُ محمّد پَڪا اَڏي وِهي زُهدُ ۽ عِبادَتَ ڪَئي، اُنهيءَ تَڪِيي کي 'پَڪا' به سَڏِيندا آهِن)

• **راهُوِٽي**: [ا - مث] رَهائِي، رَسائِي، هَلَندِي، رَسُوخُ، پَهچَ
* مَهرِبانِي، ٿورو، اِحسانُ
* [س/ٿ]

• **راهيجا**: [ا - خاص] بگٽِي بَلوچَن جو هِڪُ قَبِيلو
* هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **راءِ**: [ا - مث] رايو، رِٿَ، تَجوِيزَ، مَشوَرو، صَلاحَ
* خَيالُ، مَرضِي، خَواهِشِ
* [ف: راي > رائي = ويچار، نظريو رکڻ]
* پَترائِين زَمِينَ

— **راءِ ڏِيَڻُ**: [اصطلاح] صَلاحَ ڏِيَڻُ، مَشوَرو ڏِيَڻُ، تَجوِيزَ ٻُڌائِڻُ، اَٽڪَل ٻُڌائِڻُ

— **راءِ شُمارِي**: [ا - مث] راءِ ڏِيَڻَ جو عَمَلُ، اِليڪشَنِ
* [ف]

— **راءِ عام**: [ا - مث] عَوامَ جِي گَڏِيَل راءِ
* [ف]

— **راءِ وَٺَڻُ**: [اصطلاح] صَلاحَ وَٺَڻُ، مَشوَرو وَٺَڻُ

• **راءِ/راءُ**: [ا - مذ] راجا، حاڪِمُ
* هِندُو حاڪِمَن جي نالي پٺيان ڪَمِ اِيندَڙ لَفظُ، مُعَزِز هِندُوءَ کي سَرڪارِ طَرفان مِلِيَلُ خِطابُ (جِيئَن: 'راءِ بَهادُرُ')
* [پرا: رائا، سن: راجن، راجا]
* [ا - خاص] قَدِيم سِنڌ جي هِڪ قَدِيم حاڪِمَ گهراڻي جو نالو

• **رائِتو ج رائِتا**: [ا - مذ] ڏَهِيءَ ۽ مَصالِحي مان ٺهيَلُ هِڪَ قِسمَ جو چٽو ڏُونٽرو
* [هند]

• **رائِٽِ**: [ا - مذ] حَقُ
* [صفت] صَحِيح، دُرُست، بَرابَر
* ساڄو (هَٿ وغيره)
* [انگ: Right]

— **رائِٽِ هَئِنڊِ**: [ا - مذ] ساڄو هَٿُ
* [صفت] مَدَدگارُ، ٻانهَن ٻيلِي
'هي دوستُ مُنهنجو رائِٽِ هَئِنڊِ آهي' (جملو)
* [انگ: Right hand]

• **رائِجُ**: [صفت] حُڪُومَتَ، رِياسَتَ يا اَختيارِيءَ ٻاران مَنظُورُ شُده
* هَلَندڙُ جارِي، مُرَوجُ، چالُو
* رَسمِي، دَستُورِي
* مَعمُولِي، عام
* [ع]

— **رائِجُ الوَقت**: [صفت] هَلَندڙُ وَقتَ جو، مُرَوجُ، چالُو، رِواجَ ۾

— **رائِجُ ٿِيَڻُ**: [اصطلاح] رِواجَ ۾ اَچَڻُ، چالُو ٿِيَڻُ، مُرَوجُ ٿِيَڻُ

— **رائِجُ ڪَرَڻُ**: [اصطلاح] رِواجَ ۾ آڻَڻُ، عَمَل ۾ آڻَڻُ

• **رائِڊِنگِ**: [ا - مث] جانوَرَ جِي سَوارِي، گهوڙي سَوارِي
* [انگ: Riding]

• **رائِرُ ج رائِرَ**: [ا - مذ] ڏَنَ، ڍَلَ، سَنگَ، مُحصُولُ
* اُهو مُحصُولُ، جيڪو بادِشاهُ پَنهِنجي تابِعُ مُلڪَن يا سَردارَن کان وَٺي
'نہ ڪا ڄهل نہ ڍَل، نہ ڪو رائِر ڏيهہ ۾' (شاهہ)
* سَمنڊُ، بَحَر

— **رائِرو/ رائُرو**: [صفت] مُحصُولُ جوڳو

• **رائِفِلَ ج رائِفِلُون**: [ا - مث] بَندُوقَ جو هِڪَ قِسمُ
* [انگ: Rifle]

• **رائُڪَ**: [ا - خاص] ڀِٽِ شاهَ ويجهو هِڪَ مَڪانَ جو نالو

• **رائِڪو**: [ا - مذ] جويائي مالَ جي سُڃاڻَپَ جو هِڪَ خاص نِشانُ (ٿرپاڪَرَ ۾)
* [س/ٿ]

• **رائِگان**: [صفت] بيڪارُ، فُضُولُ، ضايَعَ، لاحاصِل، اَجايو
* رَستي ۾ ڪِرِي پِيَل (ڪا شيءِ)
* [ف: رايگان]

— **رائِگان ٿِيَڻُ**: [اصطلاح] ضايَع ٿِيَڻُ، بَربادِ ٿِيَڻُ، اَجايو وَڃَڻُ، بي فائدو وَڃَڻُ

— **رَتُ واتَ کي لَڳَڻُ:** [اصطلاح] قَضيو ٿيَڻُ. کَنهن عَزيز جي وَفاتَ سَبَبِ سُوڳ ۾ هُجَڻُ
* [س/ات]

— **رَتُ واهِڻُ ج رَتُ واهِڻَ:** [ا - مذ] رَتُ نَلي، شِريانُ

— **رَتوڇاڻِ:** [ا - مث] رَتُ ڇاڻِ، خونريزي، قَتلِ عام، ڪوسُ
'رِڻ ۾ رَتوڇاڻِ، ڇا ڪان ٿيئين ڇيڪرا' (شيخ اياز)

— **رَتوڇاڻِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] تمام گهڻو رَتُ وَهائِڻُ، خونريزي ڪَرَڻُ، قَتلُ ڪَرَڻُ، ڪوسُ ڪَرَڻُ، سَخت زَخمي ڪَرَڻُ

— **رَتو رَتُ:** [صفت] رَتُ ۾ ڳاڙهو رَتُ ۾ ٻَڏَلُ، رَتُ سان ڀريَلُ، سَخت زَخمي

— **رَتو رَتُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] سَخت زَخمي ڪَرَڻُ. رَتُ ۾ وِهنجارَڻُ، رَتَ ۾ ڳاڙهو ڪَرَڻُ

— **رَتُ وَرنو ج رَتُ وَرنا:** [صفت - مذ] رَتُ جي رَنگَ جهڙو، ڳاڙهو. رَتو
* [مث: رَت وَرني ج رَت وَرنيون]
'اَڄ رَتُ وَرنا راڳَ، اِريان لو توکي اَمڙ' (شيخ اياز)

— **رَتُ وَرَڻُ:** [اصطلاح] رونَقُ اَچَڻُ، خونُ وَرَڻُ، جوتِ ڪَرَڻُ
* طَويل بيماريءَ مان صِحَتياب ٿيَڻُ

— **رَتُ وَرڻو ج رَتُ وَرڻا:** [صفت - مذ] رَتُ وَرنو
'سڄ اُلٿي سَسئِي، رَتُ وَرڻو رُوءِ' (شاهہ)

— **رَتُ وِلوڙَڻُ:** [اصطلاح] سَخت مَحنَتَ ڪَرَڻُ، جَفاڪَشي ڪَرَڻُ، ڪَشالو ڪَڍَڻُ

— **رَتُ وِلوڙي پيٽُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] سَخت پورهيو ڪَرَڻُ، مَحنَتَ سان روزي ڪَمائِڻُ، ڏينهَن راتِ پورهيو ڪَرَڻُ

— **رَتُ وَهائِڻُ:** [اصطلاح] خونُ وَهائِڻُ، رَتُ ڇاڻِ ڪَرَڻُ
* قَتي ڇَڏَڻُ

— **رَتَ وِهنُتو ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] رَتو رَتُ ڪَرَڻُ، رَتُ ۾ ڳاڙهو ڪَرَڻُ. سَخت زَخمي ڪَرَڻُ

— **رَتو ويتِ:** [صفت] رَتُ ۾ ڳاڙهو، رَتُ ۾ ٻَڏَلُ، خوناخونُ، رَتورَتُ، زَخمي

— **رَتو ويتِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] رَتُ ۾ ڳاڙهو ڪَرَڻُ، خونا خونُ ڪَرَڻُ، رَتورَتُ ڪَرَڻُ، زَخمي ڪَرَڻُ

— **رَتُ هَڏُ هُجَڻُ:** [اصطلاح] تندُرستي هُجَڻُ، سَگهائي هُجَڻُ
* ويجهي عَزارَتَ هُجَڻُ، سَڳي مائِٽي هُجَڻُ

— **رَتي ج رَتيُون:** [ا - مث] رَتُ، خونُ، لَهو
* ڳاڙهاڻِ
* [صفت - مث] رَتُ جهڙي، ڳاڙهي رَنگَ ۾ رَڱيَل، ڳاڙهي

— **رَتيءَ وارو ج رَتيءَ وارا:** [صفت - مذ] رَتَ وارو، سَگهارو، پَهلوانُ، بَدَنَ ۾ ڀريَلُ
* [مث: رَتيءَ واري ج رَتيءَ واريُون]

• **رُتِ ج رُتيُون:** [ا - مث] مُندَ، موسَمَ. فِضائي تَبديليءَ جو عَرصو (هَر هِڪَ عِلائقي يا مُلڪَ ۾ جُدا جُدا مُندُون ٿيَنِ ۽ اُنهَنِ جو عَرصو بہ مُختَلِف ٿئي، سِنڌ ۾ سال ۾ چارِ رُتُون ٿيَنِ: سِيارو، بَهارُ، اونهارو ۽ سَرءُ)
'مُندائِتي مِينهَن جي، رُتِ نہ روڪِيائِين' (شاهہ/سارنگ)

'آئي رُتِ رابيلَ جي، دِلِ ۾ دوڏ دکيو' (شيخ اياز)
* ماهِواري، حيض، زالائپ
* نَمونو (هَلَڻَ جو)، رَفتارَ، چالِ
* ٻيهَڪَ، بناوَتَ، شَڪلِ
'جَنگلَ جَڻي جهڙِلا، راحَتَ تَنِ جي رُتِ' (شاهہ/ديسي)
* [سن]

— **رُتِ بَدِلجَڻُ/ڦِرَڻُ:** [اصطلاح] موسَمَ ۾ ڦيرو اَچَڻُ. موسَمَ بَدَلجَڻُ، آبهوا ڦِرَڻُ

• **رَتا:** [ا - خاص] ڪاري ۾ رَهَندڙ هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **رَتاتِڙ:** [ا - مث] ٻِسارِڪي وَڪَرَ جو هِڪُ قِسمُ، ڳاڙهي رَنگَ جي ڪاٺي (جيڪا دَوا طور ڪَمِ اچي)

• **رَتالُو ج رَتالُو:** [ا - مذ] ميوي جو هِڪُ قِسمُ
* پاڇيءَ جو هِڪُ قِسمُ، چيني پَٽاٽو

• **رَتامُ:** [ا - مذ] اَنبَنِ جو هِڪُ قِسمُ، ڳاڙهي رَنگَ وارو اَنبُ

• **رَتاڻُ:** [ا - مذ] ڳاڙهي رَنگَ جو صَندَلَ جو ڪاٺُ (جيڪو سُرَهو ٿئي ۽ دَوائِنِ ۾ ڪَمِ اچي)
* هِڪَ قِسمَ جو ڳاڙهو پَٿَرُ

• **رِپلاءِ:** [ا - مذ] جَوابُ، موٽ، وَرَندِي
* [انگ: Reply]

• **رُپو ج رُپا:** [ا - مذ] هِڪَ قِسمَ جو قيمتي ڌاتو، چانديِ، روپَ، سِيمَ
* چانديءَ مان ٺَهيَلَ هِڪُ سِڪو، رُپيو
* [سن: رُئو پيم = چاندي]

• **رِپورٽ ج رِپورٽُون:** [ا - مث] اِطلاعَ، جاچَ لِکيَلَ ڪارِ گذاري
* لِکيتِ
* خَبَرَ
* نَتيجو، رزَلٽ (عَموماً جَڪاسَ ڪيَلَ بيمارِيُنِ جو)
* فَريادَ لَکَتِ ۾ دانهَن (پُوليسِ جي اِصطِلاحَ ۾)، ايف. آءِ. آر (انگ: First information report 'F.I.R')
* [انگ: Report]

—**رِپورٽ دَرج ڪرائِڻُ:** [اصطلاح] فَريادَ داخِل ڪَرائِڻُ، پُوليسِ کي لَکَتِ ۾ دانهَن ڏيَڻُ

—**رِپورٽَرُ ج رِپورٽَرَ:** [صفت] اِطلاعَ ڏيندڙُ، خَبَرُون پَهچائيندڙُ، مُخبَرُ
* نامہ نِگارُ، صَحافِي
* [مجازاً] چُغلخورُ، تُهمَتَ هَڻندڙُ
* [انگ: Reporter]

• **رِپيِٽ:** [مص] وَرجائِڻُ، ڏُهرائِڻُ
* [انگ: Repeat]

• **رِپيٽَرُ:** [ا - مذ] بَندُوقَ جو هِڪُ قِسمُ، آٽوميٽِڪ بَندُوق
* [انگ: Repeater]

• **رُپيو ج رُپيا:** [ا - مذ] چانديءَ مان ٺَهيَلَ هَڪُ سِڪو، هِڪُ سَؤ پئسَنِ وارو سِڪو

—**رُپيو پَچائِڻُ/کولائِڻُ/مَٽائِڻُ:** [اصطلاح] رُپئي کي ننڍَن سِڪَن ۾ تَبديل ڪَرائِڻُ، رُپئي جو ريزو وَٺَڻُ

• **رِپيئر:** [ا - مذ] مَرمَتَ، سُڌارَ، سنوارَ
* [انگ: Repair]

• **رُپيئڙو:** [ا - مذ] پَرِتَ جو هِڪُ قِسمُ
* [س/ل]

• **رَجُ:** [ا - مذ] گُلَ جي وِچَ واري اَڇي يا ڦِڪي داڻَ داڻَ، گُلَ جي بُونگر، گُلَ جي وِچَ ۾ اَٽي جهڙو مادو
* [پرا: رَيہ، سن: رجس > رج = مِٽي، اٽو]

—**رَجڪوشُ:** [ا - مذ] اُهو ڪوپو، جَنهِن ۾ گُلَ جو 'رَجُ' بَند هُجي
* [هند]

• **رِجَ:** [ا - مث] گَارَ، گَارَڻَ جي حالَتَ، پَگهارَڻَ جي حالَتَ
* [سن: رَڏَ = رَڏَڻُ]
* گرمِي، اُٻس، ساڙو، تَپَش
* باهہ، جيرو، ڪاڙهو
* رَگهہ، گُهٽ، ٻَٽَ
* زَمِينَ کي گهَٽو پاڻي ڏيڻي آلو ڪَرَڻَ جي حالَتَ، ريجُ

—**رِجائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] گَارَڻُ، وِگهارَڻُ، پَگهارَڻُ
* زَمينَ کي گهَٽو پاڻي ڏيڻي آلو ڪَرَڻُ، پاڻي ڏيَڻُ، ريجُ ڏيَڻُ
'هوتَنِ لَڌ هاڙهو رِجائِيندِيَس رَتُ سِين' (شاهہ/حسيني)
* [مص] رِجائِڻُ
* [امر] رجاءِ
* [مضارع] رِجايان (ج) رِجايُون، رِجائِين (ج) رِجايو، رِجائي (ج) رِجائِين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] رِجائي ٿو (ج) رِجائِين ٿا
* [حال مث] رِجائي ٿي (ج) رِجائِين ٿِيون
* [ماضي] رِجايو (ج) رِجايا
* [ماضي مث] رِجائي (ج) رِجايون
* [مستقبل] رِجائيندو (ج) رِجائيندا
* [مستقبل مث] رِجائيندي (ج) رِجائيندِيون
* [اسم مفعول] رِجايَلُ

— **رِجَڻُ:** [**مص - فعل لازمي**] ڳَرڻُ، آٽڻُ، وِڳهرڻُ، وَڳِرڻُ، پَڳهرڻُ. ڪنهن ڌاتوءَ جو باهه تي ڳرڻُ

* پٽيرو ٿيڻُ، پاڻي ٿيڻُ

* پاڻيءَ سان آلو ٿيڻُ (**زمين جو**)، پاڻي مِلڻُ (**زمين کي**)، ريج اچڻُ

* [**رجيو، رجيا، رجي، رجيون، رجندو، رجندا، رجندي، رجنديون، رجيلُ**]

• **رَجا:** [**ا - مث**] اُميدَ، آسرو، ڀروسو

* خوشي

* [**ع: رجا**]

* [**صفت**] ڏاڍو، رَڄ

* آسودو

* [**ا - خاص**] ٺٽي جي مشهور شاعر محمد پناهه 'رجا' (**وفات: 1783ع) جو تخلص (جنهن پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ سنڌي ڪان اول لطيف سائينءَ جو ذڪر ڪيو آهي)**

— **رَجائيت:** [**ا - مث**] اُميدَ واري حالت، آسرو، اُميدَ

— **رَجائيت پَسَندُ:** [**صفت**] اُميدن جي آسري جيئندڙ

* هر ڪم ۾ مثبت پهلو ڳوليندڙ

• **رُجات:** [**ا - مث**] لاڙو، مُريدن جو مُرشد ڏانهن لاڙو، مقبوليت، فيض، اعتقاد، رجوع ٿيڻ وارو عمل، پوئلڳي، ٻندگي

* [**ع: رجوعات > سنڌي، رُجات**]

**'پوڄا ڪارڻ مَر پاڻ کي، ڪوءِ راوَلِ ٻن رُجات' (شاهه/رامڪلي)**

• **رِجال:** [**ا - مذ**] ماڻهو، اِنسانُ، آدمُ

* مَردُ

* [**ع: رجل ج رِجال**]

— **رِجالُ الغيب:** [**ا - مذ**] غيبَ جا ماڻهو، غيبي اِنسان

• **رَجَبُ:** [**ا - مذ**] هجري سال جو ستون مهينو (**جنهن کي زالون 'لکانو' به چون**)

* [**ع: رَجَبُ**]

* [**ا - خاص**] مَردَ جو نالو

— **رَجَبُ المُرَجَبُ:** [**ا - خاص**] هجري سال جو ستون مهينو، رَجَبُ

— **رَجَبِي:** [**ا - خاص**] پاڻ سڳورن حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي معراج شريف جو جشن (**جيڪو 27 رَجَبَ جي رات ملهايو ويندو آهي ۽ جنهن رات کي سال جي ٻهرينءَ عيدَ طور تصور ڪيو ويندو آهي**)

• **رَجپُوت:** [**ا - خاص**] هندن جي هڪ قبيلي جو نالو، راجپوت

• **رَجپُوتُ ج رَجپُوت:** [**صفت**] راجائن جو اولادُ

* [**ڪنايو**] سچا عاشق

**'راڻا جي رجپوت، سي ٿي مومل پسندا' (شاهه/مومل راڻو/وائي)**

* [**ا - خاص**] راڻي/سوڍي جو لقبُ

• **رُجحانُ:** [**ا - مذ**] لاڙو، ميلانُ، رَغبتَ

* [ع]

• **رَجزُ:** [**ا - مذ**] علم عروض موجب هڪ بَحر

* [ع]

• **رِجس:** [**ا - مذ**] پليتي، ناپاڪائي، گندگي، نجاست

* [ع]

• **رِجسٽَرُ ج رِجسٽَرَ:** [**ا - مذ**] دفتر، داخلا جو ڪتاب

* پوسٽ آفيس طرفان مقرر ٿيل في وٺڻ بعد رجسٽر ۾ داخل ڪيل ٽپال

* [**انگ:** Register]

— **رِجسٽرارُ ج رِجسٽرارَ:** [**ا - مذ**] هڪ بااختيار آفيسر، سرڪاري دستاويزن جو محافظ آفيسر، رجسٽري ڪرڻ وارو آفيسر، سرشتيدار، ناظر

* يونيورسٽيءَ يا عدالت ۾ اعليٰ اِنتظامي آفيسر

* [**انگ:** Registrar]

— **رِجسٽرڊ:** [**صفت**] مُستند، منظورشده

* [**انگ:** Registered]

— **رِجسٽريشن:** [**ا - مث**] رِجسٽر ۾ داخلا، قانوني طور تي منظوري

* [**انگ:** Registration]

• **رَجعَت ج رَجعتُون:** [**ا - مث**] واپسي، موٽ

* زال کي رجعي طلاق ڏيڻ بعد، مڙس جو اُن ساڳيءَ زال سان رهڻ جو اِرادو

* [**ع: رجع**]

— **رَجعَت پَسَندُ:** [**صفت**] جهونن خيالن وارو، قدامت پسند، پراڻن خيالن تي هلندڙ

• **رَجَمر:** [ا - مذ] پَٿَر هڻَڻَ جي سَزا، سَنگِساري

* [ع]

— **رَجمُ الشَياطِين:** [ا - خاص] شيطانَ کي پَٿَر هڻَڻَ وارو عَمَلُ، حَجَ جو هِڪُ رُڪُنُ (جَنهِن ۾ شيطانَ کي پَٿَريُون هَڻيون وينديُون آهِن)، رَمِي

* [ع]

— **رَجِيمُ:** [صفت] جيڪو پَٿَر هڻَڻَ جي سَزا جي لائِق هُجي

* مَردُودُ، تڙِيَلُ، ڌڪارِيَلُ

* سَرڪَش، مَغرورُ

* پَنِيلائِيندڙُ

* [ا - خاص] شيطانَ جو هِڪ نالو

* [ع]

'اَعوذُ بِاللهِ مِنَ الشَيطانِ الرَجِيم'

• **رَجمُون:** [ا - مذ] نانگَ جو هِڪُ قِسمُ

* [س/ٿ]

• **رَجمينِٽ ج رَجمينٽُون:** [ا - مث] اَٺ سَوَ يا هِڪُ هَزار سِپاهِيُنِ جو دَستو، پلٽڻ جو هِڪُ حِصو

* [انگ: Regiment]

• **رَجنِي:** [ا - مث] راتِ، سانجهي، ليلِ، شَب

* [پرا: ريٽي، سن: رجني]

• **رَجواڙو ج رَجواڙا:** [ا - مذ] راجا جو مُلڪُ، راجائِي، رِياسَتَ

• **رُجُوعُ:** [صفت] موٽَ، واپسي، لاڙو

* [ع: رجع]

* [صفت] راغِبُ، مائِلُ، مُتَوَجهه

— **رُجُوعُ اِلي الله:** [ا - مذ] اللهُ پاڪَ جي طَرف لاڙو

— **رُجُوعاتِ:** [ا - مث] رَجُوعَ، لاڙو، رَغبَتَ

* تَوجهه، ڌِيانُ

— **رُجُوعُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] پيش ڪَرَڻُ، حاضِر ڪَرَڻُ (عَدالَتَ ۾)

* چالانُ ڪَرَڻُ

* حَوالي ڪَرَڻُ، سُپردِ ڪَرَڻُ

* تَوجهه ڪَرَڻُ، ڌِيانُ ڏِيَڻُ

• **رِجِيپار:** [ا - مث] لَڪَ، هَوَ

* [صفت] ٿورو، ڏرو

* [س/ٿ]

• **رِجيڪِٽ:** [مص] رَدِ ڪَرَڻُ، نامَنظُورُ ڪَرَڻُ

* [انگ: Reject]

• **رَڄُ ج رَڄَ:** [ا - مذ] ڍَؤُ

* خوشي

* [صفت] خوش، سَرَهو

* [ظرف] ڍَؤُ تي

* چَڱِيءَ طَرحَ، گهڻو

* [سن: رَج = خوش ٿيڻ]

— **رَڄَ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] ڍَئجَڻُ، ڍاپجَڻُ، سيرابُ ٿِيَڻُ

* پيٽُ ڀَري کائِڻُ

* خوشيُون اَچَڻُ، مَزا ٿِيَڻُ

— **رَڄُ چڱو مُڙسُ:** [محاورو] ڀلو ماڻهو، نيڪُ ماڻهو، اَشراف

— **رَڄَ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڍَؤُ ڪَرَڻُ، پيٽ ڀَري کائِڻُ

— **رَڄَڻُ:** [مص - فعل لازمي] ڍَئِڻُ، ڏُلهِڻُ

* ڀرِڻُ (پيٽُ)، کائِي ڀَرِجَڻُ، ڍَؤُ ڪَرَڻُ، ڍَئجَڻُ، ڍاپجَڻُ

* خوش ٿِيَڻُ

* آسُودو ٿِيَڻُ

* [سن: رج = خوش ٿيڻ]

* [رَڄيو، رَڄيا، رَڄي، رَڄيُون، رَڄندو، رَڄندا، رَڄندي، رَڄنديُون، رَڄيَلُ]

— **رَڄو ج رَڄا:** [صفت - مذ] رَڄيلُ، ڍاوَلُ، ڍايَلُ، پيٽَ ڀرِيَلُ

* راضِي، خوش

* [مث: رَڄي ج رَڄيُون]

— **رَڄو ڳچو هُجَڻُ:** [اصطلاح] پيٽَ ڀرِيَلُ هُجَڻُ، ڍاوَلُ هُجَڻُ

* خوش هُجَڻُ، راضِي هُجَڻُ

* آسُودو هُجَڻُ، ساڻو هُجَڻُ

• **رَڄواڙو ج رَڄواڙا:** [ا - مذ] راجائي حُڪومَتَ، رِياسَتَ
※ [هند: رجواڙا]

• **رَڄواڙِي ج رَڄواڙِي:** [صفت] بَدِ پيشو ڪَندَڙُ، زانِي

• **رَڄَهہ:** [ا - مث] رَڌِجَڻَ جِي حالَتَ، رِجَ
※ باهِہ، جيرو
※ رُڳهہ، گهُٽَ، ڪاڙهُ
※ رِڌِن کي ٿِيندَڙُ هِڪَ بِيمارِي
※ [سن: رڌ = رڌڻ]

—**رَڄَهہ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] اُٻس ٿِيَڻُ، گهُٽَ ٿِيَڻُ، گرمِي ٿِيَڻُ

—**رَڄَهڻُ:** [ا - مث] رَڄَهہ، اُٻسَ، گرمِي، ساڙو، ٻَجَ، گهُٽَ، رُڳهہ

—**رَڄَهڻُ:** [مص - فعل لازمي] ڳَرڻُ، آٽَڻُ، وِڳهرڻُ، وَڳرڻُ، ٻَگهرڻُ، ڪَنهن ڏاتوءَ جو باهِہ تي ڳَرڻُ
※ باهِہ تي پَچَڻُ، ڳَرڻُ (ڪاڌو)
※ [سن: رڌ = رڌڻ]
※ سَڙَڻُ، ڪامَڻُ (اندَر ۾)
※ گرمِيءَ يا ڪاڙهي ۾ پَچَڻُ، ڪاڙهي ۾ ڪَڙهَڻُ
※ پَٽِيرو ٿِيَڻُ، پاڻِي ٿِيَڻُ
※ [رَجهيو رَجهيا، رَجهي، رَجهيون، رَجهندو رَجهندا، رَجهندِي، رَجهنديون، رَجهيَلُ]

• **رُڄَهہ ج رُڄُهون:** [ا - مث] روشنائي، سوجهرو، سجهندو، سُهائو چمڪاٽ، جَرڪو
※ [سن: رج = چمڪڻ؛ س/ل]

• **رُڄَهہ ج رُڄُهون:** [ا - مث] رُڌَلُ هُجَڻَ جِي حالَتَ، سِيڙَپ، مَشغُولِي

—**رُجهائِڻُ:** [مصدر 'رُجهڻ' مان فعل متعدي بالواسط] رُنڀائِڻُ، لَڳائِڻُ (ڪَمَ ۾)، مَصرُوفُ رَکَڻُ
※ سِيڙائِڻُ، رُخنو وِجهَڻُ
※ [رُجهيو، رُجهندو رُجهيَلُ]

—**رُجَهڻُ:** [مص - فعل متعدي] رُڌِجَڻُ، رُڌَلُ رَهَڻُ، رُنڀَجَڻُ (ڪَمَ ۾)
※ جوٽجَڻُ
※ سِيڙهجَڻُ، رُخنو پَوَڻُ
※ گوشتَ جو پاڻِيءَ ۾ ڳَري مِلي وَڃَڻُ
※ ٽوپِيَلَ ڪَنَ يا نَڪَ جي سوراخَن جو پورجي وَڃَڻُ
※ [رُجهيو، رُجهيا، رُجهي، رُجهيون، رُجهندو، رُجهندا، رُجهندِي، رُجهنديون، رُجهيَلُ]

• **رُڃَ ج رُڃُون:** [ا - مث] بَيابانَ ۾ اُسَ تي نَظر اِيندَڙُ پاڻِيءَ جو ڪوڙو ڏيکُ، سَرابَ (ماڻهو توڙي جانوَرَ رُڃَ کي پاڻِي سَمجِهي، اوڏانهَن ڊوڙندا آهِن ۽ آخِر پاڻِي نہ مِلَڻَ ڪَري مَري ويندا آهِن)، ماروَٿل
※ رِڻُ پَٽُ، بَيابانُ، سُڃَ، وِيرانِي

• **رَڃُ ج رَڃَ:** [ا - مذ] روپي ڳَهہ تي چَڙهِيَلُ سونو پاڻِي، مُلمَعو
※ گونج
※ اکِيَن جي ڇَپَر ۾ ٿِيَلُ داڻُ داڻُ، چالِيون
※ [سن: رنج = رڱڻ]

• **رِچ:** [صفت] دولَتمَندُ، شاهُوڪارُ، اَمِيرُ
※ [انگ: Rich]

—**رِچ فُوڊ:** [ا - مذ] اَمِيرائُو کاڌو (گوشتُ، مَڇِي وَغيرَه)
※ [انگ: Rich food]

• **رُچَ ج رُچُون:** [ا - مث] رُچِي، خواهِش، آرزو، اِڇا، مَنشا، اُڪِيرَ چاهہ، شوقَ، مَرضِي، دِلچَسپِي
※ ڏِوَ، رَجَ
※ حُبَ
※ [هند/پرا: رچ؛ سن: روچن، رچ = چمڪڻ، پيار ڪرڻ]

—**رُچائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] راضِي ڪَرڻُ، خوشِ ڪَرڻُ
※ پَسَندِ ڪَرائِڻُ، وَڻائِڻُ
※ مَڃائِڻُ
※ [مص] رُچائِڻُ
※ [امر] رُچاءِ
※ [رُچايو، رُچائيندو، رُچايَلُ]

—**رُچ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] دِل ٿِيَڻُ، مَرضِي ٿِيَڻُ، شوقُ ٿِيَڻُ

—**رُچَڻُ:** [مص - فعل لازمي] سُهائِڻُ، پَسَند پَوَڻُ، وَڻَڻُ، سُٺو لَڳَڻُ
※ [پرا: رچ؛ سن: روچن، رچ - چمڪڻ، پيار ڪرڻ]
'تو دَس ڏِيان مَڱِڻا، روحَ رُچَندا دانُ' (شاهہ)
※ مُوافِقُ اَچَڻُ، بَرابَر اَچَڻُ
※ رَچَڻُ، رَڱجَڻُ، ڳاڙهو ٿِيَڻُ
※ فَرحَتَ اَچَڻُ، خوشِي ٿِيَڻُ
※ [رُچيو رُچيا، رُچي، رُچيون، رُچَندو رُچَندا، رُچَندِي، رُچَنديون، رُچيَلُ]

• **رَحمُ ج رَحمَ:** [ا - مذ] ڪَهل، ٻاجهه، قِياسُ، هَمدَردِي
* رَحمَتَ
* مِهرَ، اِحسانُ، مهرباني، وَڙُ
* [ع]

— **رَحمائِي:** [صفت] رَحمَ وارو، رَحِيمُ، ٻاجهارو

— **رَحمدِل:** [ا - مذ] ٻاجهاريءِ دِلِ وارو، قِياسَ وارو، ٻاجهارو، مَهربانُ
* [ع: رحم + ف: دل]

— **رَحمدِلِي:** [ا - مث] مَهرباني، قِياسُ، ڪَهلَ، ٻاجَهه

— **رَحمُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڪَهلَ ڪَرَڻُ، قِياسُ ڪَرَڻُ، ٻاجَهه ڪَرَڻُ

— **رَحمُ کائِڻُ:** [اصطلاح] تَرسُ کائِڻُ، رَحمَ ڪَرَڻُ، ڪَهلَ ڪَرَڻَ، قِياسُ آڻَڻُ

— **رَحم و ڪَرَم:** [ا - مذ] عِنايَت، مَهرباني

• **رَحِمُ ج رَحِمَ:** [ا - مذ] ٻَچي داني، ڪُڙهِ (عورت جي)، عورت جي پيٽَ ۾ اُهو هَنڌُ جِتي ٻار سَرجي
* [ع]

• **رَحمانُ:** [ا - ذات] اَللهَ تَعالىٰ جو هِڪُ صِفاتي نالو
* [صفت] مَهربانُ، ٻاجهارو
* [ا - خاص] مُسَلمان مَردَ جو نالو
* [ع]

— **رَحماني:** [صفت] اِلاهِي، خُدائِي، قُدرتِي
* ڀَلارو، ڀاڳَنِ وارو

• **رَحمَتَ ج رَحمتُون:** [ا - مث] فَضلَ، ٻاجهه، ڪَهلَ، ڀَلائِي، مَهرباني، بَخشِش
* سُکَ، آرامُ
* [ڪنايہ] مِينهَن، بَرساتَ
* [ا - خاص] مُسَلمان مَردَ توڙي عورت جو نالو (پيش ۽ زَبَر جي تفاوت سان)
* [ع]

— **رَحه:** [نشاني] رحمة الله عَليه جي مُختَصِر لِکَتي، مَقَس اَللهَ تَعالىٰ جي رَحمَتَ هُجي

— **رَحمةُ اللهِ عَليه:** [جملو] شَل اُنهيءَ تي اَللهَ تَعالىٰ جي ٻاجهه هُجي
* [ا - خاص] دُنيا مان گُذاري وَيَل ڪَنهِن بہ ڀَلاري شَخصيت جو خِطاب

— **رَحمَةَ اللِلعالمِين:** [جملو] سَڄيءَ دُنيا لاءِ رَحمَتَ
* [ا - خاص] رَسولُ پاڪ صَلي الله عَليه وآلہ وَسلَم جَن ذاتهَن مَنسُوب هِڪُ تَعظِيمي لَقَبُ

'مُبارڪ، رَحمت اللعالمِين آيو زَماني ۾' (عطا محمّد حامِي)

— **رَحمَتَ وَسَڻُ:** [اصطلاح] اَللهَ تَعالىٰ جون اَڻَ ڪَٿِ مَهَربانيُون ٿِيَڻُ

• **رَحمَڪ ج رَحمَڪُون:** [ا - مث] ڪَنَ جي اَندرئين پَڏَڻَ واري ٿيلهي، ڪَنَ جي پَردِي
* [ع]

• **رَحمڪاڻي:** [ا - خاص] مَري بَلوچَنِ جو هِڪُ پاڙو

• **رَحمَلاڻي:** [ا - خاص] بگٽي بَلوچَنِ جو هِڪُ پاڙو

• **رَحِيمُ:** [ا - ذات] اَللهَ تَعالىٰ جو هِڪُ صِفاتي نالو
* [صفت] جَنهِن جي دِلِ ۾ رَحمُ هُجي، بيحَدِ رَحمَ وارو، مَهربانُ
* [ا - خاص] مُسَلمان مَردَ جو نالو
* [ع]

— **رَحِيمُ المِزاج:** [صفت] رَحمَ واري مِزاجَ وارو اِنسانُ، رَحمدِل، ٻاجهارو

— **رَحِيمه:** [صفت - مث] رَحمَ ڪَرَڻ واري (عورت)

— **رَحِيمِي:** [ا - مث] رَحمُ ڪَرَڻ جي حالَت، مَهرباني

• **رَحِيلُ:** [ا - مذ] لَڏَ، هِجرَت، نَقل مَڪاني
* [صفت] لَڏِيندَڙ، ڪوچ ڪَندَڙ، اُسهَندَڙ
* قافِلي جو اَڳوانُ، سَروانُ
* [ع]

• **رُخ ج رُخَ:** [ا - مذ] مُنهن. چهرو. صورت. شڪل
* ڏسُ. طرف. جانب. پاسو
* نمونو. ڍول. ڍنگ
* [ف]
* شطرنج راند جو هڪ مهرو. اٺ. ٻنگي

—**رُخ انور:** [ا - مذ] روشن چهرو. پرنور چهرو

—**رُخ بدلائڻ:** [اصطلاح] مُنهن ڦيرائڻ. مُنهن مٽائڻ
* پاسو مٽائڻ. طرف ڦيرائڻ
* مُنهن مٽڻ. رسڻ
* ارادو بدلائڻ

—**رُخ تي چڙهڻ:** [اصطلاح] مُنهن سامهون ٿيڻ. روبرو ٿيڻ. گڏجڻ. ملڻ. اوچتو ملڻ

—**رُخ رکڻ:** [اصطلاح] مُنهن ڪرڻ. ڪنهن پاسي روانو ٿيڻ

—**رُخ زرد:** [ا - مذ] پيلو چهرو. بي رونق چهرو. لٿل مُنهن

—**رُخ زيبا:** [ا - مذ] سهڻو چهرو. خوبصورتي
* [ف]

'چمن جو جهنگ جهر جو بحروبر جو ٿيو رخ زيبا'
(عطا محمد حامي)

—**رُخ ڦيرائڻ:** [اصطلاح] مُنهن ڦيرائڻ. مُنهن مٽائڻ
* پاسو بدلائڻ. طرف ڦيرائڻ
* ناراض ٿيڻ. رنج ٿيڻ

—**رُخ ڪرڻ:** [اصطلاح] ڌيان ڏيڻ. توجهه ڏيڻ. مائل ٿيڻ. راغب ٿيڻ. رجوع ٿيڻ. لاڙو ڪرڻ

• **رَخت:** [ا - مذ] هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو
* سُٺي پوشاڪ. خلعت. ريختو
* اسباب. سامان. مڏي
* لڏو. ذخيرو
* ڪاڏي جو سامان
* [ف]

—**رختِ سفر:** [ا - مذ] سفر جو سامان. سفر ۾ ڪم ايندڙ لٽو ڪپڙو. انُ پاڻي وغيره. زاد راهه

• **رَختو ج رَختا:** [ا - مذ] ڪپڙي جو هڪ قسم
* [ف: ريخته]

• **رُخسارُ ج رُخسارَ:** [ا - مذ] ڳِٽو. ڳل. مٽ
* [ف]

• **رَخشُ:** [ا - مذ] چمڪو. روشني. چمڪاٽ
* رونق. ٻهڪو
* شانُ. تجمل
* [ف: رخشيدن = چمڪڻ]

—**رَخشان:** [صفت] چمڪندڙ. روشن. ٻهڪندڙ. ڀڀڪيدار. رونقدار
* [ف: رخشيدن > رخشان]

—**رَخشندگي:** [ا - مث] چمڪ دمڪ. تجلو. تاباني

• **رُخصت ج رُخصتون:** [ا - مث] موڪل. ڇوٽي. تعطيل
* اجازت. موڪلائي. وداع
* [ف]

—**رُخصتِ اتفاقي:** [ا - مث] ريزڪي موڪل. ڇوٽي موڪل

—**رُخصت ٿيڻ:** [اصطلاح] روانو ٿيڻ. وداع ٿيڻ. وڃڻ
* لاڏاڻو ڪرڻ. گذاري وڃڻ. مرڻ

—**رُخصت ڏيڻ:** [اصطلاح] اجازت ڏيڻ. موڪل ڏيڻ

—**رُخصت ڪرڻ:** [اصطلاح] روانو ڪرڻ. وداع ڪرڻ
* برطرف ڪرڻ. موقوف ڪرڻ (نوڪريءَ تان)

—**رُخصت ملڻ:** [اصطلاح] اجازت ملڻ. موڪل ملڻ. ڇوٽي ملڻ
* موقوف ٿيڻ (ملازمت تان)

—**رُخصت وٺڻ:** [اصطلاح] اجازت وٺڻ. موڪل وٺڻ. ڇوٽي وٺڻ
* روانو ٿيڻ. وڃڻ

—**رُخصتِي ج رُخصتيون:** [ا - مث] موڪل. ڇوٽي. تعطيل
* اجازت. موڪلائي. وداع
* شاديءَ ۾ ڪنوار جو مائٽاڻي گهر مان موڪلائڻ جي رسم

• **رُڊو ج رُڊا:** [صفت - مذ] بيٺَلُ. هڪَ هَنڌَ ڪُٺَلُ. ڳڙو ٽِيلُ
* [مث: رُڊِي ج رُڊِيون]
* [ا - مذ] بُنڊُ
* [س/ات]

• **رَذالَتَ:** [ا - مث] ڪَميڻَپَ. بي حَيائِي. بيچِڙائِي
* [ع: رذالت]

—**رَذِيلُ:** [صفت] ذَليلُ. ڪَميڻو. نِيچ. بي شَرم ڪِرِيَلُ. بد اَخلاقُ
* [ع]

• **رَردوئِي:** [ا - مث] بيمارِيءَ جو هڪُ قِسمُ. يرقانُ
* [س/ات]

• **رَرڪو ج رَرڪا:** [ا - مث] وَرَ. ڦيرو. گهمرو
* [س/ٿ]

• **رَڙ ج رَڙيُون:** [ا - مث] دانهَن. رِڙهَه. ڪِيهَه. چِيخَ. ڪُوڪَ. واڪو. هَڪَلَ
* سَڏُ. صَدا

—**رَڙائِڻُ:** [مصدر 'رَڙَڻُ' مان فعل متعدي بالواسطہ] دانهُون ڪَرائِڻُ. واڪا ڪَرائِڻُ
* روئارِڻُ (ٻا رَکي)
* ڪَڪِ ڪَرِڻُ. سَتائِڻُ. تَنگ ڪَرِڻُ. آزارِڻُ
* گهڻو چِئورائِڻُ. چِئو چِئو ڪَرائِڻُ
* رُلائِڻُ
* [رَڙيو. رَڙِندو. رَڙيَلُ]

—**رَڙِ نِڪرِڻُ:** [اصطلاح] اِيذاءَ يا ڏکَ سَبَبِ دانهَن نِڪرِڻُ
* عَجَبَ مان دانهَن نِڪرِڻُ. تَمام گهڻي حيرتَ ڪَرِڻُ
* تَمامُ گهڻو اَفسوسُ ڪَرِڻُ

—**رَڙَڻُ:** [مص - فعل متعدي] دانهِڻُ. دانهُون ڪَرِڻُ. رَڙيون ڪَرِڻُ. واڪا ڪَرِڻُ. ٻاڪارِڻُ
* روئِڻُ (ٻارَ جو)
* رَنڀِڻُ
* سَڏُ ڪَرِڻُ
* ٻاڏائِڻُ. لِيلائِڻُ
* بي سُرو ڳائِڻُ
* [مص] رَڙَڻُ
* [امر] رَڙُ
* [مضارع] رَڙان (ج) رَڙُون. رَڙين (ج) رَڙو. رَڙي (ج) رَڙِين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] رَڙي ٿو (ج) رَڙِين ٿا
* [حال مث] رَڙي ٿِي (ج) رَڙِين ٿِيون
* [ماضي] رَڙيو (ج) رَڙيا
* [ماضي مث] رَڙي (ج) رَڙيون
* [مستقبل] رَڙندو (ج) رَڙندا
* [مستقبل مث] رَڙندي (ج) رَڙنديون
* [اسم مفعول] رَڙيَلُ

—**رَڙو رَڙ:** [ا - مث] دانهَن ڪُوڪَ. چِيخَ پڪار. هُلَ. هَنگامو

• **رَڙڪاٽُ ج رَڙڪاٽَ:** [ا - مذ/صوتي] ڏَندَنِ سان ڪا سَخت شيءِ ڪُرٽِڻَ جو آوازُ
* پَنگَ يا ٽاڏَلِ گهوٽِڻَ جو آوازُ

—**رَڙڪاٽ ڪَڙڪاٽ:** [ا - مذ] گوڙُ گهمساڻُ. شورُ ۽ هُلُ
* [س/ٿ]

—**رَڙڪڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڏَندَنِ سان ڪا سَخت شيءِ ڪُرٽي کائِڻُ. ڪُرٽِڻُ. کائِڻُ
* کائِي وَڃَڻُ. ڦَٻائِڻُ
* دَٻائِڻُ. ڳِيهَڻُ. هيسَڻُ
* [مص] رَڙڪَڻُ
* [امر] رَڙڪِ
* [مضارع] رَڙڪِيان (ج) رَڙڪِيُون. رَڙڪِين (ج) رَڙڪِيو. رَڙڪي (ج) رَڙڪِين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] رَڙڪي ٿو (ج) رَڙڪِين ٿا
* [حال مث] رَڙڪي ٿِي (ج) رَڙڪِين ٿِيون
* [ماضي] رَڙڪِيو (ج) رَڙڪِيا
* [ماضي مث] رَڙڪِي (ج) رَڙڪِيُون
* [مستقبل] رَڙڪِيندو (ج) رَڙڪِيندا
* [مستقبل مث] رَڙڪِيندي (ج) رَڙڪِينديُون
* [اسم مفعول] رَڙڪِيَلُ

—**رَسِيلائِي:** [ا - مث] ميٺاڄ، مَزيدارِي، سَوادُ
* لَئي، تالُ

—**رَسِيلو ج رَسِيلا:** [صفت - مذ] رَسُ وارو، رَسائِتو، گهڻيءَ رَسُ وارو
* لَذِيذ، سَوادِي
* [سن: رس = پچڻ]
* سُريلو، وَڻندڙ، مِٺو (آواز)
* گهاٽو، ڇٽو، صافُ نَظر ايندڙ
'اَڄ پڻ رَسِيلا رَنگ، بادلُ ڪَڍيا بِرِهَن سِين' (شاهه)

● **رَسالِ:** [ا - مث] وَٽ، رِيڄ (زمين کي)
* [س/ل]

● **رِسالَتَ ج رِسالَتُون:** [ا - مث] پيغامُ کڻي وَڃَڻَ ۽ پَهچائِڻَ جو ڪَمُ، سِفارَتَ
* الله تعالىٰ جا اَحڪامَ بندَنِ تائين پَهچائِڻَ جو مَنصَبُ، پيغامبَرِي، نَبُوَتَ
* [ع: رسالة < رسل = هن نياپو موڪليو]

—**رِسالَت پَناهَ:** [صفت] پيغامبَريءِ جو مُحافِظُ

—**رِسالَت مآب:** [ا - خاص] رَسول ڪَريم صَلي الله عَليه وآلہ وَسلَمَ جَن جو هڪُ صفاتي اِسم
* [صفت] رِسالَتَ جي پَناهَ گاهَ
* [ع: رسالت + مآب = پناهه گاهه]

● **رِسالو ج رِسالا:** [ا - مذ] نَنڍو ڪِتابُ، مَضمُونَنِ تي مُشتَمِل ڪِتابڙو، مَضمُونَن جو مَجمُوعو
* خَطُ
* مَخزَنُ، مَئگزِين
* بيتَن جو ڪِتابُ (جيئن: شاهه جو رِسالو سَچَلَ جو رِسالو رِسالو ڪَريمي)
* [ع: رسالة ج رسائل]
* گهوڙي سَوارَن جي فوجَ جو دَستو
* فوجَ جو هِڪُ حِصو

—**رِسالدارُ ج رِسالدارَ:** [صفت] رِسالي/فوجي دَستي جو آفيسَر، هڪُ فوجي عُهديدارُ
* [ع: رسالہ + ف: دار > داشتن = رکڻ]

—**رِسالدارِي:** [ا - مث] رِسالدارَ جو عُهدو
* رِسالدارَ جي آفيس

● **رُسامو ج رُساما:** [ا - مذ] رُسَڻَ جو عَمَلُ، ناراضِگي، ڪاوڙ

● **رَسائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] رَسائِڻ، پَهچائِڻُ
'سِڪَ رَسائِي سِڀِڪي، اَصل عاشِقَن' (شاهه/سِڀِڪي)
* بَڻائِڻُ، ناهِڻُ، تيار ڪَرڻُ، راس ڪَرڻُ
'پَچائي پَهاڻُ، جَن رَسائيو رُڪَ سِين' (شاهه/يمن ڪلياڻ)
* [مص] رَسائڻُ
* [امر] رَسائُ
* [رَسائيو رَسائيندو رَسائيَلُ]

● **رَسائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] پَهچائِڻُ، نِبيڙڻُ، پُڄائِڻَ
* تور ڪَرڻُ
* نِبيرَڻُ
* نِباهِڻُ
* پورو ڪَرڻُ، راس ڪَرڻُ، مُڪَمل ڪَرڻُ
* اُماڻڻُ، موڪِلَڻُ
* [ف: رسانيدن]
* [مص] رَسائِڻُ
* [امر] رَساءِ
* [مضارع] رَسايان (ج) رَسائون، رَسائين (ج) رَسايو، رَسائي (ج) رَسائِين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا گڏيا آهن]
* [حال] رَسائي ٿو (ج) رَسائِين ٿا
* [حال مث] رَسائي ٿي (ج) رَسائِين ٿيون
* [ماضي] رَسايو (ج) رَسايا
* [ماضي مث] رَسائي (ج) رَسايون
* [مستقبل] رَسائيندو (ج) رَسائيندا
* [مستقبل مث] رَسائيندي (ج) رَسائيندِيون
* [اسم مفعول] رَسايَلُ

—**رَسائِي ج رَسائِيون:** [ا - مث] پَهچ، پُڄَت، پُڄَندي، هَلَندي
* اُماڻيَل شيءِ جي پَهُچَڻَ جي حالَتَ (جِيئن: خط جي رَسائِي)
* ڪَنهن عَملدارَ جي گَشتَ تي نِڪرَڻَ تي اُنَ جي زيرِدَستِ عَملي طَرفان رَسَدَ وَغيرہ پَهچائڻَ جو اِنتِظامُ
* آفِيسَرِ جي مَنزِلِ جو بَندوبَستَ
* [ف]

—**رَسائِي ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] پڄَتِ ٿِيَڻُ
* هَلَندي پُڄَندي هُئَڻُ
* اِنتِظام ٿِيَڻُ

—**رَسائِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] بَندوبَستُ ڪَرَڻُ، اِنتِظامُ ڪَرَڻُ

• **رَساين/رَسائِن/رَسائِڻ:** [ا - مث] ڪِيمِيائِي عَمَلُ، ڪِيمِيائِي اِتصالُ
* [هند]

—**رَساين گهرُ:** [ا - مذ] تَجرِبيگاهَ، ڪِيمِيائِي گهر

—**رَساين ميلُ:** [ا - مذ] ڪِيمِيائِي جوڙُ، ڪِيمِيائِي مُرَڪبُ

—**رَساين وِديا:** [ا - مث] عِلمِ ڪِيمِيا، ڪِيمِسٽرِي، (انگ: Chemistry)

—**رَسايِني:** [ا - مذ] ڪِيمِياگَر، دوا سازَ
* دَوا فَروشُ

• **رَست:** [ا - مث] رِهائِي، ڇوٽِڪارو، آزادِي
* [ف: رستن (مصدر) رِهائِي حاصِل ڪَرَڻُ]

—**رَستخِيز:** [ا - مث] ڇوٽِڪاري جو ڏِينهَن، مُسَلمانَن جي عَقِيدي موجِبُ اَللهُ تَعالىٰ جو هَرهِڪَ بَندي کان سَندسِ عَمَلَن جي حِسابَ ڪِتابَ وَٺَڻَ جو ڏِينهَن، قيامَتَ، آخِرَتَ، روزِمَحشَر
* [ف]

—**رَستِگارُ:** [صفت] رِهائِي حاصِل ڪَندَڙُ، آزادُ، ڇُٽَل، ڇڙِيَلُ
* [ف]

—**رَستِگارِي:** [ا - مث] آزادِي، ڇوٽِڪارو، رِهائِي

• **رُستَم:** [ا - خاص] اِيرانَ جي مَشهور بارهَن پَهلوانَن مان هِڪَ وَڏي پَهَلوانَ جو نالو (جيڪو 'زال بن سام' جو پٽ هو ۽ عِيسوِي سَنَ کان اَٽِڪَل نو سؤ وَرهيہ اَڳُ ٿِي گذريو)
* [ڪنايہ] پَهَلوانُ، سُورِهيہ، بانڪو، بَهادُرُ

—**رُستَمِي:** [ا - مث] بَهادُرِي، شُجاعَتَ، دِليرِي، طاقَتَ، هِمَتَ
* ڏادَ مُڙسِي، زوراوري، جَبر

• **رُستمانِي:** [ا - خاص] مَزارِي بَلوچَن جو هِڪَ قَبِيلو

• **رَستو ج رَستا:** [ا - مذ] سَڙڪَ، واٽَ، راهَ، لَنگهَ، گَس
* [ف: راستہ]
* ڍَنگُ، طَرِيقو، نَمُونو
* قاعِدو
* اَٽڪَلَ، پَهَ، تَجوِيزَ، حَلُ (مَسئِلي جو)
'اِنَ مَسئِلي جو ڪو رَستو ڪَڍُون ٿا' (جملو)
* حِيلو، وَسِيلو
* اُٺَ وِيهَ، اَچَ وَڃَ
* سَنگتِ، عَزازَتَ
* ڏيتِي ليتِي، وَهَنوارَ، ڏي وَٺُ
* فِرقو، پَنٿُ، مَسلڪُ

—**رَستو بَندِ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] رُڪاوَٽَ اَچَڻُ، رَنڊَڪَ پيش پَوَڻُ
* عَزازَتَ خَتَم ٿِيَڻُ

—**رَستو پُڌائِڻُ:** [اصطلاح] رَستو ڏيکارَڻُ، ڏَسُ ڏِيَڻُ، ڏَگُ ٻُڌائِڻُ
* نَمُونو سيکارَڻُ، اَٽڪَلَ ٻُڌائِڻُ

—**رَستو پُلجِي وَڃَڻُ:** [اصطلاح] رَستو يادِ نہ رَهَڻُ، ڏَگُ هَٿِ نہ اَچَڻُ
* اَصَل مَقصَدَ تان هَٽِي وَڃَڻُ

—**رَستو تَڪِڻُ:** [اصطلاح] اِنتِظارُ ڪَرَڻُ، اوسِيئڙو ڪَرَڻُ

—**رَستو پَڪِڙَڻُ:** [اصطلاح] وَڃَڻُ، روانو ٿِيَڻُ، واٽَ وَٺَڻُ

—**رَستو جَهلَڻُ:** [اصطلاح] ڏَگُ روڪِڻُ، رَستي ۾ اَڳُ وَٺِي بِيهَڻُ

—**رَستو ڇُوندَڻُ:** [اصطلاح] راهَ اَختِيار ڪَرَڻُ

—**رَستو ڏِسَڻُ:** [اصطلاح] اِنتِظارُ ڪَرَڻُ، اوسِيئڙو ڪَرَڻُ

—**رَستو ڏيکارَڻُ:** [اصطلاح] واٽَ ڏيکارَڻُ
* هِدايَتَ ڪَرَڻُ، سُڌارَڻُ

—**رَستو ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] اَڳتي وَڃَڻَ لاءِ ڏَگُ ڏِيَڻ (پَهلِيان يا پَرسان واري کي)

—رَستو رَکَڻُ: [اصطلاح] شاديءَ يا غميءَ وَغيره ۾ اُٿڻُ ويهڻُ، عَزازت قائم رَکڻُ، پائِبي رَکڻُ

—رَستو ڦِٽائِڻُ: [اصطلاح] مِٽي مائِٽي خَتمُ ڪَرڻُ، عَزازت خَتمُ ڪَرڻُ

* شاديءَ غميءَ ۾ اُٿڻُ ويهڻُ بَند ڪَرڻُ

—رَستو کُلَڻُ: [اصطلاح] رَستو صاف ٿيڻُ، ڏَڳَ ۾ ڪابہ دُشواري نہ هُجَڻُ

* رُڪاوٽ خَتم ٿيڻُ، رَنڊَڪ دُور ٿيڻُ

* موقعو مِلَڻُ

* دِل وَٽان ڳالهہ ٿيڻُ

* ڀاڳَ يا نَصيبُ کُلَڻُ

—رَستو ماپَڻُ: [اصطلاح] اَندازو لڳائِڻُ

* ڏِسَڻُ

* سُڃاڻَڻُ

* رَکَڻُ

* وَڃَڻُ، چَلنو ٿيڻُ

—رَستو مَٽائِڻُ: [اصطلاح] گَسُ تَبديل ڪَرڻُ، ٻيچرو بَدلائِڻُ

* هِڪُ مَسلَڪُ ڇَڏي، ٻيو مَسلَڪُ اِختيار ڪَرڻُ

* ڌِر يا پارٽي تَبديل ڪَرڻُ

—رَستو نِڪِرَڻُ: [اصطلاح] ذَريعو پيدا ٿيڻُ

* اَٽڪَل هَٿِ اَچَڻُ، حَلُ سَمجهہ ۾ اَچَڻُ

—رَستو وَٺَڻُ: [اصطلاح] رَوانو ٿيڻُ، هَلَڻُ، پَنڌِ پَوَڻُ

* طَريقو مَعلومُ ڪَرڻُ

* رَهبَري حاصِل ڪَرڻُ

—رَستو وَهَڻُ: [اصطلاح] رَستي تي تَمام گهڻي آمَدورَفت هُجَڻُ

—رَستو هُجَڻُ: [اصطلاح] اَچُ وَڃُ هَجَڻُ

* مائِٽي مِٽي هُجَڻُ، لاڳاپو هُجَڻُ

—رَستي تي اَچَڻُ: [اصطلاح] گَسَ ۾ اَچَڻُ، ڏَڳَ سان هُجَڻُ

* ٺيڪُ ٿِي وَڃَڻُ، دُرستَ ٿِي وَڃَڻُ

* سُڌِري وَڃَڻُ، هِدايَتَ مِلَڻُ

—رَستي جو پَٿرُ: [صفت] رُڪاوٽ، رَنڊَڪ، دُشواري پيدا ڪَندڙُ شيءِ

• رِسيٽ: [ا - مث] رَسيدَ، پهُچڻ جي لِکَتِ، وصوليءَ جي تَحرِيرَ

* [انگ: Receipt]

• رَسِجَڻُ: [مص ''رَسَڻُ'' مان فعل مَجهولُ] پَچَڻُ (ميوو)، راسُ ٿيڻُ

* رَسَڻُ، پهُچَڻُ

* ڪيميائِي عَمَلَ ۾ پورو پَچَڻُ

* [رَسيو، رَسبو، رَسِيَلُ]

• رَسَدُ ج رَسَدَ: [ا - مذ] حِصو، ڀاڱو، پَتي، وَنڊِ

* قِسمَتَ، ڀاڳُ

* اَناجُ جي جِنسَ

* لَشڪَرَ يا قافِلي سان گڏ کاڌي جو ذَخيرو

* راشَن، راتِبُ، خوراڪَ، کاڌو

* سيڌو، سامانُ (جيڪو فوج لاءِ هُجي)

—رَسَدُ پهُچائِڻُ: [اصطلاح] لَشڪَرَ وَغيرَه کي خوراڪَ جو سامانُ پَهچائِڻُ، مالُ پَهچائِڻُ

—رَسَدُ رَسائِڻُ: [اصطلاح] اَناجُ پَهچائِڻُ، کاڌو پَهچائِڻُ، رَسائِي ڪَرڻُ، سامانُ پَهچائِڻُ

• رِسڪ: [ا - مث] جوکو، خَطرو، نُقصانُ جو اَنديشو

* [انگ: Risk]

• رَسڪپُورُ: [ا - مذ] پَسارڪي وَکَر جو هِڪُ قِسمُ (زهريلي دَوا)، پاري جو جُلابُ

• رِسڪڻِ: [ا - مث] سِرڪَڻِ (گِندي)

* [س/ل]

• رِسڪَڻُ: [مص - فعل لازمي] سِرڪَڻُ، رِڙهَڻُ، سِرَڻُ، هَٽَڻُ، کِسڪَڻُ

* [رِسڪيو، رِسڪيا، رِسڪي، رِسڪيون، رِسڪندو، رِسڪندا، رِسڪندي، رِسڪنديون، رِسڪَيَلُ]

—رِسڪو ج رِسڪا: [ا - مذ] رِيڙهو، کِسڪو، کِسِڪو

• رَسُ گُلو/رَسُ گولو: [ا - مذ] مِٺائِيءَ جو هِڪُ قِسمُ

—**رُسَڻُ پِرچَڻُ:** [اصطلاح] رُسي وَري پَرچَڻُ، ڪاوڙجي وَري راضي ٿيَڻُ
* ماٺو ڪَرڻُ، ناز ڪَرڻُ

—**رُسڻُو ج رُسڻا:** [صفت - مذ] رُسندڙُ، زُود رَنج، چيڙاڪ، چڙٽو
* [مث: رُسڻي ج رُسڻيون]

—**رُسِي رِيجَهڻُ:** [اصطلاح] رُسامي ڪانپوءِ پَرچَڻُ، جُدائيءَ ڪانپوءِ ميلو ٿيَڻُ

'اسان ڪِيئن ڪاٽيون، رُسي رِيجهڻَ جُون گهڙيُون' (شيخ اياز)

● **رَسو ج رَسا:** [ا - مذ] نوڙُ، واڇَهہ، ورتِ
* [ف: ريسمان، سن: رشِم، رسنا = نوڙي]
* [ڪنايہ] ڇڙواڳِي، آزادِي
* مُهلَتَ، رِعايَتَ

'هِن کي ڍِگهو رَسو آهي' (جملو)

—**رَساڪشِي:** [ا - مث] هِڪَ قِسمَ جي راندِ جو نالو، رَسو پاڻَ ڏانهَن ڇڪڻَ واري راندِ

—**رَسو پِڄَڻُ:** [اصطلاح] رَسو ٽاهِڻُ، رَسو وَٺَڻُ

—**رَسو وَٺَڻُ:** [اصطلاح] رَسو پِڄَڻُ

● **رُسوا ج رُسوا:** [صفت] ذَليلُ، بيعِزَت، خُوارُ، بَدِنام
* [ف]

—**رُسوا ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] بَدِنام ٿِيَڻُ، خُوارُ ٿِيَڻُ

—**رُسوا ڪَرڻُ:** [اصطلاح] بَدِنام ڪَرڻُ، خُوارُ ڪَرڻُ

—**رُسوائِي:** [ا - مث] بَدنامِي، خُوارِي

● **رُسُوخُ:** [ا - مذ] مَضبُوطِي، پَڪائِي، اِستَقلالُ
* پَهچَ، هَلَندي، اَثر رُسوخ
* اَعتِبارُ، ڀَروَسو
* راهَ رَسَمَ
* [ع: رسخ = هو پَڪو ٿيو]

● **رَسوڙو ج رَسوڙا:** [ا - مذ] بورچيخانو، رَڌڻو
* [س/ڪوهہ]

● **رَسِوَلِ:** [ا - مث] پَسارڪي وَکَر جو هِڪُ قِسمُ (دَوا ۾ ڪَمِ اِيندڙُ ڪارو رَسُ، جيڪو اَڪِيُن جي اَکڙَ ۽ ٻَرهالَ جي بيمارِيءَ ۾ ڪَمِ اِچي)
* [هند: رسوت]
* [ڪنايہ] ڪابہ ڪَڙي شيءِ، زَهرِيلي ذائِقي وارِي شيءِ

'رَسِوَلِ رَکِي چَکِي آ، ماکِي چَکِي چَکِي آ' (استاد بخاري)

● **رَسُولُ ج رَسُولَ:** [ا - مذ] خدا تَعالىٰ جي طَرفان موڪلِيَلُ اُهو نَبِي سَڳورو، جَنهِن تي ڪِتابُ نازِل ٿِيو هُجي
* قاصِدُ، پيغامبَر، ايلچِي
* [ع: رسل = موڪليل]

—**رَسُولِ اَڪرَم:** [صفت] نِهايَت ڪَرِيم ۽ مَهرِبانُ پيغمبَر
* [ا - خاص] رَسُول پاڪَ صَلي اللہ عَليہ وآلہٖ وَسَلَم جَن ڏانهَن مَنسوبُ هِڪُ تَعظِيمِي لَقَبُ

—**رَسُولِ الثَّقَلين:** [صفت] اِنسانَ ۽ جِنَن جو هادِي
* [ا - خاص] رَسُول پاڪَ صَلي اللہ عَليہ وآلہٖ وَسَلَم جَن ڏانهَن مَنسوبُ هِڪُ تَعظِيمِي لَقَبُ

—**رَسُولُ اللہ:** [ا - خاص] اَللہ تَعالىٰ جو رَسُولُ
* حَضرَت مُحَمَد صَلي اللہ عَليہ وآلہٖ وَسَلَم جَن جو هِڪُ صِفاتي اِسم

—**رَسُولِ بَرحَق:** [صفت] سَچو پيغمبَر
* [ا - خاص] رَسُول پاڪَ صَلي اللہ عَليہ وآلہٖ وَسَلَم جَن ڏانهَن مَنسوبُ هِڪُ تَعظِيمِي لَقَبُ

—**رَسُولِ خُدا:** [صفت] اَللہ تَعالىٰ جو رَسُول
* [ا - خاص] رَسُول پاڪَ صَلي اللہ عَليہ وآلہٖ وَسَلَم جَن ڏانهَن مَنسوبُ هِڪُ تَعظِيمِي لَقَبُ

—**رَسُولِ زاده:** [صفت] فرزند رَسُول
* [ا - خاص] حَضرَت اِمامِ حَسَن عَليہ السَلامَ ۽ حَضرَت اِمامِ حُسين عَليہ السَلامَ جَن ڏانهَن مَنسوبُ هِڪُ تَعظِيمِي لَقَبُ

—**رَسُولِ ڪَرِيم:** [صفت] نِهايَت باجهارو رَسُول
* [ا - خاص] رَسُول پاڪَ صَلي اللہ عَليہ وآلہٖ وَسَلَم جَن ڏانهَن مَنسوبُ هِڪُ تَعظِيمِي لَقَبُ

—**رِسيِوَرُ ج رِسيِوَرَ:** [صفت] وَٺندڙ. وُصولُ ڪندڙ
* [ا - مذ] ٽيليفون سيٽ جو اُهو حِصو. جنهن سان ڳالهايو يا آوازُ ٻڌو ويندو آهي
* [انگ: Receiver]

—**رِسيِونگ:** [ا - مث] وُصولي. ڪا شيءِ وَٺڻ جي حالَت
* ڪنهن وَرتَل شيءِ جو لِکتِ ۾ دَستخَطَ سان اِقرارُ (دفتري اِصطِلاحَ ۾)
* [انگ: Receiving]

• **رَش:** [ا - مث] هَجومُ. اَنبوهُ. پيهُ
* [انگ: Rush]

• **رُش:** [ا - مذ] چِتڪارُ. ڦُڙو. ڇَندو
* [ع]

• **رِشا:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو
* [س/ل]

• **رِشتو ج رِشتا:** [ا - مذ] ناتو. لاڳاپو. تَعَلُقُ. مائِٽِي. عَزازَتَ. پَنهنجائِي. پَنهنجائپُ
* [ف: رشتہ = ڌاڳو، تند]

—**رِشتو ڳَنڍُڻُ:** [اصطلاح] مائِٽِي ڪَرَڻُ. سَڱُ ڪَرَڻُ

—**رِشتوناتو ج رِشتاناتا:** [ا - مذ] پَنهنجائپُ. عَزازَتَ. مائِٽِي

—**رِشتيدارُ ج رِشتيدارَ:** [صفت] مائٽُ. سَڱيٿو. عَزيزُ. پَنهنجو. لاڳاپيل

—**رِشتيداري:** [ا - مث] مائِٽِي. سَڱائي. عزازَت. لاڳاپو. برادِري. ڀائپي

• **رُشٽُ پُشٽُ:** [صفت] بَدَنَ ۾ پُرپَلُ. ڏَٿو مَٿو. ٿُلهو مَتارو. سَگهارو. هَٽو ڪَٽو

• **رُشدُ:** [ا - مذ] سَچائي. صَداقت. اِيمانداري
* هِدايَتَ. رَهبَري
* [ع: رشد = هو نيڪ راهہ تي هليو]

—**رُشِدِي ج رُشِدِي:** [صفت] سَچو. صِدِيقُ. اِيماندار
* هِدايَتَ يافتہ. راهہ راستِ تي هَلَندڙُ

• **رَشڪ:** [ا - مث] حَسَدُ. رِيسَ. ساڙُ
* عَداوَتَ. دُشمَني. وير. رَقابَتَ
* غيرَتَ. شَرمُ. لَڄَ
* [ف]

—**رَشڪ اَنگيز:** [صفت] رِيسَ ڏيارِيندڙُ. حَسَدُ پيدا ڪَندڙُ. ڀَڙڪائيندڙُ
* [ف: رشڪ + انگيز > انگيختن = ڪڙو ڪرڻ]

—**رَشڪِ پَرِي:** [صفت] اَهڙو سُهڻو. جنهن کي ڏِسي حُورَ کي بہ رِيسَ ٿئي. تَمامُ سُهڻو

—**رشڪِ حور:** [صفت] رَشڪِ پَرِي

• **رَشڪو:** [ا- مذ] گاهَہ جو هِڪَ قِسمُ

• **رِشوَتَ ج رِشوَتُون:** [ا - مث] ڪَنهن ڪَمَ جي عيوَضِ ناجائز ڏِنَل ۽ وَرتَل خَرچِي. وَڍِي. لَبَ
* [ع: رشي = هن رشوت ڏني]

—**رِشوا ج رِشوائُون:** [ا- مث] 'رِشوَتَ' جو بِگڙيل نَمونو

—**رِشوَتخورُ ج رِشوَتخورَ:** [صفت] رِشوَتَ کائيندڙُ. رِشوَتِي. راشِي
* [ع: رشوت + ف: خور > خوردن = کائڻ]

—**رِشوَتخوري:** [ا - مث] رِشوَتَ کائڻَ جي حالَتَ

—**رِشوَتَ ڏِيڻُ:** [اصطلاح] ڪَنهن ڪَمَ جي عيوَضِ ناجائز طَرحَ خَرچِي ڏِيڻَ. لَبَ ڏِيڻَ. وَڍِي ڏِيڻَ. پاڙُ ڏِيڻَ

—**رِشوَت سِتاني:** [ا - مث] رِشوَتخوري. رِشوَتَ وَٺڻَ جي حالَتَ
* [ع: رشوت + ستاني > ستودن = وٺڻ]

—**رِشوَتَ کائڻُ:** [اصطلاح] ڪَنهن ڪَمَ جو ناجائز مُعاوِضو وَٺڻَ. رِشوَتَ وَٺڻَ

—**رِشوَتَ وَٺڻُ:** [اصطلاح] رِشوَتَ کائڻُ. ڪَميشن وَٺڻُ

—**رِشوَتِي ج رِشوَتِي:** [صفت] رِشوَتَ وَٺندڙُ. رِشوَتَ کائيندڙُ. رِشوَتخورُ

• **رِشِي ج رِشِي:** [ا - مذ] ويدَن جا شبدَ ڳائيندڙُ. سَنتُ. تپسيا ڪَندڙُ. دَرويشُ (هِندُن جي عقيدي موجبُ قديم زماني ۾ سَتَ وَڏا رِشي ٿي گذريا آهن: 1. ڪَشپَ، 2. اَترِي، 3. ربيا، 4. اَگستيا، 5. ڪسيڪا، 6. وسِشٽا ۽ 7. وياسو)

—**رُعبُ ڇانئجڻُ:** [اصطلاح] خوف غالب پوڻ. ڊپ ويهڻ، دهشت ويهڻ

—**رُعبُ دابُ:** [ا - مذ] دٻدٻو، تحمل، ڏاڪو، شانُ، شوڪت، حشمت

—**رُعبدارُ ج رُعبدارَ:** [صفت] رعب وارو، حشمت وارو، هيبتناڪ، ڊپ وارو، ڀوائتو

* [ع: رعب + ف: دار > **داشتن** = رکڻ]

—**رُعبُ ويهارڻُ:** [اصطلاح] جمب ڪرڻ، حشمت ويهارڻ، اَثر ويهارڻ، ڄمائڻ، ديجارڻ، ڊپ ويهارڻ

—**رُعبُ ويهڻُ:** [اصطلاح] ڊپ ويهڻ، حشمت ويهڻ

* ماڻهن تي تمام سٺو ۽ شانائتو اَثر ويهڻ

• **رَعدُ ج رَعدَ:** [ا - مذ] وِڄ جو ڪڙڪو، گوڙ، گاج (ڪڪرن جي)

* ڪڪرن کي هلائيندڙ فرشتي جو آواز

**'سٺيو رڙ رعدَ جي، ڪليون ٿيون ڪنبن' (شاهہ)**

* **[ا - خاص]** قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو

• **رَعشو:** [ا - مذ] ڏڪڻي، ٿرڪڻي، ڪنبڻي، لرزش

* بيماريءَ جو هڪ قسم **(جنهن ۾ هٿ پير ڏڪن)**

* **[ع: رعشہ]**

• **رَعنا:** [صفت] سينگار سان رهندڙ، ٺوٺون، رنگيلو

* دلچسپ، خوشنما

* گُلَ جو هڪ قسم **(اندران ڳاڙهو ۽ ٻاهران زرد ٿئي)**

* [ع]

—**رَعنائي:** [ا - مث] سينگار، ناز نوهہ، آرائش

**'ڏنائين نُورَ پنهنجي سانُ اُنَ کي رنگُ رعنائي' (مقصود گل)**

* دلچسپي

* ڇڪ، ڪشش (شوقن جي)

• **رَعونَتَ:** [ا - مث] غرور، هٺ، گهمنڊ، سرڪشي

* [ع]

• **رَعيتَ ج رَعيتُون:** [ا - مث] رعايت ٿيل ماڻهو، ڪنهن حاڪم جا ماتحت ماڻهو، محڪوم، پرجا، رعايا، راڄ

* [ع: **رَعي = هُن سنڀاليو**]

—**رَعيت پرورُ:** [صفت] رعيت جي سنڀال ڪندڙ، حاڪم، بادشاهہ

* [ع: رَعيتَ + ف: **پرور** > **پروردن = پالڻ**]

—**رَعيت پروري:** [ا - مث] رَعيتَ جي سنڀال، رَعيتَ جي پورِئواري

—**رَعيت نَوازُ:** [صفت] رَعيتَ کي آسودو ڪندڙ، راڄ کي خوشحال ڪندڙ (**حاڪم**)

* [ع: **رعيت + ف: نواز > نواختن = نوازڻ**]

—**رَعيت نَوازِي:** [ا - مث] رَعيتَ تي مهرباني، راڄَ تي مهر ڪرڻ

—**رَعيتي ج رَعيتي:** [صفت] رَعيتَ جو، راڄَ جو، راڄوڻي، قومي، ملڪي

* مُطيع، تابع، هٿ هيٺ، ماتحت

—**رَعيتي راڄُ:** [ا - مذ] عوامي حڪومت، جمهوري حڪومت، عام ماڻهن جي چونڊيل حڪومت، ماڻهن جي حڪومت، عوامَ جي حڪومت

• **رَغامُ ج رَغامَ:** [ا - مذ] رنجُ

* شڪ، گمانُ

* جهڙ، ڪڪر

* **[س/ڪوهہ]**

* **[صفت]** مٽي لڳل

• **رَغبَتَ ج رَغبتُون:** [ا - مث] لاڙو، رُخ، چاهہ، خواهش

* ڇڪ، ڪشش

* ڌيانُ، توجهہ، شوق

* [ع: **رَغبَ = هُو مائل ٿيو**]

—**رَغبَتَ ڪرڻُ:** [اصطلاح] مائل ڪرڻ، لاڙو ڪرڻ

* پيار ڪرڻ، چاهڻ

• **رَف:** [ا - مذ] ڏاڪ وارو مسودو، روانيءَ ۾ لکيل مسودو **(جنهن کي واڌارن ۽ سڌارن جي ضرورت هجي)**

* **[صفت]** بيڪار، رَدي

* **[انگ: Rough]**

— **رَف ڪاپِي ج رَف ڪاپِيُون:** [ا - مث] مُسوَدي جي اُها صُورَت، جَنهن ۾ واڌارا سُڌارا يا ڪاٽ ڊُوهه ڪَرَڻَ جي گُنجائش هُجي

* اُهو خالي ڪِتابُ، جَنهن ۾ سِپِنِي پَڙهايَل مَضمُونَن جو مِلِيَل ڪَمُ لِکِيو يا اُتاريو ويندو آهي (شاگِردَن جي اِصطِلاحَ ۾)
* [انگ: Rough copy]

• **رَفاقَت:** [ا - مث] هَمراهِي، مَدَدَ، مُعاوَنَتَ

'رِهه مَقصُود ۾ تُنهنجي رَفاقَتَ جي ضَرُورَتَ آ' (عَطا محمّد 'حامِي')

* دوستِي، ياري، سَنگَت
* واقفيت، سُڃاڻپُ، ڏيتِ ويتِ
* [ع: رفق = هُو شامل ٿيو]

— **رَفاقَت ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] گڏ رهَڻ، هَمراهُه ٿيَڻ

* ياري ڪَرَڻُ، دوستي ڪَرَڻُ
* مَدَدَ ڪَرَڻُ

• **رِفاهُ:** [ا - مذ] آرامُ، چينُ، سُکُ، قرارُ، راحَتَ

* عامَ جي ڀَلائِيءَ جو ڪَمُ، ڀَلائِي، ڀَهبُودي
* [ع]

— **رِفاهِ عام:** [ا - مذ] عامُ ماڻهُن جي ڀَلائِي

• **رَفت:** [ا - مذ] هَلَڻَ جي حالَتَ، رَوانِگِي، وَڃَڻُ (جيئن: آمدورَفت يعني اَچَڻُ ۽ وَڃَڻُ)

* [ف: رَفتن (مص)]

— **رَفتِگان:** [صفت: هَميشه جَمعَ ۾ اِستِعمال ٿيندڙُ لَفظ] گُذرِيَل، گُذري وَيَل، اَڳوڻا

* مَرحُومَ، مَري وَيَل، جيڪي جَهانُ ڇَڏي وَيا هُجَن (جيئن: مَخدوم طالِبُ المولىٰ جي هِڪَ ڪِتابَ جو نالو 'يادِ رَفتِگان' آهي)
* [ف]

— **رَفتِگانِي:** [ا - مث] گُذرِيَل، گُذري وَيَل، اَڳوڻي

* [ف]

— **رَفته:** [صفت] وَيَل، گُذرِيَل، اَڳاٽو

* مُئَلُ
* [ف: رفتن = وڃڻ > رفته]

— **رَفته رَفته:** [ظرف] ويندي ويندي، هَلَندي هَلَندي، ٿيندي ٿيندي

* آهِستي آهِستي، بَتَدرِيج
* [ف]

• **رَفتار:** [ا - مث] چال، هَلِڻِي

* پَنڌ، فاصِلو
* تيزِي، تِکَ
* ڍَنگُ، رِيتِ، رَوِش
* [ف]

— **رَفتاروگُفتار:** [ا - مث] هَلَتِ چَلَتِ، رَهَڻِي ڪَهَڻِي، اُٿَ ويهه

• **رَفرَف:** [ا - مذ] جارو، طاقُ

* طَنبو
* سائو ڪَپڙو
* [ا - خاص] آسمانُ تي حَضرَت اِسرافِيل عَليه السّلامَ جي رَهَڻَ واري جاءِ
* اُها سَواري، جَنهن تي نَبِي ڪَرِيم صَلي اللهُ عَليهِ وآلہٖ وسَلَّم جَن مِعراجَ جي راتِ سِدرَة المُنتَهىٰ کان بارگاهِ اِلاهِي تائِين وَيا هُئا
* [صفت] تيز رَفتار، تِکو
* رَوان، جاري
* [ف]

• **رَفعُ:** [ا - مذ] چاڙهو، واڌارو، تَرقِي، اِضافو

* اوچائِي، مٿانهين، بُلندِي
* [صفت] خَتمُ، پورو، مُڪَمَل
* پَري ڪَيَلُ، بَرطَرف

— **رَفعُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] وَڃَڻُ، پَري ٿِيَڻُ، هَٽَڻُ

— **رَفعُ حاجَت ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] حاجَتَ پوري ڪَرَڻُ، پائِخانو ڪَرَڻُ

— **رَفعُ دَفعُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] پَري ڪَرَڻُ

* خَتمُ ڪَرَڻُ
* ڊاهِڻُ
* کَس کَسَرَ ڪائِي مُعامِلو اُڪلائِڻُ
* لَٿي مِٽي ڪَرَڻُ

— **رَفعُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ٽارَڻُ، پَري ڪَرَڻُ، خَتمُ ڪَرَڻُ (مُعامِلو)

• **رَڪعَتَ ج رَڪعَتُون:** [ا - مث] ڏنگ (چيلهہ جو)، جهُڪاءُ، وَرُ، خَميدگي

* نِمازَ جو (اڌ يا چوٿون حِصو)، نِمازَ جو هڪ رُڪنُ (جَنهِن ۾ هِڪ رُڪوعُ ۽ ٻہ سَجدا اَچي وَڃَن)

* [ع]

• **رُڪَنَ:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **رُڪَنُ ج رُڪَنَ:** [ا - مذ] ٿَنڀُ، ٿنڀو، پايو، پيلپائو، سُتُونُ

* ڪَنهِن بہ جَماعَتَ جو ڪارڪُنُ، ميمبَر، (انگ: Member)

* مِصرَعَ جو هِڪُ حِصو، وَزنُ

* بُنيادِي ڳالهہ، اُصُولُ (جِيئَن: اِسلامَ جا پَنجَ رُڪَنَ، ڪَلمہ طَيبُ، نِمازُ، روزو، حَج ۽ زَڪواتُ آهِن)

* [ع]

—**رُڪنِ اَسوَد:** [ا - خاص] ڪَعبَۃُ اللہِ شَرِيفَ ۾ واقع حَجَرِ اَسوَدَ وارِيءَ ڪُندَ جو نالو

—**رُڪنِ شامِي:** [ا - خاص] ڪَعبَۃُ اللہِ شَرِيفَ جِي هِڪَ ڪُندَ جو نالو (جَنهِن جو رُخ 'شام' مُلڪَ طَرف آهي ۽ حَجرِ اَسوَدَ جي مَدِمُقابِل پڻ آهي)

—**رُڪنِ صُوبائِي اِسيمبِلِي:** [ا - مذ] صُوبائِي اِسيمبِليءَ جو ميمبَر، ايم. پي. اي، MPA

—**رُڪنِ عِراقِي:** [ا - خاص] ڪَعبَۃُ اللہِ شَرِيفَ جِي هِڪَ ڪُندَ جو نالو (جَنهِن جو رُخ 'عِراقَ' طَرف آهي)

—**رُڪنِ قومِي اِسيمبِلِي:** [ا - مذ] قومِي اِسيمبِليءَ جو ميمبَر، ايم. اين. اي، MNA

—**رُڪنِيَت:** [ا - مث] رُڪَنُ هُجَڻَ جِي حالَتَ، ميمبَر هُجَڻَ جِي ڪيفيَت، ميمبَر شِپ، (انگ: Membership)

—**رُڪنِ يَمانِي:** [ا - خاص] ڪَعبَۃُ اللہِ شَرِيفَ جِي هِڪَ ڪُندَ جو نالو (جَنهِن جو رُخ 'يَمَن' مُلڪَ طَرف آهي)

• **رُڪَڻَ:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **رُڪَڻ:** [ا - مث] ڪَچِيءَ جِي هِڪَ جِنسَ (جَنهِن جو ڏونڪو هَٿيو ۽ ٻِندرو ٿئي)

* [س/ات]

• **رُڪَڻُ:** [مص - فعل لازمي] حَرڪَتَ جو بَندِ ٿِيَڻُ، بِيهَڻُ، بِيهجِي وَڃَڻُ

* اَٽڪَڻُ

* [رُڪِيو، رُڪِيا، رُڪِي، رُڪِيُون، رُڪَندو، رُڪَندا، رُڪَندِي، رُڪَندِيُون، رُڪِيَلُ]

* [مص - فعل متعدي] تَرسَڻُ، بِيهَڻُ

* وَقفو ڪَرَڻُ

* مُڙي وَڃَڻُ، مُڙَڻُ، بازِ اَچَڻُ

* هَٿُ ڪَڍَڻُ، دَستبَردارُ ٿِيَڻُ

* [مص] رُڪَڻُ

* [امر] رُڪُ

* [مضارع] رُڪان (ج) رُڪُون، رُڪِين (ج) رُڪو، رُڪي (ج) رُڪَنِ

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] رُڪي ٿو (ج) رُڪَنِ ٿا

* [حال مث] رُڪي ٿِي (ج) رُڪَنِ ٿِيُون

* [ماضي] رُڪِيو (ج) رُڪِيا

* [ماضي مث] رُڪَي (ج) رُڪَيُون

* [مستقبل] رُڪَندو (ج) رُڪَندا

* [مستقبل مث] رُڪَندِي (ج) رُڪَندِيُون

* [اسم مفعول] رُڪِيَلُ

• **رُڪُوعُ ج رُڪُوعَ:** [ا - مذ] عاجِزِيءَ سان جهُڪَڻَ جِي حالَتَ، نِمازَ جو چوٿون فَرضُ (جَنهِن ۾ قيامَ ۾ بِيهَڻَ ۽ تَلاوَتَ ڪَرَڻَ کان پوءِ گوڏِنِ تي هَٿَ رَکِي، جهُڪِي ۽ بِيهِي 'سُبحانَ رَبِّ العَظِيم' جو ٽي ڀيرا وِردُ ڪري، سَجدي ۾ وَڃجي)

* [ع: رکع = هن ٻانڌ ڪي جهڪايو]

* قُرآن شَرِيفَ جِي چَندِ آيَتَنِ جو مَجمُوعو، قُرآن شَرِيفِ جِي تَلاوَتَ دوران چَندِ آيَتَنِ بَعدِ تَرسَڻَ جِي هِڪَ مُقَرَر جَڳهہ (جِتي 'ع' جو نِشانُ ڏِنَل هُوندو آهي)

—**رُڪُوع و سُجُود:** [ا - مذ] رُڪُوعَ ۽ سَجدو ڪَرَڻَ جِي حالَتَ، نِمازَ

* عِبادَتَ، بَندگِي، زُهدُ، تَقوىٰ

—**رَناپو:** [ا - مذ] رَناپَڻُ، رَناپڻو

—**رَنالُو ج رَنالَا:** [صفت - مذ] عورَتَ سان مَنسُوبُ، رَنَ جو، رَنَ جهڙو، مائيءَ جو

* [رَنالِي ج رَنالِيُون]

—**رَنالُو راڄُ ج رَنالَا راڄَ:** [ا - مذ] اُها جَڳَهه، جتي گهڻيُون عورَتُون هُجَن، رَنان خانو

* عورَتَن جو حُڪمُ، عورَتَن جي مَرضِي هَلَڻَ جي حالَتَ

—**رَنَ پِٽُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] بيواهو ٿِيَڻُ، يَتِيمُ ٿِيَڻُ

* تَمام غَرِيبُ ٿِيَڻُ، مِسڪِينُ ٿِيَڻُ

* [س/ات]

—**رَنَپَڻُ:** [ا - مذ] رَناپو، ڏهاڳُ

—**رَنَ چورُ ج رَنَ چورَ:** [صفت] رَنَ جو چورُ، زالُون تَڪِيندَڙُ

—**رَنڊولِ ج رَنڊولِيُون:** [صفت - مث] رَنڙ زالَ، بيوَهه عورَت

* [س/ٿ]

—**رَنَ ڏاتِڙِيو/ رَنَ ڏاتِيو/ رَنَ ڏاتِيرو:** [صفت] رَنانو، نامَردُ، مادِيءَ مَنهُون

* [س/ات]

—**رَنَ رودِڙِي:** [ا - مث] سادِي سُودِي زالَ، هيٺِي عورَت، غَرِيبِ زالَ

* [س/ات]

—**رَنَ روڳِڙِي:** [ا - مث] ڏارِي عورَت

* واهِياتِ عورَتَ

—**رَنَ رولِڻُ:** [اصطلاح] بَڇڙوڪَرَڻُ، تَعَدِي ڪَرَڻُ، سَخت پَريشان ڪَرَڻُ

—**رَنَ زالَ ج رَنُون زالُون:** [ا - مث] مُڙسُ مَري وَيَلَ زالَ، بيوَهه، ڏنيلَ، ڏهاڳڻ، وِدوا

—**رَنَ مُرِيدُ ج رَنَ مُرِيدَ:** [صفت - مذ] زالَ جي چَوَڻَ موجبُ هَلَندَڙُ مُڙسُ، رَن مُرِيدُ، زالَ جو مَڃُو، زالَ جو پاڙِيو

* [س/ات]

• **رُنبُ:** [ا - مث] وَهراڄُ، رَوَتِ، رُونبو

* سَرا، مارَ، پيچَ، ڏاڱورَ

—**رُنبائِڻُ:** [مصدر 'رُنبَڻُ' مان فعل مُتَعَدِي بالواسطه] هَٿائِڻُ، لَڳارائِڻُ، ڪوڙائِڻُ (ٻوٽو وَغيره)

* وَهراڄ ڪَرائِڻُ، رُونبو ڪَرائِڻُ (هارِين کان)

* سَرا ڏيارڻُ، مارَ ڏيارڻُ، مارَ ڪارائِڻُ (ٻَرچ ڏيئي ٻئي کان)

* [رُنبَيو، رُنبِيندو، رُنبِيَلُ]

—**رُنب ڏيَڻُ:** [اصطلاح] زورَ سان دَسَڻُ، مَٿان چَڙهي ويهَڻُ

* مارَ ڏيَڻُ، سَرا ڏيَڻُ، جهاڳورَڻُ، سَٽَڻُ، ڪُٽَڻُ، پيچَ ڪَڍَڻُ

—**رُنب ڪَڍَڻُ:** [اصطلاح] مارَ ڏيَڻُ، سيڪَتِ ڏيَڻُ، پيچَ ڪَڍَڻُ

—**رُنبِڪو ج رُنبِڪا:** [ا - مذ] زورَ سان زمِينَ تي دَسَڻَ جي حالَتَ

* ڏڪو ٺيلهو

* [س/ات]

—**رُنبَڻُ:** [مص - فعل متعدي] هَٿَڻُ، لَڳائِڻُ، ڪوڙَڻُ (ٻوٽو، ٿلهو وَغيره)، هڪَ هَنڌان سَلو پَٽي، ٻئي هَنڌِ لَڳائِڻُ

* رَوَتِ ڪَرَڻُ، رُونبو ڪَرَڻُ، روٽَڻُ، وَهَرَڻُ، وَهراڄ ڪَرَڻُ

* دَسَڻُ، ڪيرائِڻُ

* پَرزُڻُ، مٽيءَ وَغيره ۾ ڦَسَڻُ

* [سن: روپڻ = پوکڻ]

* [مص] رُنبَڻُ

* [امر] رُنب

* [مضارع] رُنبيان (ج) رُنبِيُون، رُنبِين (ج) رُنبيو، رُنبي (ج) رُنبِين

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] رُنبي ٿو (ج) رُنبِين ٿا

* [حال مث] رُنبي ٿي (ج) رُنبِين ٿِيُون

* [ماضي] رُنبيو (ج) رُنبيا

* [ماضي مث] رُنبي (ج) رُنبِيون

* [مستقبل] رُنبيندو (ج) رُنبِيندا

* [مستقبل مث] رُنبيندِي (ج) رُنبِينديُون

* [اسم مفعول] رُنبِيَلُ

• **رَنبَلُ ج رَنبَلَ:** [ا - مذ] وَڏو گراهه، ٻيَو نوالو

* [س/ات]

* ذاتِ
* اَمانَت
* جِنسَ، قِسمُ
* ڀَتي راندِ ۾ حُڪمُ، تَرپُ (ڪارو لالُ، ڦُلي ڇوڪِڙي)
* رَوِش، سُونهَن، صُورَت، رُوءِ، مُهانڊو، چَهرو، مُنهَن جو پَنو، رُوپُ، ڏيکُ، ڏيکَ ويکَ، نَٽُ، نُوهَ، ناهَه
* رُخ، طَرَف، پاسو، پارُ، ڀَر
* عِبارَت، لَقَبُ، خِطابُ
* نِشاني، اُهڃ، اُهڃاڻُ، نِشانُ
* آبرو، عِزَت، مانُ، شانُ، تَعظِيمُ
* گُڻُ، خاصِيَت، سِيرَت، خَصلَت، سُڀاءُ، مِزاجُ
* قُدرَت، سِرشِٽي، دُنيا جي جوڙُ
* عَجَبُ، تَعَجُبُ، حيرَت، اَچرَجُ، وِسمو، حيرانِي، عِبرَت
* اِسرارُ، مُعجزو، ڪَرامَت، ڪَمالُ
* طاقَت، زورُ، وِتُ، قُوَت
* رِڻُ، رِڻُ ڀَٽُ
* جَنگ جو ميدانُ
* جابلُو ٻڪري
* جهنگلي ڏگهو

—**رَنگ آميز:** [صفت] رَنگُ ڀَريَلُ، رَنگدارُ، رَنگين
* رَنگُ مِلائيندڙُ، رَنگُ ڪندڙُ، نَقاش، مُصَوِر، رَنگريز

—**رَنگ آميزي:** [ا - مث] رَنگَ ڏيڻَ جو ڪَمُ، رَڱاوَت، رَنگ سازي
* مُصَوِري، نَقاشي، چِٽسالي، گُلڪاري

—**رَنگُ اَچڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ چَڙهڻُ، رَنگُ وَڻڻُ، رَنگجي وَڃڻُ
* بَهارَ اَچڻُ، خوشگوارِ موسَمَ ٿِيڻُ
* خوشِيُون اَچڻُ، مَزو اَچڻُ، لُطفَ اَچڻُ
* نَشو چَڙهڻُ

—**رَنگُ اُڏامڻُ:** [اصطلاح] رَنگَ جو ڪَچي وَڃڻُ، رَنگَ جهڪو ٿِيڻُ، رَنگُ لَهِي وَڃڻُ، ڦڪو ٿِيڻُ
* شَرمِندو ٿِيڻُ، لَڄي ٿِيڻُ، شرمسار ٿِيڻُ
* مُنهَن جو پَنو لَهي وَڃڻُ، مُنهَن جي رونق ڇَڏي وَڃڻُ
* هِراسِجي وَڃڻُ، خوف ۾ پَرِجي وَڃڻُ، ڏِڄي وَڃڻُ

—**رَنگارَنگ:** [صفت] گهڻَن رَنگَن وارو، گهڻ رَنگو، رَنگِين، رَنگا رَنگي، رَنگَ بہ رَنگِي، گُونا گُونُ، ڀَتاڀَتي، گهڻَن رُوپَن وارو
* قِسمين قِسمين، طَرحين طَرحين، نَموني نَموني

—**رَنگا رَنگِي:** [صفت] رَنگا رَنگ، رَنگَ بہ رَنگِي، رَنگِين رَنگِين
* قِسمين قِسمين، ڀانتين ڀانتين، طَرحين طَرحين
* مُختَلِف، ڌاتيرو، نانا پرڪارَن جو، وَڻَ وَڻَ جي ڪاٺي

—**رَنگ اَفشاني ڪَرڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ ڇَٽِڪارڻُ، رَنگُ ڏيڻُ، رَنگِينُ بَڻائڻُ، رَنگِينُ ڪَرڻُ، چِٽسالي ڪَرڻُ، گُلڪاري ڪَڍڻُ، نَقش ڪَڍڻُ
* آفرين چَوڻُ، شاباس ڏيڻُ

—**رَنگاوَت ج رَنگاوَتُون:** [ا - مث] رَنگَ ڏيڻَ جو ڪَمُ، رَنگائي، رَڱائي، رَنگسازي، چِٽ سازي، رَنگ آميزي
* [س/ل]

—**رَنگائِڻُ:** [مصدر 'رَنگڻ' مان فعل متعدي بالواسطہ] رَنگڻَ جو ڪَمُ ٻئي کان ڪَرائڻُ، رَنگُ ڏيارڻُ، رَنگُ ڪَرائِڻُ، رَنگُ چاڙهائِڻُ، رَڱائڻُ، رَڱائي ڪَرائِڻُ
* [رَنگِيو رَنگِيندو رَنگِيَلُ]

—**رَنگائي ج رَنگائِيُون:** [ا - مث] رَڱائڻَ جي مَزوري، رَڱائي، رَڱائي
* رَنگَ ڏيارڻَ جو ڪَمُ، رَڱاوَت

—**رَنگُ بَدُ ڪيڏڻُ:** [اصطلاح] چوپڙَ راندِ ۾ ٻن جَڻَن جو اَنِ اَنِ سارين سان راندِ ڪَرڻُ
* [س/ات]

—**رَنگُ بَدِلَڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ ڦيرائِڻُ، نَمُونو بَدلائِڻُ، حالَت بَدلائِڻُ
* رَوِيو ڦيرائِڻُ

—**رَنگ بِرَنگ:** [صفت/ظرف] جُدا جُدا قِسمَ، نَمُونو نَمُونو، طَرحَ طَرحَ

—**رَنگ بِرَنگِي:** [صفت] گهڻَن ئي قِسمَن جي رَنگَن وارو، گهڻَن رَنگَن وارو، رَنگِين، چِٽڪمرو، ڀَتاڀَتي، نَموني وارو

—**رَنگُ ڀِڳڙڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ ڀِسرڻُ، رَنگُ خَرابُ ٿِيڻُ (ڪپڙي جو)، رَنگَ جا ڌَٻا ڌَٻا ٿِيڻُ يا ٽِڪا ٽِڪا ٿِيڻُ (ڪپڙي تي يا ڪاغذ تي)، بَدِ رَنگُ ٿِيڻُ

* حالَتَ خَرابَ ٿِيَڻُ
* نَمُونو ڦِرَڻُ
* ڪاوَڙجَڻُ، ناراضَ ٿِيَڻُ، غُصي ٿِيَڻُ، چِڙَڻُ

—**رَنگُ پرمائِڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ رَچائِڻُ
'سَڄَڻُ سانگي سانگَ تي آيو رَنگُ جوڙي تان رَنگُ پرمايو'
(نانِڪُ يوسِفُ)

—**رَنگُ پَرَڻُ:** [اصطلاح] ڪَنهِن تَصوِيرَ وَغيرَهَ کي رَنگُ لَڳائِڻُ
* ڇِٽَ ڪَڍَڻُ، نَقشُ پَرَڻُ، چِٽسالِي ڪَرَڻُ
* سُهڻو بَنائِڻُ، حَسِينُ ڪَرَڻُ، خُوبصُورَت بَنائِڻُ

—**رَنگُ پِنگُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] مَزو وِڃائِڻُ، لُطفُ بِگاڙَڻُ
* تَماشي وَغيرَهَ ۾ رُخنو وِجهَڻُ، راندِ ۾ اَٽڪاءُ وِجهَڻُ

—**رَنگُ پُومِي ج رَنگُ پُومِيُون:** [ا - مث] تَماشي جي جاءِ، ڪيل جي جاءِ، نانَڪُ ڪَرَڻُ جي جاءِ، تَفرِيح گاهَ، وِندَرَ گاهَ، سَئِنيما، نانَڪَ جي جاءِ، نانَڪ مَندلِي

—**رَنگَتَ ج رَنگَتُون:** [ا - مث] رَنگُ، فامُ، رُوپُ، وَرنُ، شڪِلِ، شَبِيهَ، صُورَتَ
* حالَتَ، ڪيفِيَتَ
* چمڪو، چلڪو، تيجُ، چمڪارُ، جَلوو

—**رَنگُ جَمائِڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ چاڙهَڻُ، رَنگُ پڪو ڪَرَڻُ
* تَماشي جو بُنيادُ وِجهَڻُ
* راڳُ رُوپُ شُروعُ ڪَرَڻُ، مَحفِل مَچائِڻُ

—**رَنگُ جَمَڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ چَڙهَڻُ، رَنگَ جو زورُ وَٺَڻُ، رَنگُ پَڪو ٿِيَڻُ
* رونَق دارُ ٿِيَڻُ، زِينَتَ وارو ٿِيَڻُ، سُهڻو ٿِيَڻُ
* مَحفِل جو زورُ وَٺَڻُ، تَماشي جو مَزو اَچَڻُ

—**رَنگُ چاڙهَڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ ڏِيَڻُ، رَنگِڻُ، رَڱَڻُ، رَنگدارُ ڪَرَڻُ، رَنگِينُ ڪَرَڻُ، رَنگَ وارو ڪَرَڻُ (ڪَنهِن ڪَپڙي يا ڪاڳِرَ وَغيرَهَ کي)
* جَنڊيءَ جو ڪَمُ ڪَرَڻُ
* نَقاشِي ڪَرَڻُ، چِٽسالِي ڪَرَڻُ، گُلڪاري ڪَرَڻُ

—**رَنگُ چَڙهَڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ اَچَڻُ، رَڱجَڻُ، وارنِش ٿِيَڻُ، روغَنُ چَڙهَڻُ
* نَشو چَڙهَڻُ، خمارجَڻُ، نَشَئِي ٿِيَڻُ
* صُحبَتَ جو اَثَرُ قَبُولَ ڪَرَڻُ
* فَي ضِيابُ ٿِيَڻُ، فيضُورُ ٿِيَڻُ (ڪَنهِن دَروِيش جي صُحبَتَ مان)

—**رَنگِ حِنا:** [ا - مذ] مينديءَ جو رَنگُ، ڳاڙهاڻِ
* [ف]
'ڪُفرَ ۾ آ بُوءِ گُل رَنگِ حِنا' (شيخ اياز)

—**رَنگُ دارُ ج رَنگُ دارَ:** [صفت] رَنگَ وارو، رَنگِينُ، رَڱِيَلُ

—**رَنگُ ڏاڙهِيءَ کي:** [ندا] واهَ واهَ! شاباسِ! آفرِين! جُسُ! مَرحَبا!

—**رَنگُ ڏاڙهِيءَ کي هُئَڻُ:** [اصطلاح] شاباسِ هُئَڻُ، آفرِين هُئَڻُ، مَرحَبا هُجَڻُ، جُس هُجَڻُ

—**رَنگُ ڏِسَڻُ:** [اصطلاح] تَماشو ڏِسَڻُ، کيلُ ڏِسَڻُ، مَزو ڏِسَڻُ
* ٻن جي وِڙهڻ ڏِسَڻُ، جهڳڙو ڏِسَڻُ
* نَتيجي تي نَظَرَ وِجهَڻُ
* حالَتَ ڏِسَڻُ، ڪيفِيَتَ ڏِسَڻُ

—**رَنگُ ڏيکارَڻُ:** [اصطلاح] تَماشو ڏيکارَڻُ، نانَڪُ ڏيکارَڻُ، راندِ ڏيکارَڻُ، هُنَرُ ڏيکارَڻُ، ڪَرتَبُ ڏيکارَڻُ، مَزو ڏيکارَڻُ، شَعبَدہ بازي ڪَرَڻُ
* حالَتَ ڏيکارَڻُ
* جوبَنُ ڏيکارَڻُ، نِکارُ ظاهِر ڪَرَڻُ
* بَدعادَتَ ظاهِر ڪَرَڻُ، بَداَفعالو ٿِيَڻُ
* جهيڙو ڪَرَڻُ، جهڳڙو ڪَرَڻُ
* اِنتِقامُ وَٺَڻُ، وير وَٺَڻُ

—**رَنگُ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] رَنگُ چاڙهَڻُ، روغَنُ هَڻَڻُ، رِنگِڻُ، رَڱَڻُ، مَلَمعو چاڙهَڻُ، رنگِدارُ ڪَرَڻُ، رَنگِينُ بَنائِڻُ
* لُطفُ ڏِيَڻُ، مَزيدارُ ڪَرَڻُ، وَڻندڙ بَنائِڻُ
* ڪَنهِن ڳالهِ کي وَڌاءُ ڏِيَڻُ
* پَنهِنجي مَطلَبَ موجبُ ڳالهِ کي موڙَڻُ
* ڳالهِ کي رَنگِينُ بَنائِڻُ

—**رَنگُ ڍَنگُ ج رَنگَ ڍَنگَ:** [ا - مذ] طورُ طَرِيقو، نَمُونو، نَمُوني بازي، طَرزُ
* اَٽڪَلِ سَٽڪَلِ، وَرُ وَڪڙُ، ڦَندُ ڦيرُ
* فَريبُ، ٺَڳِي
* رَسمَ، رَواجُ، هَلِي چَلِي، هَلَتِ چَلَت، اُٺڪَ ويهَڪَ، رَوِيو، اُٿي وِيهي
* چالِ چَلَتِ، عادَتَ، خَصلَتَ، اَفعالُ، اَرڪانُ

**—رَنگ ڏِنگ ڏِسَڻُ:** [اصطلاح] حالُ اَحوالُ مَعلُوم ڪَرَڻُ. سُڌِ سَماءُ وَٺَڻُ. خَبَر چارَ وَٺَڻُ

* هَلَتِ چَلَتِ ڏِسَڻُ. نَمُونو ڏِسَڻُ. طورَ اَطوارَ ڏِسَڻُ. اُٿي وِيٺي ڏِسَڻُ

**—رَنگُ راسُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] ڪَنهِن ڪَمَ جو بَهتَرِين نَمُوني ۾ تِيارُ ٿِيَڻُ. مُڪَمَل ٿِيَڻُ. پورو ٿِيَڻُ

**—رَنگُ رَتولُ ج رَنگ رَتولَ:** [ا - مذ] چِٽسالِي ٿِيَلَ جاءِ. نَقاشِي ٿِيَلُ مَحِلاتُ. رَنگُ مَحَلُ. لال بَنگلو

**—رَنگُ رَچائِڻُ:** [اصطلاح] مَحفِل جَمائِڻُ. تَماشو شُروعَ ڪَرَڻُ. مَجلِس مَچائِڻُ

**—رَنگُ رَچَڻُ:** [اصطلاح] رَنگَ جو چَڱيءَ طَرَحَ اَثَر ڪَرَڻُ. رَنگَ لَڳَڻُ. رَنگَ چَڙهَڻُ. رَنگَ وِيهَڻُ. رَنگَ جَمَڻُ. رَنگِدارُ ٿِيَڻُ. رَنگِينُ ٿِيَڻُ

**—رَنگ رَسُ:** [ا - مذ] عيشُ عِشرَتَ. کيلُ تَماشو. مَحفِل. وِندَرَ. پوڳُ شوڳُ. چَرچو گهِبو

**—رَنگ رَلائِڻُ:** [اصطلاح] مَزو ڪَرَڻُ. خوشِي ڪَرَڻُ. لُطف اَندوزُ ٿيَڻُ

* عيشُ ڪَرَڻُ. رَنگَ رَلِيُون مَنائِڻُ

**—رَنگَ رَلِيُون:** [ا - مث اَڪثَر جَمعَ طورِ ڪَمِ اچي] کيلُ تَماشا. عيشُ عِشرَتَ

* زِنا. هَمبِستِري

**—رَنگ رَلِيُون ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] کيلُ تَماشا ڪَرَڻُ. عيشُ عِشرَتُون ڪَرَڻُ

* زِنا ڪَرَڻُ. هَمبِستِري ڪَرَڻُ

**—رَنگَ رَنگ:** [صفت] ڪيتَرَنِ ئي رَنگَن وارو. رَنگِينُ. رَنگِدار

**—رَنگُ روپُ ج رَنگَ روپَ:** [ا - مذ] رَنگُ روغَنُ. شِڪلِ شَبِيهَ. حُليو. صُورَتَ. مُنهُن مُهانڊو

* حُسنُ. جَمالُ. سُونهَن. سوڀيا. چَمڪُ دَمڪُ. زِينَتَ

**—رَنگُ روغَنُ ج رَنگَ روغَنَ:** [ا - مذ] رَنگُ روپُ. چَمڪُ دَمڪُ

**—رَنگرِيزُ ج رَنگرِيزَ:** [ا - مذ] رَنگُ ڏِيندَڙُ. رَنگِيندَڙُ. رَڱِيندَڙُ. ڪَپڙا رَڱِيندَڙُ. ڪَهنبائي. نِيروٽِي. نَقاشُ. مُصَوِرُ. مَعِمارُ. ڪَمانگَر

**—رَنگُ زَردُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] شِڪلِ جو رَنگُ پِيلو ٿِيَڻُ. مُنهُن هَئَڊو ٿِيَڻُ (بِيمارِيءَ يا شَرمسارِيءَ سَبَبِ)

* شَرمسارُ ٿِيَڻُ. ڦِڪو ٿِيَڻُ. لَڄي ٿِيَڻُ. شَرمِندو ٿِيَڻُ

* ڊِڄي وَڃَڻُ. پِوَ ۾ پَرِجي وَڃَڻُ. هِراسِجي وَڃَڻُ. خوفزده ٿِيَڻُ

**—رَنگُ سازُ ج رَنگُ سازَ:** [صفت] رَنگَ بَنائِيندَڙُ. رَنگَ ڏِيندَڙُ (سامانُ وَغيرَهَ کي). رَنگَ ڪَندَڙُ

* نَقاشُ. مُصَوِرُ. مَعِمارُ. ڪَمانگَر

**—رَنگ سازِي:** [ا - مث] رَنگَ ڏِيَڻَ جو ڪَمُ. رَنگَ ڪَرَڻَ جو پورهيو. رَنگَڻُ

**—رَنگِ سُخَن:** [ا - مذ] شِعروشاعِرِيءَ جو رَنگُ. مُشاعِري جي مَحَفِل

**—رَنگُ سُفيدُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] چَهري جو رَنگُ ڦِڪو ٿِيَڻُ. رَنگُ زَردِ ٿِيَڻُ. مُنهُن پِيلو ٿِيَڻُ (بِيمارِيءَ يا شَرمسارِيءَ سَبَبِ)

**—رَنگُ فَروشُ ج رَنگَ فَروشَ:** [صفت] رَنگ وِڪِڻندَڙُ. رَنگَ جو واپارِي

**—رَنگُ فَق ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] رَنگَ اُڏامِي وَڃَڻُ. رَنگُ ڇَڏي ڏِيَڻُ. رَنگَ ۾ ڦِڪو ٿِيَڻُ (چَهري يا ڪَنهِن بِه شَيءِ جو)

**—رَنگُ ڦِٽائِڻُ:** [اصطلاح] بي رَنگُ ڪَرَڻُ. رَنگُ مَٽائِڻُ. رَنگُ لاهِڻُ

* مَحفِل ۾ خَلَلُ وِجهَڻُ. ڪَچَهَرِي بي رونَق ڪَرَڻُ

**—رَنگُ ڦِٽائِيندڙُ چُورو:** [ا - مذ] رَنگَ ناس ڪَندَڙُ دَوا

**—رَنگُ ڦِڪو ٿِيڻُ:** [اصطلاح] رَنگَ جو جهِڪو ٿِيَڻُ. رَنگَ اُداسُ ٿِيَڻُ. رَنگُ فَق ٿِيَڻُ. رَنگَ اُڏامَڻُ. رونَق گهٽِجَڻُ

* مُنهُن پِيلو ٿِيَڻُ (شَرمَ يا غيرَتَ کان). بي لُطف ٿِيَڻُ. سُونهَن ڇَڏي ڏِيَڻُ. سوڀيا گهٽِجي وَڃَڻُ. نزاڪَتَ نہ هَجَڻُ. خُوبصُورَتِي وِڃائِڻُ

**—رَنگُ ڪيرَڻُ:** [اصطلاح] رَنگَ چِٽو ڪَرَڻُ. رَنگُ ظاهِر ڪَرَڻُ. نِکَرَڻُ. نِکارُ ڪَرَڻُ. صافُ ٿِيَڻُ. رَنگُ کُلَڻُ

* سُهڻو ٿِيَڻُ. مَلُوڪُ لَڳَڻُ. حَسِينُ ٿِيَڻُ. خُوبصُورَتُ ٿِيَڻُ. جوڀَنُ ظاهِر ٿِيَڻُ. چهرو ٿِيَڻُ. مُنهَن ۾ پاڻِي اَچَڻُ

* نَخرا ڪَرَڻُ. مَغرُورُ ٿِيَڻُ

—**رُوبَرُو:** [ظرف] آمهُون سامهُون، مُنهَن سامهُون، مُنهان مُنهن، مُنهَن مُقابِل، مُنهَن تي، مُنهَندان، مهَندِ، اَڳيان، سَنکِ، پيشِ

—**رُوبَرُو آڇَڻُ:** [اصطلاح] سامهُون آڇَڻُ، اَڳيان آڇَڻُ، مُنهَن سامهُون ٿِيَڻُ، مُنهَن مقابِل ٿِيَڻُ، مُهَندا آڇَڻُ، آڏو آڇَڻُ

—**رُوبَرُو آڻَڻُ:** [اصطلاح] سامهُون آڻَڻُ، اَڳيان آڻَڻُ، پيشِ ڪَرَڻُ، حاضِر ڪَرَڻُ، مُهَندان ڪَرَڻُ، مُنهَن مقابِل ڪَرَڻُ، آمهُون سامهُون ڪَرَڻُ

—**رُوبَرُو ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] سامهُون ٿِيَڻُ، اَڳيان ٿِيَڻُ، آمهُون سامهُون ٿِيَڻُ، مُنهَن تي ٿِيَڻُ، پيشِ ٿِيَڻُ، حاضِر ٿِيَڻُ

* صُورَتَ ڏيکارَڻُ، شِڪلِ ڏيکارَڻُ، مُهاندو ڏيکارَڻُ، مُکڙو ڏيکارَڻُ

—**رُوبَرُو ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] سامهُون ڪَرَڻُ، اَڳيان ڪَرَڻُ، مُنهَن مُقابِل ڪَرَڻُ، آمهُون سامهُون ڪَرَڻُ، پيشِ ڪَرَڻُ

* حاضِر ڪَرَڻُ، مُنهَن تي ڪَرَڻُ، موجُود ڪَرَڻُ

* شِڪلِ ڏيکارَڻُ، صُورَتَ ڏيکارَڻُ

—**رُوبَڪارَ ج رُوبَڪارُون:** [ا - مث] ڪَنهِن جي اَڳيان ٿِيَلَ ڪارِرَوائِي، سامهُون ٿِيَلُ فيصِلو، رُوبَرُو ٿِيَل ڳالهِہ

* حالَتَ، ڪيفِيَتَ، اَوستا، گَتِي، دشا، صُورَتَ

—**رُوپوشُ ج رُوپوشَ:** [صفت] مُنهَن لِڪايَلُ

* مَخفِي، گُمر شُد

* پوشِيده، ڳُجهو، لِڪَلُ، ڇِپِيَلُ، گُم

* مَفرُورُ، فَرار، ڀَڳَلُ، غير حاضِر، ڀَڄِي وِيَلُ، رَفو چَڪر

—**رُوپوشُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] پَنهنجو مُنهَن لِڪائِڻُ

* لِڪَڻُ، ڇِپَڻُ، غائِبُ ٿِيَڻُ، لِڪِي وَڃَڻُ

* فَرار ٿِيَڻُ، ڀَڄَڻُ، ڀَڄِي وَڃَڻُ

—**رُوپوشُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] لِڪائِڻُ، گُم ڪَرَڻُ، غائِبُ ڪَرَڻُ، مَخفِي ڪَرَڻُ، پوشِيده ڪَرَڻُ

* ڀَڄائِڻُ، فَرار ڪَرَڻُ

—**رُوپوشِي ج رُوپوشِيُون:** [ا - مث] لِڪَ، ڇَپَ، گُم شُدگِي، ڳُجهه

* ڀاڄَ، فَرارِي

—**رُودادِ ج رُودادُون:** [ا - مث] اَکِين ڏِٺو اَحوالُ، رُوبَڪارَ، ڪيفِيَتَ، حالَتَ، حَقِيقَتَ، حالُ اَحوالُ

* ڳالهِہ، قِصو، بَيانُ، واقِعو

—**رُوسِياهُ ج رُوسِياهَ:** [صفت] مُنهَن ڪارو، ڪارَ مُنهُون

* گُنهگارُ، پاپِي، ڏوهارِي، بَدڪارُ، خَطاوارُ، بُڇڙو، بَداَعمالُ

* بَدنَصِيبُ، نِياڳو، ڇَندو، بَدبَختُ، نِدورو

* ذَلِيلُ، بي عِزَت، بي مانُ، بي آبُ

—**رُوسِياهُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] ڪارَ مُنهُون ٿِيَڻُ، بَدنامُ ٿِيَڻُ، ذَلِيلُ ٿِيَڻُ، بَدڪارُ ٿِيَڻُ، گُنهگارُ ٿِيَڻُ، پاپِي ٿِيَڻُ، ڏوهارِي ٿِيَڻُ

—**رُوسِياهِي ج رُوسِياهِيُون:** [ا - مث] ڪارَ مُنهائِي، بَدنامِي، ذِلَتَ، ذَلالَتَ، رُسوائِي، بي عِزتِي، بي آبِي، بي مانِي

* گُنهگارِي، خَطا، خَطاوارِي، ڏوهُ

—**رُوشناسُ ج رُوشناسَ:** [صفت] واقِفڪارُ، ڄاڻُ سُڃاڻُ، سُڃاتو، ڄاڻندڙُ، سُڃاڻپ وارو، واقفِيَتَ وارو، ڏِٺَلُ وائِٺَلُ

* مَشهُورُ، ناليرو، ناميارو، نامِورُ

—**رُوشناسِي ج رُوشناسِيُون:** [ا - مث] واقفِيَتَ، سُڃاڻپَ، ڄاڻُ سُڃاڻُ، مُلاقاتِ، صاحِب سَلامَتِ، واقِفِي، ڏِٺِ، عَليڪَ سَليڪَ

—**رُونَما:** [ظرف] ڏِسجَڻَ ۾ ايندڙُ، ظاهِر، پَڌرو، کُلِيلُ

* عامر، مَشهُورُ

—**رُونَمائِي ج رُونَمائِيُون:** [ا - مث] مُنهَن ڏيکارَڻُ جِي حالَتَ، دِيدار، ڏيکائِي

* مَهورَتَ (ڪِتابَ وَغيرَهَ جِي)

* شادِيءَ جِي هِڪَ رَسَمَ

● **رَوا ج رَوا:** [صفت] رائِجَ، مُرَوجَ، جارِي، چالُو، وَهَندڙُ، هَلَندڙُ

* حَقِي، جائِزُ، حَقائِتو، حَلالُ، حَلالِي، رِهَندو، حَقَ حَلالَ جو، قانُونِي، شَرعِي

* باقاعِدي، دُرستُ، بَرابَر، صَحِيح، اَصَل، پورو، واجِبُ، حَڪائِتو، لائِقُ، نَهَندو، لائِقُ لَڳو، مُباحُ، نيڪُ، رِهائِيندو، مُناسِبُ، ڇَڏَتِ جهِڙو

* [ف: رَوان = جارِي، هلندڙ]

— **روز آخِر:** [ا - خاص] قيامَتَ جو ڏينهن. روز مَحشَر. آخري ڏينهن (ڪائنات جو)

— **روز اَبَد:** [ا - خاص] قيامَتَ جو ڏينهن. روزِ مَحشَر

— **روز اَزَل:** [ا - خاص] شُروعاتِ وارو ڏينهن (جنهن ڏينهن تي الله پاڪ روحن کان پنهنجي وحدانيت وارو اِقرار ورتو هو). روزِ اَلَست

* [مجازاً] اِبتدائي زمانو

— **روز اَضحيٰ:** [ا - خاص] عيدالاضحيٰ وارو ڏينهن. اَضحيٰ جو ڏينهن

— **روزُ اَفزُون ج روزُ اَفزُونَ:** [صفت] ڏينهون ڏينهن وڌندڙ. ڏينهون ڏينهن وڌيڪ. ڏهاڙي وڌيڪ

* روزانو تَرقي ڪندڙ. هميشہ تَرقيءَ جي راهَ تي هلندڙ

* [ف: روز + افزون > افزودن = وڌڻ]

— **روز اَلَست:** [ا - خاص] شُروعاتِ وارو ڏينهن (جنهن ڏينهن تي الله پاڪ روحن کان پنهنجي وحدانيت وارو اِقرار ورتو هو). روزِ اَزل

— **روزانو:** [صفت/ظرف] ڏهاڙي. هَر روز. روزُ. روزمَره. تاريخ. روز روز. روز بَروز

* نِت. مَدام. هَميشہ. سَدا. سَدائين. دائِمي

* [ف]

— **روزُ بَروزُ:** [ا - مذ] ڏهاڙي. روزانو. هَر روز. ڏينهن بہ ڏينهن. ڏهاڙي. ڏينهون ڏينهن

* [ف]

— **روزُ پُڄِڻيُون پُڄي کائڻُ:** [اصطلاح] روز گوشت پلاءُ کائڻُ. هَر روز سُٺو کاڌو کائڻُ. کاڄ قورما کائڻُ. لَذيذ طعامَ کائڻُ

— **روزَ تي لَتَ ڏيڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن جو روزگار وڃائڻُ. روزگار بَند ڪرائڻُ

— **روز جَزا:** [ا - مذ] قيامَتَ جو ڏينهن. پَڇاڙيءَ جو ڏينهن. اِنصافَ جو ڏينهن. اَعمالَن جي حِسابَ جو ڏينهن. يومُ الحِسابُ. روز حِساب. روزِ مَحشَر

* [ف: روز = ڏينهن + جَزا = اُجورو]

— **روز حِسابُ:** [ا - مذ] پَڇاڙي جو ڏينهن. قيامَتَ جو ڏينهن. روز حَشر. روزِ جَزا. يومُ الحِسابُ

* [ف: روز = ڏينهن + حِسابُ = ڳاڻاٽو/پَڇاڻو]

— **روزحَشر:** [ا - مذ] حِساب ڪِتابَ ۽ پَڇاڙي جو ڏينهن. قيامَتَ جو ڏينهن. روز جَزا. روزِ حِسابُ. يومُ الحِساب. روز مَحشَر

* [ف: روز = ڏينهن + حَشر = گڏُ ڪَرڻُ]

— **روز دادُ:** [ا - مذ] اِنصاف جو ڏينهن. عَدالت جو ڏينهن. پَڇاڙي جو ڏينهن. قيامَتَ جو ڏينهن. روزِ حِسابُ. روز حَشر. روز جزا. روزِ مَحشَر. اَعمالَن جي حِسابَ ڪَتابَ جو ڏينهن

* [ف: روز + داد = انصاف]

— **روزدارُ ج روزدارَ:** [ا - مذ] روزَ تي ڪَمُ ڪَندڙُ. روزاني مُعاوضي تي ڪَمُ ڪَندڙُ. روزاني پگهارَ تي ڪَمُ ڪَندڙُ. روزَ تي بيٺَلُ مَزُورُ. عيوضي ڪارِيگَرُ

— **روزُ روزُ:** [ظرف] روزُ بَروزُ. ڏهاڙي. ڏهاڙي. هَر روز. روزانو

* نِتِ. روزمَرَه. هَميشہ. هَر هَميشہ. هَردَمَ. مَدامُ. سَدائين. دائما

* [ف]

— **روزُ روشَنُ:** [ا - مذ] علي الصُباح. فَجر. پرهَ ڦُٽي. باڪَ ڦُٽي. صُبح صادِق

* [ف: روز + روشن = چمڪندڙ]

— **روزُ روشَنُ ٿيڻُ:** [اصطلاح] ڏينهن نِڪرڻُ. صُبحُ ٿيڻُ. سِجُ اُڀرڻُ. سِجُ نِڪرڻُ

— **روز سِياهہ:** [ا - مذ] ڪارو ڏينهن. مُصيبَتَ جو ڏينهن. تَڪليفَ جو ڏينهن. بَدنَصيبيءَ جو وَقتُ. بڇڙائيءَ جي گهڙي

— **روزِ شُمارُ:** [ا - مذ] پَڇاڙي جو ڏينهن. قيامَتَ جو ڏينهن. جَزا جو ڏينهن. آخرَتَ جو ڏينهن. روز حِسابُ. روزَ حَشر. روز مَحشَر. روز داد. روز قيامَت

* [روز + شمار > شمردن = ڳڻڻ]

— **روزُ عاشُور:** [ا - خاص] عاشُوري جو ڏينهن. 10 مُحَرمَ الحَرامَ وارو ڏينهن

* [ع]

—**روشن پيشاني**: [ا - مث] چمڪندڙ چهرو، خوبصورت پيشاني

—**روشن خيال**: [صفت] سٺي سوچ وارو، وسيع خيالن وارو، جديد نظرين وارو، فرسوده سوچن جو مخالف

—**روشن خيالي**: [ا - مث] عقلمندي، ڏاهپ، دانائي

—**روشندانُ ج روشندانَ**: [ا - مذ] روشني اچڻ جي دري، لوگهو، جارو، بادبانُ، روزنُ، منگهه

* [ف: روشن + دان = رکڻ جي جاءِ]
* جاءِ ۾ ڏيئي رکڻ جو جارو
* ٻتي، فانوس، ڏيئو، مشعل

—**روشن دماغُ ج روشن دماغَ**: [صفت] اعليٰ دماغ، هوشيار، ذهين، فهيم، سمجهو، کليل دماغ، ڏاهو، سياڻو، عاقل

* [ف: روشن + دماغ = ذهن]

—**روشنُ ضميرُ ج روشن ضميرَ**: [صفت] صاحبِ ڪشف، روشن دل، صاحبِ دل، صاحبِ ادراڪ، اهلِ دل، گياني، هوشيار، عاقل، داناءُ، ماهر

* [ف: روشن + ع: ضمير = اندر]

—**روشنُ قياسُ**: [صفت] صاحبِ عقل

* [ف: روشن + قياس = غور، خيال]
* قياس وند، قياس مند

—**روشنُ ڪتابُ**: [ا - خاص] پاڪ ڪتاب، قرآن مجيد، هدايت ۽ نيڪيءَ جو ڪتابُ

* [ف]

—**روشنُ ڪرڻُ**: [اصطلاح] چمڪائڻ، چلڪائڻ، صاف ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ

* جلائڻ، ٻارڻ، ساڙڻ

—**روشني ج روشنيون**: [ا - مث] روشنائي، سوجهرو، اُجالو، سهائو، سُجهندو، سهائي، چمڪو، جهلڪي، تجلي، جوت، نور، شعاع

* پرههَ ڦٽي، باڪ

'طلوعِ سحر سان ٿي روشني، در بحر و بر پيدا'
(عطا محمد 'حامي')

* پڌرائي، ظاهرائي، مشهوري
* بينائي، ديدَ، اکين جي نظر

—**روشني ڪرڻُ**: [اصطلاح] جوت جاڳائڻ، شعاع ڪرڻ، سجهندو ڪرڻ، اُجالو ڪرڻ، ٻتي ٻارڻ

—**روشني گُل ٿيڻُ**: [اصطلاح] روشني بند ٿيڻ، جوت وسامڻ، شمع بند ٿيڻ، اونداهه ٿيڻ

—**روشني گُل ڪرڻُ**: [اصطلاح] روشني بند ڪرڻ، جوت وسائڻ، شمع بند ڪرڻ، اونداهه ڪرڻ، ٻتي/ميڻ ٻتي وسائڻ

—**روشني وٺڻُ**: [اصطلاح] اُجالو حاصل ڪرڻ

* [ڪنايه] جاڳرتا ماڻڻ، شعور حاصل ڪرڻ، هدايت وٺڻ
* فيضياب ٿيڻ، فيض ماڻڻ (ڪنهن درويش يا الله واري کان)

• **روضو ج روضا**: [ا - مذ] مقبرو، قبو، گنبذ، ڪنهن بزرگ جي قبر مٿان اڏيل گنبذ، تربت مٿان اڏيل قبو

* درگاهه، آستانو، مزار
* باغ، باغيچو، چمن، گلستان، ڦلواڙي، ڦولستان
* [ا - خاص] رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مزارِ اطهر
* [ع: روضة]
* حضرت امام حسين عليه السلام جن جي روضي مبارڪ جي شبيهه (جيڪا محرم الحرام جي ڏينهن ۾ برآمد ڪئي ويندي آهي)، تعزيو

—**روضهءِ اطهر**: [ا - خاص] سڀني کان پاڪ گنبذ، رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مزارِ اطهر جي مٿان اڏيل پاڪ قبو، گنبذِ خضرا (جيڪو مديني منوره ۾ واقع آهي)

* [ع]

—**روضهءِ اقدس**: [ا - خاص] سڀني کان مقدس روضو، رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مزارِ اطهر جي مٿان اڏيل پاڪ قبو، گنبذِ خضرا (جيڪو مديني منوره ۾ واقع آهي)

* [ع]

—**روضهءِ رسول**: [ا - خاص] رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مزارِ اطهر جي مٿان اڏيل پاڪ روضو، گنبذِ خضرا (جيڪو مديني منوره ۾ واقع آهي)

* [ع]

* اِنڪار ڪَرَڻُ. نَهڪَر ڪَرَڻُ. اِجازَتَ نه ڏيَڻُ
* [مص] روڪَڻُ
* [امر] روڪِ
* [مضارع] روڪيان (ج) روڪيُون، روڪين (ج) روڪيو، روڪي (ج) روڪين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏبا آهن]
* [حال] روڪي ٿو (ج) روڪين ٿا
* [حال مث] روڪي ٿي (ج) روڪين ٿيُون
* [ماضي] روڪيو (ج) روڪيا
* [ماضي مث] روڪي (ج) روڪيُون
* [مستقبل] روڪيندو (ج) روڪيندا
* [مستقبل مث] روڪيندي (ج) روڪينديُون
* [اسم مفعول] روڪيَلُ

—**روڪي رَکَڻُ:** [اصطلاح] تَرسائِڻُ، جَهلي ڇَڏَڻُ، پَڪڙي بيهارَڻُ
* بَنَدِ ڪَرَڻُ، بَندي ڇَڏَڻُ، بَندِشِ هيٺِ رَکَڻُ، باز رَکَڻُ

—**روڪي روڪي:** [ظرف] تَرسائي تَرسائي، بيهاري بيهاري، جَهلي جَهلي
* قِسطِن ۾
* آهِستي آهِستي، ڌِيري ڌِيري، هوريان هوريان. هَري هَري
* ٿوري ٿوري عَرصي ۾، وَرِي وَرِي، هَرَ هَرَ، بارِ بارِ (جيئن: روڪي روڪي بَرساتِ پَوَڻُ وَغيره)
* اِحتِياطَ سان

• **روڪَ ج روڪَ:** [ا - مث/صفت] روڪڙا ٽڪا، نَقَدِ، ڪَئشِ، (انگ: Cash)
* [سن: روڪ]
* [ظرف] بَروَقت، اُنهيءَ مَهَلَ، بِنا دير، جَهٽ پَٽ، جلد

—**روڪَ نوڪَ:** [ا - مث] روڪَ، روڪَڙَ، روڪَڙو. نَقَدِ، نَقَدِي
* [ظرف] بَروَقت، ٽَڏي تي، اُنهيءَ مَهَلَ، هِڪَدَم

—**روڪَڙِ ج روڪَڙُون:** [ا - مث] نَقدِي، نَقَدِ پئِسا، حاضِر پئِسا، ڪَلدار
* پئِسَن جي حِسابَ جو ڪِتابُ، وَهِي، ڪَچو، ڪَئِش بوڪُ (انگ: Cash Book)

—**روڪِڙو ج روڪِڙا:** [صفت] نَقَدِ، روڪَ، روڪَڙَ، ڪَلدار، پئِسا
* [ظرف] بَروَقت، اُنهيءَ مَهَلَ، هِڪَدَم. بِنا دير جي، جَهٽ پَٽ
* پئِسَن نه ڏِيَڻَ جي حالَتَ ۾ اِستعمالُ ٿيندَڙُ لَفظُ (مثال طور: 'روڪِڙا ڏِناٿِينس' يعني نه 'ڏِناٿِينس')

—**روڪِڙو جَوابُ ج روڪِڙا جَوابَ:** [ا - مذ] رُکو جَوابُ، اِنڪارُ، ناڪارُ، نابري، نه، تُرتُ جَوابُ، يَڪدَم جَوابُ

—**روڪِڙو جَوابُ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] ناڪار ڪَرَڻُ، اِنڪار ڪَرَڻُ، رُکو جَوابُ ڏِيَڻُ، نابري وارَڻُ، نه ڪَرَڻُ

—**روڪِڙي ج روڪِڙيُون:** [ا - مث] نَقدِي، روڪَ، روڪَڙَ

• **روڳُ ج روڳَ:** [ا - مذ] بيمارِي، مَرضُ، ناچاقائِي، پيڙا، ڏوارُ، اَگهائِي، ناچَڱائِي، ڏوجُ، ڏُجَهندو، لَڱائِي، ڪُمَهرائِي، آزارُ، بي مَزائِي، رَنجُوري، تَڪلِيفَ

'ايڏو روڳُ ڏِسي، ويڄَ ٿِيا سَڀُ وائِڙا' (شيخ اياز)

* روڳَ، گَندَگِي، پوڻَ، پَس، گَندُ، سَڙيَلَ رَتُ، رَتُ پوڻَ، ڦُٽَ مان وَهَندَڙُ گَندُ
* [سن: روگ = گندگي]
* باهِ
* ڏُکَ
* عِشقُ، مُحَبَتَ

—**روڳائِتو ج روڳائِتا:** [صفت - مذ] اَگهو، بيمار، ناچَڱو، لَڱو، ناچاقُ، روڳَ وارو، روڳِي، جِيءَ جَڏو، ڏُجهارو، مَرضِيلُ، مَريضُ، ڪِرڪِٽو، رِڳِتِ، رِڳَ، رِڳو، ڏُٺارِي، ڏُکِيو، تَڪلِيفَ وارو
* پوڻَ وارو، گَندَ سان پُريَلُ
* [مث: روڳائِتِي ج روڳائِتِيُون]

—**روڳُ پَوَڻُ:** [اصطلاح] بيمارِي ڦَهلجَڻُ، مرضُ پَوَڻُ، اَگهائِي پَوَڻُ

—**روڳُ لَڳَڻُ:** [اصطلاح] بيمارِي ٿِيَڻُ، بيمارِي پَوَڻُ، مَرضَ جو پَوَڻُ، اَگهائِي ٿِيَڻُ
* جَهگِڙو پَوَڻُ
* عِشقُ لَڳَڻُ

—رومي: [أ - مذ] رومَ مُلڪَ جو رَهاڪو. تُرڪيءَ جي علائقي 'رومَ' جو رَهاڪو
* [ا - خاص] مَشهُورُ بُزرگَ ۽ صوفِي شاعِرَ مولانا جَلالُ الدِين جو لَقبُ
• رومر: [ا - مذ] ٻَتَ جا وارَ. جِسمَ تي وارَ. پَرَ
* [س/ٿ]
—روماچ: [ا - مث] اُڀا وارَ. کَڙا ٿيل وارَ. ڪانڊارِيَل وارَ
—روماچِتُ: [ا - مذ] بَدنَ جا کَڙا وارَ. اُڀا ٿِيَل وارَ. ڪانڊارِيَل وارَ. روماچ
* [ظرف] گدگُدِ. هَرشِتِ. نِهالُ. راضِي. خوش. جوپ
—روماوَلِي ج روماوَلِيُون: [ا - مث] پيٽَ تي وارن جي قطارَ
—رومُ رومُ: [ا - مذ] وارُ وارُ. رَڳَ رَڳَ. عُضوو عُضوو. اَنگَ اَنگَ. ذَرو ذَرو. جِسمَ جو هَر هِڪُ عُضوو
—رومُ رومُ ڏَڪڻُ: [اصطلاح] سَجو بَدنُ ڪانڊارجي وَڃَڻُ. سَجو بَدنُ ڏَڪَڻُ. وارُ وارُ ڏَڪَڻُ. جِسمَ جو هَر هِڪُ عُضوو ٿَرڪَڻُ. گهڻو هِراسجَڻُ. خوف ۾ پَرجي وَڃَڻُ
• رُوم ج رُومس: [ا - مذ] ڪَمرو. ڪوٺي. حُجِرو
* [انگ: Room]
—رُوم پارٽنَر: [صفت] هِڪَ ئي ڪمري ۾ رَهَندَڙَ ساٿي. روم ميٽ (هاسٽِل جو اِصطِلاحُ)
* [انگ: Room partner]
—رُوم ميٽ: [صفت] هِڪَ ئي ڪَمري ۾ رَهَندَڙَ ساٿي. روم پارٽنَر (هاسٽِل جو اِصطِلاحُ)
* [انگ: Room Mate]
• رُومالُ ج رُومالَ: [ا - مذ] منهَن وَغيرہ صاف ڪَرَڻَ لاءِ ننڍو ٽُوالُ. هَٿَ ۾ ڪَڻَڻَ جو ننڍڙو ڪپڙو
* [ف: رو = منهن + مال > ماليدن = مهٽڻ]
—رُومال ۾ ويڙهي پادَرَ هَڻَڻُ: [اصطلاح] ڳُجهي طَرحَ سان بي عِزتي ڪَرَڻُ. ڳُجهيءَ طَرحَ سان ڏَڪَ هَڻَڻُ
—رُومالِي ج رُوماليُون: [ا - مث] عورتَن جي مَٿي جي بَدَنَ جو هِڪُ ڪپڙو. بُرقعي جو اَڳيون حِصو
* [ف]

• رُومان: [ا - مذ] عِشقُ. مُعاشِقو.عِشق بازي
* [انگ: Roman]
—رُومانٽِڪ: [صفت] رُومانوي. عاشِقاڻو. عاشِقيءَ وارو
* [انگ: Romantic]
—رُومانوِي: [صفت] عِشقَ سان مَنسُوبُ. رومانس مُتَعلِق. عاشِقاڻو. عاشِقيءَ وارو
—رُومانوِي داستان: [ا - مذ] عِشقَ سان مَنسوبُ قِصو. عِشقَ جو داستانُ
• رُوهڙ ج رُوهڙون: [ا - مث] ڪاهَ. حَملو. اَلَر. ڊوڪَ. جُلهَ. سَٽَ
* غلبو
* لاڙو
* [س/ات]
—رُوهڙ ڪَرَڻُ: [اصطلاح] ڪاهَ ڪَرَڻُ (ڪني جي). اَلَر ڪَرَڻُ. جُلهَ ڪَرَڻُ. حَملو ڪَرَڻُ
* سَٽَ ڏِيڻُ. ڊوڪي اَچَڻُ
* اوچتو سَنبَتَ ڪَرَڻُ
—رُوهڙو ج رُوهڙا: [ا - مذ] بي خوف. بي ڊَپو. دِليرُ. بَهادُرُ. وِيرُ. سُورمو
* [س/ات]
• رُوهڻُ: [مص - فعل متعدي] سُٽَ ڪي وَري پَنهنجيءَ مَرضِيءَ موجبَ ويڙهَڻُ (ڪورِيَن جو هِڪُ اِصطِلاحُ)
* [س/ات]
* [مص] رُوهَڻُ
* [امر] رُوهِ
* [رُوهيو. رُوهيندو. رُوهيَل]
• رُون: [ا - مث/صوتي] هِڪَ قِسمَ جو آوازُ. سَنهُو آوازُ. رِينگٽُ. رِيهاٽُ. چِيچاٽُ. چِيچَٽُ. رِينگو
* روئڻَ جو سَنهُو آوازُ
* [سن: رو]
* [ا - مذ] سَنها وارَ. رومُ. پَرَ
* [س/ٿ]

• **رَوَڻُ:** [مص - فعل لازمي] هَلَڻُ، رَمَڻُ، وَڃَڻُ، روانو ٿِيَڻُ
* **[ف: رفتن = هلڻ]**
**'جيڪَر رَوان روش، مَروِشي مَحبُوبَ ڏي' (شاهه/ ديسي)**
* خوشيءَ مان ڦيرِيُون پائِڻُ، جُهمرِيُون هَڻَڻُ، نيڻنگَ نَپا ڏيَڻُ
* خوش ٿِيَڻُ، سَرهو ٿِيَڻُ، راضِي ٿِيَڻُ، نِهال ٿِيَڻُ، پَرسَن ٿِيَڻُ
* **[رُويو رُوندو رُويَلُ]**

• **رُوَڻُ:** [مص - فعل لازمي] روئِڻُ، ڳوڙها ڳاڙَڻُ
* **[رُويو رُوندو رُويَلُ]**

• **رُوڻ ج رُوڻُون:** [ا - مث] ڳالِهه، گُفتگو، گُفتار
* [س/ات]

— **رُوڻ پُوڻ:** [ا - مث] ڳالِهه ٻولِهه، گُفتگو، ٻَچار، گُفتار، چوُبولُ
* [س/ات]

• **روٽِي ج روٽِيُون:** [ا - مث] آبادِيءَ کان اڳَ ۾ زَمِينَ کي ڏِنَل هَلڪو پاڻِي، ريڄ

• **روهَه ج روهَه:** [ا - مذ] جَبَلُ، ٽڪَرُ، ڇَپَر، ڪوهَ، پَهاڙُ، ڏونگَر، پَربَتُ، ٽوڙهو
* **[سن: روشن]**
**'آڏو ٽڪَرَ ٽَر، مَٿان روهَ رَتيُون ٿِيُون' (شاهه/ديسي)**
* مَڪَڙَنِ جو جُهندُ، روڻُ، مَڪَڙَنِ جو وَلَر، مَڪَڙَنِ جي فوجَ، مَڪَڙَنِ جو ڪَٽَڪُ
* ڪاوِڙِ، غُصو، ڏَمَر، ڪِروڌ، وِڏوڻِ، چِڙ، ڪوپُ
* غَضبُ، تيڄ، قَهَر
* **[س/ڪوهه]**
* سَخت گَرمِي، ڪاڙهو، تپش، لُڪَ، رَڄهه

— **روهاڪِي ج روهاڪِي:** [صفت] جَبَلَنِ ۾ رَهَندڙُ، پَربَتِي، جابِلو، ڇاپِرو

— **روهَه پَرڻُ:** [اصطلاح] تَڪلِيفَ اَچَڻُ، مُصِيبَتَ ڪَڙڪَڻُ، مُشڪِلاتِ اَچَڻُ
* **[س/ڪوهه]**

— **روهَه تي چَڙهَڻُ:** [اصطلاح] جَبَل تي چَڙهَڻُ
* تَڪلِيفُون سهَڻُ، مشڪلاتون ڀوڳَڻُ، مصِيبَتَ ڪَڙڪَڻُ

— **روهَه رَلا:** [ا - مذ] جَبَلَن جو رولو
* مصِيبَتون، مُشڪِلاتُون، ڏکَ ٿِي ڏکَ

— **روهَه رَليو ج روهَه رَليا:** [ا - مذ] رولاڪُ، ڀَٽوارُ، ٻَهَر پيرو، ٻي ماڳو، ٻي ٺائينڪو، ٻي هَنڌو، آوارو، ٽِلڪائُو، رولُو، ٽولاڪَڙُ، ٽِڙ ٽابڙيو، ڦيتَمَڙُ، لُفنگُ، لونبُ، لوفَر
* سُستُ، ڪانٺُ، ٽوٽِي، آرِسِي، ڪاهِلُ

— **روهَه رَليو هُئَڻُ:** [اصطلاح] هَميشه ڏِکَنِ ۾ هُجَڻُ، سِدائِين رولاڪِيُنِ ۾ هُجَڻُ
* لوفَر هُجَڻُ، لَفنگُ هُجَڻُ
* سُستُ هُجَڻُ، ٽوٽِي هُجَڻُ

— **روهَڙِ:** [ا - مث] ٺَنڊِڙيُون پٿرِيُون، ڪَڪرِيُون، ٻَهَٽِيُون
* **[س/ڪوهه]**

— **روهِڙو ج روهِڙا:** [ا - مذ] پٿرائُون هَنڌَ، جابلُو هَنڌَ
* **[س/ات]**
* [صفت] جابِلو، ڇاپِرو، ٽڪرائِتو، ٽاڪَرو

— **روهِڙِي ج روهِڙِيُون:** [ا - مث] ٽَڪرِي، ٻَهَٽِي، پٿرِي، پٿرڙِي
* ڪوهَه ۾ پاڻِيءَ جي مَٿان سَخت ٻِهَڻَ جو ڍَڪُ

— **روهَه لَڳَڻُ:** [اصطلاح] جَبَل جي ٿَڌِي هَوا لَڳَڻُ، اُتَر جي ٿَڌِي هَوا لَڳَڻُ، پارو پَوَڻُ، سِيءُ پَوَڻُ
* **[س/ڪوهه]**

— **روهَه ۾ رُلائِڻُ:** [اصطلاح] اَڏَ ۾ ڇَڏِي وَڃَڻُ، مُصِيبَتُنِ ۾ وِجهي وَڃَڻُ، مُشڪِلاتُنِ ۾ ڇَڏِي وَڃَڻُ
* **[س/ات]**

— **روهِيلو ج روهِيلا:** [صفت] ڪوهِستانِي، ڏُونگِريو، پَهاڙِي، ڇاپِرو ٽاڪِرو
* جابِلو ماڻهُو

• **روهاڪِي ج روهاڪِي:** [ا - مذ] هَڪَ پَکِيءَ جو قِسمُ، جَبلَنِ ۾ رَهَندڙُ پَکِي

• **روهِڙَڙَ ج روهِڙَڙُون:** [ا - مث] ٻاجارِيءَ جي ٻنهِي پاسَنِ جي وِچَ ۾ ٻَڌَل رَسِي
* **[س/ات]**

• **رَهَڙِي:** [ا - مث] پَرتَ جو هِڪُ قِسمُ
※ [س/ل]

• **رُهُڙِي ج رُهُڙِيُون:** [ا - مث] لَسو پَٿَر، پَٽِي، عينڪي پَٿَر، طاقُ هَٿِنڪ

• **رَهَزُ ج رَهَزَ:** [ا - مذ] گهَرَ ۾ گِوڙِ جي ٽُڪَر ۾ سِبيَلَ گاهَ جي پَرِي (سَونهَن لاءِ رَکيَلُ)
※ [س/ل]

• **رَهَزادِي:** [ا - مث] جُوئرِ جو هِڪُ قِسمُ

• **رَهزارِي:** [ا- خاص] ڳاڙهي اَنَ ۽ ٿُلهَ واري جُوئرِ جو هِڪُ قِسمُ
※ [س/ات]

• **رَهَسُ ج رَهَس:** [ا - مذ] خوشِي، لطفُ، عيشُ، رَهَسو مَزو، فَرحَتَ، لَذَتَ، آنَندُ، پَرسَنتا، بَهارِي، سَهجائِي، وِندُرَ
※ ڀوڳَ، حِظُ
※ بَختاوَرِي، سَياڳائِي، صَدورائِي، ڀاڳوانِي، خوشِ نَصِيبِي
※ [سن: رهسيہ]
※ رازُ، ڳُجهُه، ڀيدُ
※ حِرصُ، طَمَعُ، لالَچ، موهُ

—**رَهسائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] خوشِ ڪَرَڻُ، راضِي ڪَرَڻُ، نِهالُ ڪَرَڻُ، پَرسَنُ ڪَرَڻُ، سَرهو ڪَرَڻُ
※ حِرصائِڻُ، لالِچائِڻُ، طَمَعُ ڏِيارَڻُ، موهُ پيدا ڪَرَڻُ، هَوَسَ اُڀارَڻُ
※ [مص] رَهَسائِڻُ
※ [امر] رَهَساءِ
※ [رَهسايو رَهسائيندو رَهسايَلُ]

—**رَهَسَڻُ:** [مص - فعل لازمي] خوشِ ٿِيَڻُ، سَرهو ٿِيَڻُ، سَهَجو ٿِيَڻُ، باغ بَهارُ ٿِيَڻُ، آنَندَ ۾ اَچَڻُ، پَرسَنُ ٿِيَڻُ، نِهالُ ٿِيَڻُ، راضِي ٿِيَڻُ
※ سُکِي ٿِيَڻُ، آسودو ٿِيَڻُ
※ بَختاوَرُ ٿِيَڻُ، ڀاڳَ وارو ٿِيَڻُ، بَختَ وارو ٿِيَڻُ، صَدورو ٿِيَڻُ، ڀاڳوانُ ٿِيَڻُ، سَدائورو ٿِيَڻُ، خوشِ نَصِيبُ هُجَڻُ، قِسمَتَ وارو ٿِيَڻُ
※ [سن: رهسيہ]
※ [رَهسِيو رَهسَندو رَهسِيَلُ]

—**رَهَسو ج رَهَسا:** [ا - مذ] ڪِل، خوشِي، مَزو، رُوُنشو، وِندُرَ، لطفُ
※ قَرارُ، سَرهائِي، پَرسَنتا، فَرحَتَ، آرامُ
**'هَنجَون رَتُ هاريج، تان روهَنِ ڪي رَهَسو ٿِئي'** (سچل)
※ راضِپو، رَضامَندِي
※ حِرصَ، لالَچ، طَمَعُ، هَوَسَ

• **رَهَڪَ ج رَهَڪُون:** [ا - مث] ويهَڻَ جي جاءِ، رَهَڻَ جي جاءِ، سِڪُونَتَ، قيام گاهَ، ماڳُ، مَڪانُ، ٽِڪاڻو، رِهائِش، جاءِ، جَڳَهَ
※ [س/ات]

• **رَهَلُ ج رَهَلَ:** [ا - مث] ڪو مَذهَبِي پاڪ ڪِتابُ رَکِي پَڙهَڻَ جي لاءِ ڪاٺَ جي ٻِن تَختِيَن مان ٺَهيَلَ مَنجِي

• **رَهلو ج رَهلا:** [ا - مذ] سَنگتِ، دوستِي، يارِي، صُحبَتَ، آشنائِي
※ ميلاپُ، گَڏِجائِي، مُلاقاتِ
※ دوستَن جو جَٿو
※ [س/ات/ل]
※ گهوڙي جي ٻَنڌَ جو هِڪُ قِسمُ، رَلو
※ [س/ات]

• **رَهنُ:** [ا - مذ] گِروِي، ڪِفالَتَ
※ [ع: رهن = گروي رکڻ]

—**رَهن آرضِي:** [ا - مث] زَمِينَ يا جائيدادِ جي گِروِي
※ [ع]

—**رَهنِ اِنتفاعِي:** [ا - مث] فائِدي ڏِيَڻَ واري گِروِي
※ [ع]

—**رَهن اِجتماعِي:** [ا - مث] مُشتَرڪُ گِروِي
※ [ع]

—**رَهن دَر رَهن:** [ا - مذ] هِڪَ ماڻهوءَ وَٽان گِروِي ٿِيَل شَيءِ جُدائِي ٻِئي وَٽِ گِروِي رَکيَل، گِرويءَ جي مَٿان گِروِي

—**رَهن مُطلق:** [ظرف] هَتو هَتِ گِروِي
※ [ع]

—**رَهن مُتمادِي:** [ظرف] ڪَنهِن مُقَرر مُدَتَ تائِين گِروِي
※ [ع]

• **رَئِيزائِي:** [ا - خاص] بُگٽِي بَلوچَن جي قَبِيلي جو هِڪُ پاڙو

• **رَئِيسَ:** [ا - خاص] هِڪَ قَبِيلي جو نالو

• **رَئِيسُ ج رَئِيسَ:** [صفت] مُعَزِز ماڻهُو، اَمِيرُ، سَردارُ، دَگِيدارُ، اَگِواڻُ، مُهَندارُ، راڄُ، وَڏيرو، پڳدارُ، فَرمان رَوا، حاڪَمُ، ڳوٺَ جو مالِڪُ، چَڱو مَڙسُ، پَٽيلُ، وَڏو ماڻهُو، پوتارُ، صَدَرُ

※ [ع]

※ [مث: رَئِيسِياڻِي ج رَئِيسِياڻِيُون]

—**رَئِيس عُضوا:** [ا - مذ] بَدَنَ جا مُکِيہ عُضوا (جهڙوڪ: جِگرُ، دِلِ، ڦِڦِڙُ، مَغزُ وَغيرہ)

• **ري:** [ا - خاص] سَرگَمَ جي سَتَن سُرن مان هِڪ جو نالو، ٻيو نمبر سُرُ، 'سا' کان پوءِ 'ري' وارو سُرُ، رِکَبَ جو ننڍو نالو (موسِيقيءَ جو اصطلاح)

• **ري:** [ح - جر] بِنا، ڌاران، سَواءِ، ٻاجهون، ڪانسَواءِ، جي سَواءِ، بي، بَغير، بِگر، بِلا، بِن

※ [ح - ندا] سَڏُ ڪَرڻَ وَقتِ ڪَمِ ايندڙ لَفظُ. اَڙي، او، اي، ڙي

—**ري پُڪِي ٻاجهه ٽِپَڻُ:** [اصطلاح] ڏوا ڪان سَواءِ چَڱو ڀَلو ٽِپَڻُ، بِنا مَزدوريءَ جي پَئِسا هَٿِ اَچَڻُ، بِنا تَڪلِيفَ جي اُجورو مِلَڻُ

—**ري تَعمِيل:** [ظرف] بِنا ڪَنهِن سَرانجاميءَ جي، بِنا بَجاآوَريءَ جي، بِنا ڪارِروائِيءَ جي، بِنا ڪَنهِن ڪارِ سِڌِي جي، بِنا تَعمِيل جي، بِنا پَهَچَ جي

—**ري پاڙو ج ري پاڙا:** [صفت] بي بُنيادُ

※ رولُو، واهِياتُ، بيگانو، اوچو

※ [س/ات]

—**ري پاڻ ج ري پاڻيُون:** [ا - مث] بي ڌِياني، ڪَنُ لاٿارُ، بي پَرواهِي، غَفلَتَ، لاٿارُ

—**ري پاڻُ ج ري پاڻَ:** [صفت] پاڻُ مُختِيارُ، آڻَ پَلِيو، پاڻُ هوريو، رُوءِ سُوءِ، آڻَ جَهلِيو، خودمُختِيارُ

—**ري پاڻِيو ج ري پاڻِيا:** [صفت] بِنا پاڻِي، سُڪَلُ، سُڪو، خُشڪُ، ٻوڙُ، اُساٽِيلُ

※ سَڪِڻو، زڪو، ڪورو، اَپوڳو، لِسو، گسو، ڪَچسو

—**ري پيرو ج ري پيرا:** [صفت] اَڻَ پيرو، اَڻَ لَتاڙِيل، اَڻَ چِپِيَلُ

—**ري ڇَيو ج ري ڇَيا:** [صفت] ري ڪوڙيو، اَڻَ نِيندِيو، اَڻَ سَڌِيو، بي دَعوَتِيو

※ بي لَغامو، اَجَهلُ، اَڻَ جهلُ، بي مَهارُ، اراوندو، بي فَرمانُ، بي ڇَيو، بي اَدَبُ، نا فرمانُ، سَرڪَشُ، فَسادِي

※ مُنهن سُرُ، مُنهن زورُ، نَحس، هوڏِي، عاقُ، ضِدِي، هَٺِيلو، مَغرورُ

—**ري حُڪمُ:** [صفت] ري موڪَلُ، بِنا اِختِياريءَ، بِنا اِجازتَ، بِنا پَرواني، بِنا پُڇي، اَزخودِ، پاڻمُرادو، پَنهِنجِي مَرضِيءَ، پاڻَ سِر

—**ري ڏاڙهِيو ج ري ڏاڙهِيا:** [صفت] بِنا ڏاڙهِيءَ، ڪُسِرو، لاسِيارُ، لَساٽُ، لاسِڙاٽُ، لَسڙو، ڳِيرو، ڏاڙهِيءَ ڪُوڙُ

※ [مجازاً] زَنانو، عورَتُن جهڙو

※ گدِڙو، هِجَڙو، مُخَنث

—**ري ڪَمو ج ري ڪَما:** [صفت] نِڪَمو، ناڪامُ، نِڪارُ، نِڪارو، بي روزگارُ، نِڪمٽو، ري ڌَنڌي، بيڪارو، بيڪارُ، ٽوٽو، اَجايو، فَضُولُ، اَڪيارٽو، وِرٽو، رائيگانَ، وِتو، فالتو، خالِي، ناحَقُ، خالِي ڀيلِي، بي فائِدو، جاڙُ، رولو، آوارو

—**ري گُناهُ:** [ظرف] بي ڏوهه، بي قُصورُ، بي خَطا، ناحَقُ، هَروڀَرو، راهَ گُناهُ، بي گُناهُ، بي سَبَبُ، بِنا ڪارڻ، خالِي ڀيلِي، اَجايو، سواءِ اِلزامَ جي

—**ري مُلِهو ج ري مُلِها:** [صفت] مُفتَ، اِهِيين، بِنا پَئِسي، بِنا اُجوري، قِيمَتَ کان سِواءِ، اَڻَ مُلهو، ري قِيمَتَ، بِنا قِيمَتَ، بِنا ڪَنهِن عيوضي، اَمُلهُ، بي بَها، قِيمتِي

—**ري واٽو ج ري واٽا:** [صفت] اَڻَ واٽو، بي واٽو، بي گَس، بِلِيلُ، مَنجهيلُ، گُمراهُ، اَڻَ سُونهُون، ناواقِفُ، اَپومِي

—**ري هَٿِيارو ج ري هَٿِيارا:** [صفت] بي هَٿِيارُ، هَٿين خالِي، ڇڙو، سَکِڻو، ڪلِيءَ، ڪَمرُ، شَستر هِيڻُ

—**ري هَٿِيو ج ري هَٿِيا:** [صفت] بي هَٿِيارُ، هَٿين خالِي، سَکِڻو

• **ري ج ريز:** [ا - مث] شُعاعُ، تَجلو، ڪِرڻو، ترورو

※ [انگ: Ray]

— **ريشو ج ريشا:** [ا - مذ] پُون، گَندَ، ڪِنُ، پاٽي، رَتُ، پَس، ڪَنهن ڦَٽَ مان نڪرندڙ گَندُ
* رَسُ (ڪَنهن وغيرهٔ ميوي جو)
* پَنو، رَڳَ، نَسَ، تَنتَ، تَندُ، تاندورو، ڌاڳو

• **رِيش:** [ا - مث] ڏاڙهي، سُونهاري
* [ف]

— **رِيشائِيَلُ ج رِيشائِيَلَ:** [صفت - مذ] وڏيءِ ڏاڙهيءِ وارو

• **رِيشَمُ ج رِيشَمَ:** [ا - مذ] پَٽَ ڪِينئَين جي واتَ مان نڪتَل رَسُ جا تاندورا
* اَبريشَم، پَٽُ، سِلڪ، حَرِيرَ

— **رِيشَم فَروشُ ج رِيشَم فَروشَ:** [صفت] پَٽَ وِڪڻندڙ، پاٽولي
* [ف]

— **رِيشِمِي ج رِيشِمِي:** [صفت] پَٽَ جو، پَٽَ جهڙو، حَرِيري، مَخملي، بَخملي، اطلسي، سلڪي، لَسو

• **رِيشو:** [ا - مذ] نِسبَتَ، لاڳَ، پَرماڻَ، تَناسُبُ
* حِصو، پاڱو، پَتي
* سيڪڙو، پَرسَنٽيج
* [انگ: Ratio]

• **رِيعَ:** [ا - مث] فِلَ جي شَرَحَ، نِرخُ، بَها، اَگهه
* [ع]

— **رِيعَ بَندِي ج رِيعَ بَندِيُون:** [ا - مث] لابي جي شَرَحَ جو نَقشو
* [ع]

• **رِيعان:** [ا - مث] آغازِ جَواني، جوڀَنُ، قُوهَ جَواني
* ڪَنهن شيءِ جو بهتر حِصو، سُٺي ۾ سُٺو ٽُڪرو
* [ع]

• **رِيفرنڊَم:** [ا - مذ] راءِ شُماري، ڪَنهن سياسي مَرحَلي لاءِ بَراهِ راستِ عوامَ جي راءِ مَعلومُ ڪَرڻ جو عَمَلُ
* [انگ: Referendum]

• **رِيفرنس:** [ا - مذ] حَوالو، مَعرفَتَ
* تَعَلُقُ، نِسبَتَ
* اِشارو، ڏَسُ، پَتو
* [انگ: Reference]

• **رِيفري:** [ا - مذ] راندِ جو فيصلو ڪَندڙُ
* [انگ: Referee]

• **رِيفرِيجريٽَر:** [ا - مذ] ٿَڌِڪارو، هِڪَ قِسمَ جو ٿَڌو ڪَٻَٽُ (جنهن ۾ کاڌا يا پِيُون گهريلو ضروري شيُون ٿڌيُون ڪيون وينديُون آهِن)، فِرِج
* [انگ: Refrigerator]

• **رِيفرِيشمينٽ:** [ا - مث] تَفرِيح طَبَعَ لاءِ کاڌي پيتي ۾ ڪَم ايندڙُ هَلڪو کاڌو
* فَرحَتَ، آسائش
* [انگ: Refreshment]

— **رِيفرِيشمينٽ رُومُ:** [ا - مث] تَفرِيحَ طَبَعَ لاءِ هَلڪي کاڌي پيتي جي جاءِ، هوٽَلُ، کَهوو خانو
* ريلوي اِسٽيشَن تي نَهيَلَ تَفرِيحَ طَبَعَ جي جاءِ
* [انگ: Refreshment Room]

• **رِيفليڪشَن:** [ا - مث] عَڪس، اولڙو، ڪِرڻو، پرتوو
* موٽيَلُ روشني
* [انگ: Reflection]

• **رِيڪَ ج رِيڪُون:** [ا - مث] خَطَ پَٽَ، چِٺيون چِپائيُون، ٽَپال، ڊاڪ
* [س/ات]

— **رِيڪو ج رِيڪا:** [صفت - مذ] قاصِدُ، سَنيهو پَهچائيندڙُ، ٽَپالي، پيغامي
* [س/ات]
* [مث: رِيڪي ج رِيڪيُون]

• **رِيڪَ ج رِيڪُون:** [ا - مث] پَٽَڙي مِٽي، راڀڙو، رَبڙي
* [س/ٿ]

• **رِيڪڙو ج رِيڪڙا:** [ا - مذ] بيلِ گاڏي، ڏِڳي گاڏي، ڇَڪڙو
* [ڪڇ]

• **رِيڪمينڊيشَن:** [ا - مث] سِفارِش
* تَرجيحَ، اَوليَتَ
* آڪيراٽي
* [انگ: Recommendation]

— **ريگمالُ ج ريگمالَ:** [ا - مذ] ڪاٺ يا لوهه کي صاف ڪرڻ لاءِ هڪ قِسمَ جو ريتيءَ لڳل پنو، ريغمالُ
* [ف: ريگ + مال > ماليدن = مهٽڻ]

— **ريگمالي ج ريگمالِي:** [صفت] ڪاٺ يا لوهه کي پالش ڪندڙ، لسو ڪندڙ، گهندڙ، صاف ڪندڙ

— **ريگماهِي ج ريگماهِيُون:** [ا - مث] واريءَ ۾ رهندڙ هڪ قِسمَ جو ساندو، گلوئي، سقنقور
* [ف: ريگ = واري + ماهِي = مڇي]

• **ريگارو ج ريگارا:** [ا - مذ] پاڻيءَ جو ليڪو
* [س/ٺ]

• **ريگاڙِي ج ريگاڙِيُون:** [ا - مث] عَرَق يا رَتُ جو قطرو، ڦُڙو، ٽيپو
* ٿورو وهندڙ پاڻي، لار، ڌار
* [س/ات]

• **ريگِي ج ريگِيُون:** [ا - مث] لرزانق بار جي مادي، تنبَڻ
* [س/ات]

• **ريگيوليشن:** [ا - مذ] قاعِدو، قانونُ، ضابطو
* [انگ: Regulation]

• **ريڳاڙُ ج ريڳاڙَ:** [ا - مذ] ڪنهن زخم مان وهندڙ گند، ڳاڙو، روڳ، پُونءِ
* [س/ل/ڪوهه]

• **ريڳاڙو ج ريڳاڙا:** [ا - مذ] ڦُڙو، ٽيپو، قطرو، ٿميل پاڻي، ڳاڙو، ڳاڙ، ريڳاڙ
* داغُ، نِشانُ، ڇُٽو، ڏٻو
* [س/ات]

— **ريڳڙو ج ريڳڙا:** [ا - مذ] تمام ٿورو پاڻي، ڇڪو
* [س/ل]

• **ريڳِڙيارو ج ريڳِڙيارا:** [صفت - مذ] واريءَ سان پَربَل، پيوٽ
* چِنَل گودڙِين وارو
* فقير، پينو، گدا، گداگر
* [ف: ريگ = واري]

• **ريڳِڙِي ج ريڳِڙيُون:** [ا - مث] ٻل، گمراهِي

— **ريڳِڙيُون پٽڻُ:** [اصطلاح] ٻلائڻ، منجهائڻ، گمراهه ڪرڻ

• **ريگهي ج ريگهيُون:** [ا - مث] گِلٽو، چڙهو، ڏاڏر، چٽ، گرگهلي، ٿَل
* لالچ، لَبَ، ريبُ، لوڀ
* اَٽڪل بازي، حرفت، چالاڪِي
* هوشياري، سياڻپ، ڏاهپ

— **ريگهڙِي ج ريگهڙيُون:** [ا - مث] گِلٽو، چڙهو، ڏاڏر، چٽ، گرگهلي، ٿَل
* لالچ، لَبَ، ريبُ
* اَٽڪل بازي، حرفت، چالاڪِي، هوشيارِي
* سياڻپ، ڏاهپ، دانِشمَندِي

— **ريگهڙِي پٽڻُ:** [اصطلاح] چٽَ ڏيڻ، ڏاڏر ٻڌڻ، گِلٽا ٻڌڻ، چڙهو ڏيڻ
* ڏتارڻ، لالچائڻ، ريبڻ، لبڻ

• **ريگِٽو ج ريگِٽا:** [ا - مذ] واڱڻ، ٻاجِھيءَ جو هڪ قِسمُ
* [س/ڪچ]

• **ريلَ ج ريلُون:** [ا - مذ] لوهه جو پٽو، لوهه جو رستو، ريلوي لائين، پٽڙي
* آگ گاڏي، ريل گاڏي
* [انگ: Rail لوهه جو پٽو]

— **ريلَ ڇُٽڻُ:** [اصطلاح] نڪِرِ لڳڻ، جلدي ڪرڻ

— **ريلَ راندِ:** [ا - مث] هڪ قِسمَ جي ٻاراڻي راندِ (جنهن ۾ جهجها ٻار هڪٻئي جي قميصن جي ٻُڇيان واري دامن ۾ هٿ وجهي، ٻارن جي قطار جي ريل ناهي، ڊوڙندا آهن)

— **ريلوي ج ريلوي:** [ا - مذ] ريل گاڏيءَ جو رستو، ريل گاڏيءَ جي لاءِ مخصوص پٽڙيءَ وارو رستو
* [انگ: Rail+way]
* ريل جو محڪمو، ريلوي کاتو، ريل گاڏين جو انتظام هلائيندڙ کاتو
* [انگ: Railway]

— **ريلوي اِسٽيشن ج ريلوي اِسٽيشنُون:** [ا - مث] اُها مُقرر جاءِ، جتي ريل گاڏيون بيهن يا ڇُٽن، ريل گاڏيون بيهڻ يا ڇُٽڻ واري اِسٽيشن
* [انگ: Railway station]

—**رِيلوِي لائين ج رِيلوِي لائِينُون:** [ا - مث] رِيل گاڏِيءَ لاءِ ٺهيَلُ مَخصُوصُ رَستو، رِيل جِي پَٽڙِي، بَنڌُ
* [انگ: Railway line]

• **رِيلُ ج رِيلَ:** [ا - مذ] ڌاڳو، سَڳو، ڏورِ
* ڌاڳي کي ويڙهَڻَ وارِي ننڍِي چَڪرِي، ڊيرو، ڊيرِي، ڳوٽو، اوٽو
* وَڄائڻَ وارو رِيڪارڊُ، آڊيو ڪئسيٽِ (ڳوئائِن جو اِصطِلاح)
* وِيڊِيو ڪئسيٽ جِي رِيڪارڊِنگ ٽيپ
* [انگ: Reel]

—**رِيلُ ڀَڏائِڻُ:** [اصطلاح] ساڳِي ڳالِهه دُهرائِڻ، ساڳِي ماجَرا وَرِي وَرِي بَيان ڪَرَڻُ

• **رِيلَڻُ:** [مص - فعل لازمي] اُٿلَڻُ، مَٿان وَهَڻُ، اُٿِلي پَوَڻُ، پَلٽَڻُ، پَلٽو کائِڻُ، وافر ٿِيَڻُ، پَلٽِي پَوَڻُ
* اُپامَڻُ، اُقِرڪَڻُ
* فَصُلُ پَلو ٿِيَڻُ
* چَشم پوشِي ڪَرَڻُ، لَئي مِٽي ڪَرَڻُ، رِياءَ ڪَرَڻُ
* [رِيلِيو رِيلَندو رِيلِيَلُ]

—**رِيلَ ج رِيلُون:** [ا - مث] ٻوڏَ، ٻَرهَرو، ٻوڙ ٻوڙان، لِيٽَ، سيلابُ
* پَلٽو، اُٿَلَ، وافرائِي
* [پرا: ريل = اٿل]
* گاهَ وارو ميدانُ، ويءُ، چَراگاهَ
* سائِي جوءِ، مَلِير، آبادِ زَمِينَ، سَرسَبزُ زَمِينَ
* هيٺاهِين ۽ پاڻيائِي زَمِينَ، سيلابِي زَمِينَ، پوسَلِ وارِي زَمِينَ
* ٽيڪَرَ، ڪَپو تَلُ، گودَڙَ، وِيڏَرِ وَاِهارَ
* لاڙو، ڪاڍو، مِيلُ، رَغبَتَ، چِڪَ، چاهَ
* [ٻيلائي]
* چوسُولُ، چوُواٽو، چونڪَ، چوڏِڳِي
* [س/ٿ]

—**رِيلا ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] پَلٽا ڏِيَڻُ، لِيٽَ ٿِيَڻُ، وافر ٿِيَڻُ (پاڻيءَ جو)
* سِڪَ پيدا ٿِيَڻُ، تانگهائِڻُ، تاٿُڻُ، لاڙو ٿِيَڻُ

—**رِيل چِيلَ:** [ظرف] اڻ مَئو، جَهجهو، جام، گهڻو، بي اَندازَ وافر، بيحَد، بي اَنت، ٻَهُونَ، سَيهو، عام جام، ڍَنڍين ڍير

—**رِيلَ چِيلَ اَچَڻُ:** [اصطلاح] عام جام اَچَڻُ، تَمام گهڻي اَندازَ ۾ اَچَڻُ، ڳاٽاٽي ڪان ٻاهِر اَچَڻُ، بي اَندازَ اَچَڻُ، بيحَد اَچَڻُ، جَهجهو اَچَڻُ

—**رِيلَ چِيلَ هُئَڻُ:** [اصطلاح] جَهجهو هُئَڻُ، عام جام هُئَڻُ، گهڻو هُئَڻُ

—**رِيلو ج رِيلا:** [ا - مذ] وَهَ، وَهڪَرو ڳِٽ، ڌارَ وَهڪَ، لَٽَ، اوٽَ، سيرُ، رَوانِي
* نَدِي، ڌارا، نَهَر نَئَن
* [پرا: ريل]
* پيشابَ، ناڙا ڇوڙَ
* گهڻو خَيالُ، دِلِ جو مِيلُ، ڪَشِشِ، لاڙو، خواهِشِ، مَرضِي، شوقُ، رَغبَتَ
* مُحَبَتَ، عِشقُ، پيارُ، قُربُ، چاهَتَ

—**رِيلو ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] پيشابَ ڪَرَڻُ، ناڙا ڇوڙَ ڪَرَڻُ
* دَفعَ ڪَرَڻُ، ڏوڙِ وِجهَڻُ

—**رِيلِي پُون:** [ا - مث] زَمِينَ تان رِيلا ڪَري وَهيَلُ (مِينهُن)
* [ريلو + پون]

• **رِيلَڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڳولَڻُ، نِهارَڻُ، ڍُونڍَڻُ، جُستجُو ڪَرَڻُ، تَلاش ڪَرَڻُ
* [مص] رِيلَڻُ
* [امر] رِيل
* [رِيلِيو رِيلِيندو رِيلِيَلُ]

• **رِيمُ ج رِيمَ:** [ا - مذ] ڪاغَذَن جِي وِيهَن (20) دَستَن جو مَجموعو
* [انگ: Reem]

• **رِيماراشِي:** [ظرف] رَضا خوشِي، مرضِيءَ سان
* سَچ پَچ، سَچَ ۾، حَقِيقَتَ ۾، واقِعي
* [س/ات]

• **رِيمارڪ ج رِيمارڪس:** [ا - مث] راءِ، خَيالُ، قِياسِ آرائِي، وِيچارُ، تَبصِرو، رايو
* [انگ: Remark]

• **رِيمانڊ:** [ا - مذ] مُقَدَمي جِي مُهلَت، ڪُجهه عَرصي جِي مُهلَت
* [انگ: Remand]

• **رِيمائِينڊ:** [مص] يادِ ڏيارَڻُ، ذِهن نَشِين ڪَرائِڻُ
* [انگ: Remind]

• **زائِد:** [صفت/ظرف] زِياده. وَڌيڪ. واڌو. وَڌيَل. گهڻو وَڌيَل. فضُولُ. اَجايو. فالتو

* بَچَت. باچي

* [ع]

— **زائِدَالتّوصَفُ:** [ظرف] تعريف کان ٻاهِر

* گرامَر يا لُغتِ جي اُصولَن کان ٻاهِر

• **زائِرُ ج زائِرَ:** [صفت] زيارتَ ڪندڙ. زيارتَ لاءِ ويندڙ. جاترِي. زيارتِي. پانڌيئڙو

* [ع]

— **زائِرِ حَرَم:** [صفت] حَرَمَ شَرِيفَ جِي زيارتَ ڪَرڻَ وارو. حَجَ يا عُمري جو پانڌيئڙو. حاجي

— **زائِرِين:** [صفت] 'زائِرَ' جو جَمعُ. زيارتَ ڪندڙ. زيارتَ لاءِ ويندڙ. زيارتِي. پانڌيئڙا

— **زائِرِينِ حَج:** [صفت] حَجَ جي اِرادي سان وَڃڻَ وارا. حاجِي. حَجَ جا پانڌيئڙا

• **زائِفان ج زائِفاڻُون:** [ا - مث] عورتَ. ناري. زالَ. مائي

* [ع: ضَعِيفه = هيڻي]

— **زائِفاڻو ج زائِفاڻا:** [صفت - مذ] زائِفان يا عورتَ سان مَنسُوبُ. زائِفان جو. عورتَ وارو. عورتَ جو

* [مث: زائِفاڻي ج زائِفاڻيُون]

* [ڪنايہ] ماهَوارِي. حيضُ. ڪپڙا

• **زائِلُ ج زائِلَ:** [صفت] ضايع ٿيندڙ. گهَٽجندڙ. گهٽِ. اَڻپورو

* زِيانُ. ضايع. اَجايو. وِڃايَلُ. خَتمُ

* فانِي. بي بَقا

* [ع]

• **زائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] پائڻُ. سَمجهڻُ

* [مص] زائِڻُ

* [امر] زاءِ

* [زائيو زائيندو زايَلُ]

• **زائِيده:** [صفت] ڄَڻيَلُ. ڄاوَلُ. ڄاپيَلُ

* مُرڪبُ لَفظنِ ۾ ڪمِ ايندڙ (جيئن: نوزائيده وغيره)

* [ف]

• **زُبانَ ج زُبانُون:** [ا - مث] واتَ جي اَندرِ وارو اُهو عُضوو. جَنهن ۾ ذائِقو چَکڻَ ۽ ڳالهائڻَ جي صَلاحِيَتَ هُوندِي آهي. جيڀَ. لِسان

* ٻولِي. ڀاشا. لِسانيات. ڀاکا. لُغتِ (انگ: Language)

* وائِي. ڪَڇِي. چوڻي. سُخَنُ. ڪَلامُ. ڪَهاوَتَ

* ڳالهِ ٻولهِ. گُفتگو. ڳالهائڻَ. بيانُ

* لَفظِ. اَلفاظَ. شبد (جيئن: قُرآنَ جِي زُبانُ)

* اقرار. واعدو. اَنجامُ. وَچَنُ. قولُ

* شاهدِي. گواهِي

* سِتارَ جِي هِڪَ تارَ جو نالو

* [ف]

— **زُبان آوَرُ ج زُبان آوَرَ:** [صفت] خوش بَيانُ. شِيرين زُبانُ. خوش ڪَلامُ. فَصِيح زُبانُ

* شاعِر. ڪَوِي

* [ف: زبان + آور > آوردن = آڻڻ]

— **زُبانَ اَٽِڪَڻُ:** [اصطلاح] ڳالهائڻَ جهڙو ٿيڻُ. ڳالهِ ٻولهِ ڪَرڻُ. ڳالهائڻُ

* بَدِ شَدِ ڳالهائڻُ. گهٽِ وَڌِ ڳالهائڻُ

— **زُبانَ بِگِڙڻُ:** [اصطلاح] ٻولِي گَندِي ٿيڻُ. زُبانُ خَرابُ ٿيڻُ. گارِگَندَ جِي عادَتَ ٿيڻُ

— **زُبانَ بَندِ ٿيڻُ:** [اصطلاح] ڳالهائڻَ جِي قُوَتَ خَتمُ ٿيڻُ. زُبانُ رُڪجِي وَڃڻُ

* ڪَنهن جي سامهُون رُعبَ سَبَبِ ڳالهِ ڪَري نہ سَگهڻُ

* مَرڻَ وَقتِ ڳالهائڻَ جي طاقَتَ بَندِ ٿيڻُ

— **زُبانَ بَندِ رَکَڻُ:** [اصطلاح] خاموش ڪَرائڻُ. ڳالهائڻَ جو موقعو نہ ڏيڻُ

* ماٺِ رَهڻُ. ڪُجهہ بہ نہ ڪُڇڻُ

— **زُبانَ بَندِ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] ڳالهائڻَ کان روڪڻُ. ماٺِ ڪَرائڻُ

* خاموش رَهڻُ. چُپ رَهڻُ

— **زُبانَ ٻاهِرِ نِڪرَڻُ:** [اصطلاح] سَخت بيمار ٿيَڻُ. عَليلُ ٿيَڻُ

— **زُبانَ ڀڃَڻُ:** [اصطلاح] اَنجامُ نہ پاڙَڻُ. اَنجامُ ٽوڙَڻُ. واعِدو ڀڃَڻُ. قولُ نہ پاڙَڻُ. اِقرار پورو نہ ڪَرَڻُ. وَچَنُ نہ پاڙَڻُ

— **زُبانَ تارُونءَ ۾ ٻَنڌِ رَهَڻُ:** [اصطلاح] ڪُڇَڻَ جي طاقتَ نہ رَهَڻُ. بِلڪُل ڳالهائي نہ سَگهڻُ. زُبانَ تي مُهَرَ لَڳي وَڃَڻُ

— **زُبانَ تان مُهَرَ هَٽائِڻُ:** [اصطلاح] دِلِ جي ڳالهہ چَوَڻُ. خَواهِشِ بَيانُ ڪَرَڻُ

* اِقرارِ مُحَبَت ڪَرَڻُ

— **زُبانَ تي آڻَڻُ:** [اصطلاح] بَيانُ ڪَرَڻُ

* ظاهِر ڪَرَڻُ

— **زُبانَ تي چَڙهَڻُ:** [اصطلاح] ڪابہ ڳالهہ يڪدَمِ چِٽي وَڃَڻُ يا چِٽي ڇڏَڻُ

* يادِ اَچَڻُ

— **زُبانَ تي مُهُرَ هَڻَڻُ:** [اصطلاح] رَواجي ڳالهہ نہ ڪَري سَگهڻُ

* زُبانَ بَندِ ڪَري ڇڏَڻُ. ڳالهائِڻَ بَندِ ڪَري ڇڏَڻُ

* دَٻائي ڇڏَڻُ. هِيسائي ڇڏَڻُ

— **زُبانَ تي مُهُرَ هُجَڻُ:** [اصطلاح] ڳالهائي نہ سَگهڻُ

— **زُبانَ تي مُهُرَ هَئَڻُ:** [اصطلاح] مَجبُوريءَ ڪان حَقَ جو ڪَلمو چَئي نہ سَگهڻُ

— **زُبانَ جا ڏَڪَ هَڻَڻُ:** [اصطلاح] مِهِڻا ڏِيَڻُ. ڏُڪَ ڏوراپا ڏِيَڻُ

* گِلا ڪَرَڻُ. شِڪايَتَ ڪَرَڻُ

* گهڻِ وَڏِ ڳالهائِڻُ

— **زُبانَ جو چَسِڪو:** [ا - مذ] زُبانَ جو مَزو. واتِ جي لَذتَ

— **زُبانَ جو مِٺو:** [صفت - مذ] ڳالهائِڻَ جو مِٺو. مِٺَ ڳالهائُو. شِيرِين زُبانُ

* خوشامِدِڙيو. چاپلوُس. چَمچو

* مُرَوَتَ ۽ لِحاظَ سان هَلَڻَ وارو

— **زُبانَ جو مَزو:** [ا - مذ] واتَ جِي لَذتَ. واتَ جو سَوادُ

— **زُبانَ جِي مِٺائي ڪارائِڻُ:** [اصطلاح] رُڳو مِٺيُون ڳالهِيُون ڪَرَڻُ. ڳالهِينِ ۾ خوشِ رَکَڻُ

— **زُبانَ جَهلَڻُ:** [اصطلاح] ڳالهہ بَندِ ڪَرَڻُ

* زِيادَتِين باوجودِ وَڏَن جي اَڳيان نہ ڳالهائِڻُ

— **زُبانَ چَٽُ:** [صفت] زُبانَ چَٽيندَڙُ (**گهوڙو**)

* ٽِياڳو(**گهوڙو، گهوڙن جو اصطلاح**)

— **زُبانَ چورَڻُ:** [اصطلاح] بَيانُ ڏِيَڻُ. ڳالهائِڻُ

— **زُباندانُ ج زُباندانَ:** [صفت] زُبانَ وارو. ڪَنهِن ٻوليءَ جو ڄاڻُو

* عالِمُ. فاضِلُ

* گهڻيُون ٻوليُون ڄاڻَندَڙُ

* [ف: زبان + دان > دانستن = ڄاڻڻ]

— **زُبان داني ج زُباندانِيُون:** [ا - مث] زُبانَ جِي بَخُوبِي واقِفِيتَ. عِلمِ زُبان. لِسانِياتِ

— **زُبانَ دَٻائِڻُ:** [اصطلاح] ڳالهائِڻَ کان زُبانَ کي روڪَڻُ

— **زُبان دَرازُ ج زُبان دَرازَ:** [صفت] گهڻو ڳالهائِيندَڙُ. اَجايو ڳالهائِيندَڙُ. زِيادہ گو. بَڪواسِي. ٻَڙٻَڙِيو

* [**ف: زبان + دراز = ڊگهو**]

* ڪِنو ڳالهائِيندَڙُ. واتَ جو ڪِنو. بي اَدَبُ. گُستاخُ

— **زُبانَ دَراز ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] طولُ ڪَلامِي ڪَرَڻُ. ڳالهہ وَڌائي بَيانُ ڪَرَڻُ

— **زُبانَ دَراز هُئَڻُ:** [اصطلاح] بَڪواسِي هُئَڻُ. گُستاخُ هُئَڻُ

— **زُبان دَرازِي ج زُبان دَرازِيُون:** [ا - مث] گهڻِ وَڏِ ڳالهائِڻَ جِي حالَتَ. واهِيات گُفتَگو. بيهُوده گوئِي. فَحَش زُبانِي. بَدِ زُبانِي. گارِگَندُ. بيهُودِگِي. بي اَدَبِي. گُستاخِي

— **زُبان دَرازِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] گُستاخِي ڪَرَڻُ. بيهُودو بَڪَڻُ. گارِگَندُ ڪَرَڻُ. فاحِش بَڪَ ڪَرَڻُ

— **زِبانَ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] اَنجامُ ڏِيَڻُ. اِقرار ڪَرَڻُ. واعِدو ڪَرَڻُ. وَچَنُ ڏِيَڻُ. عَهدُ ڪَرَڻُ. قولُ ڪرڻ. ٻولُ ڪَرَڻُ. سُخَنُ ڪَرَڻُ

* دِلاسو ڏِيَڻُ. دِلداري ڏِيَڻُ

— **زُبانَ روڪَڻُ:** [اصطلاح] خَرابُ گُفتَگوءَ کان مَنعُ ڪَرَڻُ. بَدِگوئِيءَ کان بازِ رَکَڻُ

* ڳالهائِيندي ڳالهائِيندي رُڪجي وَڃَڻُ

* ڪورَٽِ ۾ شاهِدِيءَ کان رُڪجي وَڃَڻُ (**رِشوَتَ عيوَضِ**)

• **زَرخيزِ:** [صفت] زرِ پيدا ڪندڙ (زمين). گھڻي پيداوارِ ڪندڙ زمين، شادابَ
* اُپتائتو، نفعائتو، مثمر، اُپت وارو
* [ف: زر + خيز > برخواستن = اُٿڻ]

— **زَرخيزِي ج زَرخيزِيُون:** [ا - مث] ساوڪ، سرسبزي، شادابي، هريالي، ساواڻ (زمين جي)

• **زَردُ ج زَردَ:** [ا - مذ] رنگَ جو هڪ قسمُ. پيلو، هڳدو، زردو، ڦڪو، پٽرو، بسنتي، هڳداڻون، ڪئنسري
* [ف]
* گُلَ جو هڪ قِسمُ
* [لس]

— **زَرداڻِ:** [ا - مث] پيلائي، پيلاڻ، هڳداڻ، هڳدائي، ڦڪاڻ، ڦڪائي
* بيماريءَ جو هڪ قسمُ. يرقانُ، زرقانُ، سائي

— **زَردائِڻُ:** [مص - فعل لازمي] ڪُجھ قدر پيلاڻ تي ڏيکارجڻُ، هڳدائجڻُ
* [زردايو، زردائيندو، زردايَلُ]

— **زَردائِي ج زَردائِيُون:** [ا - مث] پيلاڻ، هڳداڻ، ڦڪاڻ، ڦڪائي

— **زَرد ٿِيڻُ:** [اصطلاح] بيماريءَ سَبَبِ پيلو ٿيڻُ
* لَجي ٿيڻُ، شرمندو ٿيڻُ

— **زَردرُو:** [صفت] زرد چهري وارو، ڦڪي منهن وارو
* [ف: زرد + رُو = منهن]
* شرمندو، خَجَلُ، شرمسارُ، لَجي
* خوفزده، ڊنَلُ
* ڪمزور، عَليلُ

— **زَردرُو ٿِيڻُ:** [اصطلاح] شرمندو ٿيڻُ، لَجي ٿيڻُ، خوفزده ٿيڻُ
* ڪمزور ٿيڻُ، نبلُ ٿيڻُ

— **زَردرُوئِي ج زَردرُوئِيُون:** [ا - مث] شرمساري، شرمندگي، ندامَتَ
* ڪمزوري

— **زَردو ج زَردا:** [ا - مذ] پيلو، پٽرو، هڳدو، بسنتي، ڪئنسري، ڦڪو، جھڪو، اوڏو، زعفران چھريَلُ

— **زَردي ج زَرديُون:** [ا - مث] زرداڻ، زردائي، هڳداڻ، ساواڻ، پيلاڻ، ڦڪاڻ، ڦڪائي
* بيضي جي اندرين هڳداڻ
* يرقانُ، سائي، ڪامڻُ، ڏؤنري (پرمانند)
* ڳچيءَ جو هڪ قِسمُ (جنهن جو ڏونڪو زرد ٿئي)
* گھوڙي جي ڏندن ۾ ڪارا داغ (جن مان عُمرِ معلوم ڪجي)

— **زَردي پِيوَڙِي:** [ا - مث] جنديءَ جي هُنَرَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رنگُ

— **زرديِڙو ج زرديِڙا:** [صفت - مذ] پيلاڻ جھڙو، هڳدائتو، پيلاڻ مائل

— **زَرديرو ج زَرديرا:** [صفت - مذ] پيلانجھو، پيلانجھڙو، هڳدسرو، بادامڙي

• **زرداري:** [ا - خاص] هڪ ذاتِ جو نالو
* [س/ات]

• **زَردالُو ج زَردالُو:** [ا - مذ] ميوي جو هڪ قِسمُ. ننڍو بادامُ
* [ف/انگ: Apricot]

• **زَردَشت:** [ا - مذ] آتش پرستن جو رَهبَر. (هي شخص 'منوچهر' بادشاهَ جي نسل مان هو ۽ 'فيثا غورث' حڪيم جو شاگردُ هو. هن 'گشتاسپ' بادشاهَ جي زماني ۾ نبوت جي دعوىٰ ڪئي ۽ آتش پرستيءَ جو دينُ برپا ڪيو). زرتشت
* [ف]

• **زَردو ج زَردا:** [ا - مذ] طعامَ جو هڪ قِسمُ. مٺو پُلاءُ، زرد رنگَ جا مِٺا چانور، چاشني
* هڪ قِسمَ جو ميوو، سَردو

• **زَرڙاٽُ ج زَرڙاٽَ:** [ا - مذ/صوتي] زورَ سان وڄڻ جو آوازُ، شرڙاٽ، شوشاٽُ

• **زَرِشڪُ ج زَرِشڪَ:** [ا - مذ] پسارڪي وکر جو هڪ قِسمُ
* نيپالَ ۾ ٿيندڙ ٻيرن جو هڪ قِسمُ

• **زَرعَ:** [ا - مذ] پوکَ، کيتي، ٻني
* [ف/ع]

— **زَرَعي ج زَرَعي:** [صفت] پوکَ لائق، آباديءَ لائق، کيتيءَ لائق، زراعت جھڙي

— **زَماني سازِي ج زَماني سازِيُون:** [ا - مث] خوشامَد، ظاهِرداري، بَناوَتَ

※ دُنياداري

※ حِيلو، وَسيلو

※ حالو چالو، جُڙيءَ کي جُس، کَس کَثر ۾ راضِي هُئَڻُ

— **زَماني سازِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] دُنياداريءَ وارو وَرتاءُ ڪَرَڻُ، خوشامَد ڪَرَڻُ، مَڪاري ۽ بَناوَتي ڳالهِيون ڪَرَڻُ

※ هَر حالَ ۾ خوش رَهَڻُ، جُڙيءَ کي جُس هُئَڻُ، کَس کَثر ۾ راضِي هُئَڻُ

— **زَماني کي مُنهُن ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] دَستُورَ ۽ عام قاعِدي موجِبَ هَلَڻُ

※ ڏُکيَن سَکيَن حالَتَن ۾ وَقتُ گُذارَڻُ

• **زُمَرِ:** [ا - خاص] قُرآن پاڪَ جي هِڪَ سُورَةَ جو نالو

''زُمَرُ'، 'زُخرفُ' سُومَرا، حَمد جَنِين جو هَنِدُ' (شاهہ/مارئي)

※ [ا - مث] جَماعَتَ، ٽولو

※ [ع]

• **زُمُردُ ج زُمُردَ:** [ا - مذ] هِيري جو هِڪَ قِسِمُ، سائي رَنگَ جو هِيرو، پَنو

※ [ف]

— **زُمُردِي:** [صفت] زُمرَدَ جهِڙو سائو، سَبز

• **زَمَرَڪُ ج زَمَرَڪَ:** [ا - مذ] ڏَکُ، سَزا، سيکَتِ، مالِي خواهَ جِسماني نُقصانُ پَهُچَڻُ، چوٽَ، بُرو اَچَڻَ جي حالَتَ

※ [س/ات]

— **زَمَرَڪُ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] سَخت سَزا ڏِيَڻُ، مارَ ڏِيَڻُ، هِيسائِڻُ، دَبائِڻُ

— **زَمَرَڪُ کائِڻُ:** [اصطلاح] ڏَکُ پَسائِڻُ

• **زُمرو ج زُمرا:** [ا - مذ] ٽولِي، جَماعَتَ، گِروهُ، ميڙُ، هُجُومُ، سَگَرُ، ساٿاري، ساٿُ، سَنگَ، صُحبَتَ

※ گَلَرَ، چانگَ، وَلَرَ، لَشڪَرُ، سِپاهُ، فوجَ، رِسالو، دَستو

※ [ع: زمرہ]

• **زَمزَم:** [ا - خاص] مَڪي شَرِيف ۾ ڪَعبَةَ اللّٰه شَرِيف جي پَرسانَ واقِع هِڪَ کُوهَ جو نالو (جَنهِن کُوهَ بابَتِ چَيو وَڃي ٿو ته بيبي هاجِره، حَضرَت اِسماعِيل عَليہ السَلامَ جي وِلادَتَ کان پوءِ کيس اُڃَ سَبَبِ سَندِس لاءِ پاڻيءَ جي تَلاش ۾ 'صَفا' ۽ 'مَروَه' جَبلن جي وِچَ ۾ هيڏانهُن هوڏانهُن ڊوڙَندي رَهي هُئي، خُدا تَعالىٰ جو شانُ، جو جَنهِن زَمِينَ جي ٽُڪري تي حَضرَت اِسماعِيل سُتو پيو هو، اُتي سَندَس پيرَن جي ڪُرڙِين هَڻَڻَ سَبَبِ پاڻي نِڪري پيو، جَنهِن پاڻي وَهِي هَلَڻَ لَڳو تَڏهِن بيبي سَڳوريءَ هِڪَ پَٿَر رَکي چَيو 'زَم زَم' يَعني 'ٿَم ٿَم' يا 'بيهُ بيهُ'. جيئَن ته هِي حَضرَت اِسماعِيل عَليہ السَلامَ جَن جو هِڪُ مُعجِزو هو ۽ خانہ ڪَعبہ ۾ به اِهو پاڻي اَجا سُوڌو اِستِعمالُ ٿِئي ٿو تَنهِنڪَري مُسَلمانَ اِنَ پاڻيءَ جي وَڏي عِزَتَ ڪَندا آهِن ۽ حاجِي پَنهِنجي مُلڪَ ۾ تَبَرڪَ طور آڻيندا آهِن، هِڪَ حَدِيثَ موجِبَ زَم زَم جو پاڻي مَرضَنِ واسِطي آبِ شِفا پڻ آهي)

※ [ع]

— **زمزِمي:** [ا - مث] آبِ زَم زَم رَکَڻَ لاءِ لوهَ يا پِلاسٽِڪ جي ننڍڙي دَبلِي

• **زِمِستان:** [ا - مذ] سَرديءَ جي موسَمَ، سِيارو

※ [ف]

• **زَمَنُ ج زَمَنَ:** [ا - مذ] زَمانو، وَقتُ، دورُ

※ [ڪنايہ] ڪائِناتِ، جَهانُ، دُنيا

'ساري زَمِين زَمَنَ ۾، جاهُ و جَلالُ تُنهِنجو' (احقر فقير)

※ [ع]

• **زمهرِير:** [ا - مث] سخت ٿَڌِ، سِيارو

※ سَرديءَ جي عَذابَ واري دوزَخ جي هِڪَ طبقي جو نالو

※ [ع]

• **زَمِينَ ج زَمِينُون:** [ا - مث] اَرضَ، ڀومَ، ڌَرتي، پرٿوي، پرٿِي، ڀونءِ، پَٽُ، ٿَرُ، ميدانُ

※ مُلڪُ، ديس، ڏيهُ، ديشُ

※ خاڪِ، مِٽي

※ کيتي، ٻَني

※ دُنيا، جَهانُ، عالَمُ، جَڳُتِ، سَنسارُ

※ بُنيادُ، جَڙَ، پاڙَ، هيٺيَون حِصو

※ بَحرَ، وَزنُ، طَرحَ (عَروضِي يا شاعِراڻي اِصطِلاحَ ۾)

※ [ف]

— **زَنگُ وِجَهڻُ:** [اصطلاح] عَداوَت وِجَهڻ، دُشمَني وِجَهڻ

• **زَنگبارُ:** [ا - خاص] آفريڪا جي هِڪَ مُلڪَ جو نالو

• **زَنگِي ج زَنگِي:** [ا - مذ] گُلَ جو هِڪُ قِسمُ

* [صفت] زَنگَ مُلڪَ جو وِينَلُ. حَبشي

* [ڪنايہ] ڪارو. سياھُ

'ظالِمَ، زُلفَ، زورآوَرَ زَنگِي، ڪَنِ تا قَتلُ قَهارَ' (وِيڙل فقير آبڙو)

* [ا - خاص] مَردَ جو نالو

• **زَنگِيا:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **زَنگِياڻِي:** [ا - خاص] ڪَلمَتي بَلوچَن جي هِڪَ پاڙي جو نالو

• **زَنگِيپوٽا:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

* [س/ات]

• **زَنگيجا:** [ا - خاص] بَلوچَن جي هِڪَ قَبيلي جو نالو

• **زَنگيزا:** [ا - خاص] قَبيلي جو نالو. زَنگيجا

* [س/ات]

• **زَنهارَ:** [ظرف] پَناھُ

* هَرگِز. ڪَڏَهِن نہ

* [ف]

• **زَنئورَ:** [ا - خاص] هِڪَ ذاتِ جو نالو

• **زُو:** [ا - مذ] جانوَرَن جو باغُ. چِڙيا گهر. جانوَر خانو

* [انگ: Zoo]

— **زُوجاگِرافِي:** [ا - مث] جانوَرَن جي جاگرافيائي ڄاڻ

* [انگ: Zoogeography]

— **زُولاجِي:** [ا - مث] عِلمِ حَياتيات (بائيولوجي) جي هِڪَ شاخَ. جانوَرَن بابَت عِلمُ. حيوانيات

* [انگ: Zoology]

— **زُولاجِيڪَل:** [صفت] جانوَرَن بابَت. جانوَرَن متعلق. حيواناتي. حيوانَن جو

* [انگ: Zoological]

• **زَوارُ ج زَوارَ:** [صفت] ڪَربَلا مُعَليٰ جي زيارَت ڪَندڙُ

* زيارَت ڪَندڙُ. زيارَتي

* [ع]

* [ا - خاص] مَردَ جو نالو

* هِڪَ ذاتِ جو نالو

— **زَوارِي ج زَوارِيُون:** [ا - مث] حَضرَت اِمام حُسين عَليہ السَلامَ جن جي روزي جي زيارَت. ڪَربَلا مُعَليٰ طرف سَفَر

• **زَوالُ ج زَوالَ:** [ا - مذ] ڪِرَڻَ جي حالَتَ. لاڙو. لاٿِ. تنَزلُ

* پُڄاڻي. پُڇاڙي

* [ضد: ڪَمالُ]

* زَبُون. چٽ. ڪِريَلُ

* گُم. ناس. ضايع

* ڪَمي. گهٽتائي. پَستي

* سِجَ لَٿِڻَ جو وَقتُ. لاڙو سِجَ جو. اَگِينءَ جو وَقتُ

* [ع]

— **زَوالَ جو وَقتُ:** [ا - مذ] ٽيون پَهَر. ٻَنپَهَرَن کان پوءِ جو وَقتُ

— **زَوالِيَتَ ج زَوالِيَتُون:** [ا - مث] گهٽتاءَ. لاڙو. موتَ. پويان پيرَ. پَٺُوتائي. زَوالُ. اَبتَري

* ساڙو. ڳارو. سوءَ. سارَ. ڳارَ

* بَربادِي. تَباهِي. اُجاڙُ. خانہ خَرابِي. سَتياناس. خانوخَرابُ

— **زَوالِي ڏِيڻُ:** [اصطلاح] موتَ پَهچائڻُ

* [س/ات]

• **زوجُ ج زوجَ:** [ا - مذ] جوڙو. زالُ مُڙسُ

* [ع]

— **زوجَہ ج زوجَهُون:** [ا - مث] زالُ. گهرَ وارِي. بِيبِي. اِستري. پَتني

* عورَتَ

— **زوجہ منڪوحہ:** [صفت - مث] نِڪاحَ ٻَڌِي زالُ

— **زوجِيَتَ:** [ا - مث] نِڪاحُ. عقَد. وِهانءُ

— **زوجِيَتَ ۾ آڻَڻُ:** [اصطلاح] نِڪاحَ ۾ آڻَڻُ. زالُ بَنائڻُ

• **زُودُ:** [صفت - ظرف] جلدِ. تِڪڙو. تُرتُ. نَهَ پَهَ. جهٽ پَٽ. فوراً. شِتاب. تِکو. اُمالڪَ. يَڪدَم. هِڪدَم. نَهَ طالِبو. اوچتو

* [ف]

— **زُودُرَس:** [صفت] تَمام ذَهِين. تيز فَهَمُ

* [ف: زود + رس > رَسِيدَن = پهچڻ]

— **زوراوَري ج زوراوَريُون:** **[ا - مث]** زورُ، ڏاڍُ، سَبَرائِي، زوري، جَبر، ڏاڍائِي، دَست دَرازي، ظُلمُ، شوخِي

* گهٽ، ٻوساٽ، دٻڙ دوُنس

* غَضَبُ، زورُ زَبَر

* ٻَلُ، طاقتَ، قوّتَ، زورُ، چوهه

— **زورائِتو ج زورائِتا:** **[صفت - مذ]** مَضبُوطُ، جاڏو، جَبرو، ٻَليارُ، ٻَلي، پُرٻل، ڪَڙاڪَڙي، سَگهو، سَگهارو، سَگهائِتو، سَبَرُ، زورَ ڀَريو، قُوَتي، سَتائِتو، ڦَرارو، تَوانو، سَتاڻو، پَلوانُ، پراڪَرمي، پَچَٽياٽُ، پَهچَ وارو، شَهزورُ

* **[مث: زورائِتي ج زورائِتيُون]**

— **زورِ ڀِلو ج زورِ ڀِلا:** **[صفت]** ڀلو، سُٺو، چَڱو

— **زورَ ڀَريو ج زورَ ڀَريا:** **[صفت]** طاقتمَندُ، مَضبُوطُ، طاقتوَرَ، جَبرو، ٻَليارُ، ٻَلي، پُرٻلُ، ڪَڙاڪَڙي، سَگهو، سَترو، سَگهارو، سَگهائِتو، قَوي، سَبَرُ، زورائِتو، زورَڀَريو، قُوَتي، سَتائِتو، ڦَرارو، تَوانو، سَتاڻو، جاڻُنو، سَٽَرُ وَٽَرُ، دوُنسو، مَتارو

* **[مث: زورَ ڀَري ج زورَ ڀَريُون]**

— **زورَ تي چَڙهَڻُ:** **[اصطلاح]** طاقتَ وَٺَڻُ، زورُ وَٺَڻُ

* ڏاڍائِيءَ سان مَٿي اَچَڻُ

— **زورُ جَتائِڻُ:** **[اصطلاح]** طاقتَ ظاهِر ڪَرَڻُ

— **زورَ جِي مينڊِي هَڻَڻُ:** **[اصطلاح]** مَرضِيءَ جي خِلافُ ڪَمُ ڪَرَڻُ

— **زورَ جِي مِينڊِي نـہ لَڳَڻُ:** **[اصطلاح]** رَضامَنديءَ کانسِواءِ ڪَمُ سَر اَنجامُ نـہ ٿِيَڻُ

— **زوردارُ ج زوردارَ:** **[صفت]** زورَ وارو، زورائِتو، زَبرو

* قَوي، پَهلوانُ، تَوانا، طاقتوَرَ

* **[ف: زور + دار > داشتن = رکڻ]**

— **زور داغُ ج زورداغَ:** **[ا - مذ]** طاقتَ جو داغُ

— **زور داغُ ڏِيَڻُ:** **[اصطلاح]** گهوڙي کي طاقتَ ۽ صِحَتَ لاءِ داغُ ڏِيَڻُ

— **زورُ ڏيکارَڻُ:** **[اصطلاح]** طاقتَ ظاهِر ڪَرَڻُ، ٻَلُ ڏيکارَڻُ

* دَٻاءُ وِجهَڻُ

* هلَندي پَچَندي ظاهِر ڪَرَڻُ

* ڏاڍائِي ڏيکارَڻُ

— **زورَ ڏِيَڻُ:** **[اصطلاح]** ڀيڙون ڏِيَڻُ، مَٺَڻُ، چاپَڻُ، مَنائَڻُ، سَگهارِيون هَڻَڻُ

* طاقتَ ڏيکارَڻُ، زورُ آزمائِڻُ

* حَرٻا هَلائِڻُ، وَس ڪَرَڻُ

* بَهادُري ڏيکارَڻُ

* هَٿَن سان لِڱَن تي مَروڙا ڏِيَڻُ (فرحتَ خاطِر)

* شَدَ مَدَ سان چَوَڻُ

* جَهلي بِيهَڻُ

* ٿَنيَڻُ

* پٺڀرائِي ڪَرَڻُ، مَدَدَ ڪَرَڻُ

* تاڪِيدُ ڪَرَڻُ

* مَجبُورُ ڪَرَڻُ

* قُوَتَ ڏِيَڻُ

* سَخت ڪَرَڻُ

* ڪو لَفظ زورَ سان ڳالهائِڻُ

— **زورُ ڏيئِي بِيهڻُ:** **[اصطلاح]** تَمام گَهڻي ڪوشِش ڪَرَڻُ، هَرَڪي حَرٻا آزمائِڻُ، وَسَ آهَرِ ڪوشِش ڪَرَڻُ، سَڀُ حِيلا هَلائِڻُ

— **زورُ شورُ ج زورَ شورَ:** **[ا - مذ]** تيزِي، شِدَتَ، سَختِي، تيکُ، تاءُ

* جَذبو، جُنونُ، وَلوَلو، جوشُ

— **زورُ ڪَڍَڻُ:** **[اصطلاح]** زورُ گهٽائِڻُ، سَگهه ڪَڍَڻُ، ڪَمزورُ ڪَرَڻُ

— **زورُ ڪَرَڻُ:** **[اصطلاح]** زورُ لَڳائِڻُ، ڪوشِش ڪَرَڻُ، طاقتَ آزمائِڻُ، حَربو هَلائِڻُ

* زوري ڪَرَڻُ، لاچارُ ڪَرَ، مَجبُورُ ڪَرَڻُ، دَٻائِڻُ

* مِنتَ ڪَرَڻُ، آزي ڪَرَڻُ

— **زورَ لائي بِيهَڻُ:** **[اصطلاح]** سَڀُ حِيلا وَسِيلا هَلائي بِيهَڻُ

— **زورُ لَڳائِڻُ:** **[اصطلاح]** طاقتَ لَڳائِڻُ، زورُ ڪَرَڻُ

* هِمَتَ ڪَرَڻُ، ڪوشِش ڪَرَڻُ

* مَدَدَ ڪَرَڻُ

* ڏِڪو ڏِيَڻُ، ٺيلهَڻُ

* مُجامِعَتَ ڪَرَڻُ

— **زَهَرَ جو ڍُڪُ پيئَڻُ:** [اصطلاح] صبر ڪرڻ، غم کائي وڃڻ، نہ برداشتِ ڪري سگهڻ واري ڳالهہ برداشت ڪرڻ

— **زَهَرَ جي چُرِي هُئَڻُ:** [اصطلاح] تمام خوفناڪ هئڻ

— **زَهَرُدارُ:** [صفت] زهر سان ڀريل، زهريلو، زهر وارو، زهري، وهہ ڀريو

— **زَهَرُ ڏيڻُ:** [اصطلاح] زهر کارائڻ، زهر ڏيئي مارڻ، زهر سان مارڻ

— **زَهَرِ قاتِل:** [صفت] مهلڪ زهر، مارڻ وارو زهر

— **زَهَرُ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] تلخ ڪرڻ، ڪڙو ڪرڻ، وهہ ڪرڻ، وِڪ ڪرڻ

* سخت پريشان ڪرڻ

— **زَهَرُ ڪَري ڏِيڻُ:** [اصطلاح] تلخ ڪري ڏيڻ، ناگوار ڪري ڏيڻ، بدمزي ڪري ڏيڻ

* سخت پريشان ڪرڻ

— **زَهَرُ کائِڻُ:** [اصطلاح] ڪا ماريندڙ شيءِ کائڻ

* جان ڏيڻ، مرڻ

* قرباني ڏيڻ، پاڻ کي تڪليف ڏئي ٻئي لاءِ ڀلو ڪرڻ

— **زَهَرُ لَڳَڻُ:** [اصطلاح] ناگوار لڳڻ، خراب لڳڻ، ڪڙو لڳڻ

— **زَهَر مُهرو:** [ا - مذ] زهر کي ختم ڪندڙ پٿر جو هڪ قسم (جيڪو دوا طور ڪم ايندو آهي)

— **زَهَر ناڪ:** [صفت] زهر وارو، زهر سان ڀريل، زهريلو

— **زَهَرُ واتَ پِيريو هُئَڻُ:** [اصطلاح] سخت مصيبت ۾ بہ چپ رهڻ

* ڪنهن عزيز جي موت هئڻ ڪري سوڳ ۾ هجڻ

— **زَهَرُ هارَڻُ:** [اصطلاح] اندر جو غصو يا رنج ٻئي جي مٿان ڪڍڻ

— **زَهَري ج زَهَرِي:** [صفت] زهر وارو، وِڪ، وهہ وارو، زهر وارو، اثرائتو، زهريلو، وَڪَ ڀريو

* ڪڙو، تلخ، ڪئوڙو

— **زَهَرِيلو ج زَهَرِيلا:** [صفت - مذ] زهر وارو، زهردار، زهري

* [مث: زَهَرِيلي ج زَهَرِيليون]

• **زَهرا:** [ا - مث] خاتونِ جنت بيبي فاطمة الزهرىٰ سلام الله عليها جن جو لقب

* [ع]

• **زُهرائِي:** [ا - خاص] دَرڪائي بلوچن جو هڪ پاڙو

• **زَهرُ ڪُچلو:** [ا - مذ] ٻسارڪي وَڪر جو هڪ قسم

• **زَهرُ ڪوچلو:** [ا - مذ] ٻسارڪي وَڪر جو هڪ قسم، زهر ڪچلو

• **زَهرُڪوڪِلو:** [ا - مذ] گاهہ جو هڪ قسم

* [س/ٿ]

• **زُهره:** [ا - مذ] هڪ گرهہ جو نالو، شڪر گرهہ، زهرو، نظامِ شمسيءَ جو سڀني کان روشن ۽ ٻيو نمبر وڏو گرهہ (جنهن کي حسن جي ديويءَ سان تشبيهہ پڻ ڏني ويندي آهي)، Venus

* [ع]

— **زُهره جَبِينُ:** [صفت - مث] زهره سياري جهڙي خوبصورت پيشانيءَ واري

* خوبصورت، ماهہ پيڪر

* [ع: زهره + ف: جبين = پيشاني]

— **زُهرو ج زُهرا:** [ا - مذ] زهره

• **زَهَرِي:** [ا - خاص] بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو

* بلوچستان جي 'جهالاوان' علائقي ۾ هڪ ضلعي جو نالو (تاريخ بلوچستان)

• **زَهِمُرُ:** [ا - مذ] هڪ ول جو نالو، وڻ ويڙهيءَ جو هڪ قسم، ٻي پاڙي

* [س/ڪوهہ]

* سرندي جي وڄت

* جهمر جو تار

• **زَهمِي:** [ا - مث] زعم

* زور

* ڪاوڙ

* ڪست (ٻيلاين جا ٻول)

* [س/ڪوهہ]

• **زِهي:** [ح - ندا] وهه واهہ، شاباس

* [ف]

— **زِهي قِسمَت:** [ح - ندا] واهہ، خوش نصيبي

— **زِهي نَصِيبُ:** [ح - ندا] واهه، خوش نصيبي

# Mufasil Sindhi Lughat

## Vol- VI

(ڏ - ڊ - ڍ - ذ - ر - ڙ ۽ ز)

Culture Department
Government of Sindh

Sindhi Language Authority

ISBN: 978-969-6251-85-9
9 789696 251859